
مُنهنجو
صحرا
سُڏڪي ٿو
امر رائيسنگهه راجپوت

منهنجو صحرا سڏڪي ٿو...!

امر رائيسنگهه راجپوت

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
2017ع

ڪتاب نمبر(1)

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!
مصنف : امر رائيسنگهه راجپوت
ڇاپو پهريون: مارچ 2016 ع
ڇپائيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن ،ٿرپارڪر
ڪمپوزنگ: مُڪيش هميراڻي، ساگر ڪمپيوٽرس مٺي
قيمت: 200/_ (ٻه سؤ رپيا)

MUHANJO SAHRA SUDAKI THO…!
By: Amar Raisingh Rajput
1st Edition: ©March 2016
Published by: Samroti Publiction Mithi Tharparkar
Composing: Mukesh Hamirani, Sagar Computars Mithi
Price Rs. 200/-

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو حيدرآباد_ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد_
شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهه_ ڪانياواڙا اسٽور اردو بارازڪراچي_رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو_
مهراڻ ڪتاب، ڪپرو_العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ_المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو_
ٿر ڪتاب گهر، مٺي_ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص_المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ_
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ_مرچولال بوڪ ڊيپو بدين_سوجهرو ڪتاب گهر، بدين_
مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر_سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور_وسيم ڪتاب گهر شڪارپور_
سچل ڪتاب گهر، دڙا_ڪنول ڪتاب گهر، مورو_
سارنگ ڪتاب گهر ڪنڊيارو

ارپنا

ٿر جي نامور شاعر،
اديب ۽ برک صحافي
پريم شيواڻي
جي
نانءُ

_امر رائيسنگهہ راجپوت

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ **امر رائيسنگهه راجپوت** آهي.

امر رائيسنگهه راجپوت دردوندي جي ديس جو نوجوان ليکڪ آهي، جنهن جو ڏڪاريل ڏيهه ٿر جي پسمنظر ۾ لکيل پهريون ڪتاب ”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ٿر ۽ ٿر جي ماروئڙن جي ڏکن، ڏولاون، ڏکار جي موتمار صورتحال سان گڏ وسڪاري جي اڏورين آشائن جون ڪٿائون آهن، جيڪي مضمونن ۽ تاثر جي روپ ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

هي ڪتاب سامروتي پبليڪيشن، ٿرپارڪار پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرمواڻيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- اداري پاران (پرڪاش ڪرمواٽي) (8)
- مهاڳ (شوڪت حُسين شورو) (9)
- دردِ دل رڪندڙ سادڙو ليڪڪ (خالد ڪنيار) (11)
- لفظن سان زندگي جا داستان بيان ڪندڙ(شهاب نهڙيو) (15)
- ميگهه ورشا پُڄاڻان (دليپ ڪوناري) (17)
- مورن جي ديس جون درد ڪٿائون (ڪلاڌر مُتوا) (19)
- پنهنجي پاران (امر رائسينگهه راجپوت) (26)

- منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو (29)
- سرلان جنهن لئه سنڌ سُڏڪي ٿي (40)
- ٿوهرن جهڙيون مسافريون (44)
- هيلوڪو وسڪارو اڌوريون آشائون ۽ ڏياري (49)
- ٿر ۽ اُٺ (54)
- اڄ آڪاٽي آهي (65)
- سياڙي سورٺ پلي (71)
- قديم سنڌ جو روشنين وارو شهر ڏيپلو (74)
- پاٽهيارين جا پنڌ (79)
- سانوڻ ٽيج: هڪ رومانس پريو ڏڻ (84)
- سنڌ جي تهذيب جا ٻه اهم علائقا ڍاٽ ۽ مارواڙ (88)

- اُداس دلين جو درد ۽ رات راڻيءَ جا سُڏڪا (100)
- محبت بادشاھ آهي (104)
- اسين خود بهارن لئه پٽڪون پيا (109)
- ڏڪارن جا ڏمر ۽ ڏياري (112)
- آسمان مان ڪريل اٺو ڄار جي ٿار ۾ اٽڪي پيو (116)
- دکي دلين جو درد ۽ ديوالي (120)
- صحرا سوڳوار آهي (123)
- ڏياري رو ڏيئو ڏنو نندو وڏو چيڙ منو (126)
- وسڪارو (129)
- سنئون سڄڻ من ويري (132)
- ٿر جا ڳوٺ ۽ ڳوناٽن جو ڏينهن ملهائڻ واري تجويز (136)
- گڏيءَ ڪان گوڙدرو تائين...! (141)

اداري پاران

بارش جي پهرين بوند جهڙو ڪتاب

اسان سامروٽيءَ مئگزين جو سلسلو جديد ليکڪن کي همٿائڻ لاءِ جيئن شروع ڪيو تہ اسان کي توقع کان وڌيڪ محبتون ۽ مان مليو. اُهو سلسلو برقرار رکي اسان هڪ قدم اڳتي ڪٽي سامروٽي پبليڪيشن کي شروع ڪري خوشي ٿا محسوس ڪريون. ڏکين حالتن باوجود اسان اڳتي وڌڻ، ادبي دنيا ۾ پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ کي اسان وڌيڪ اهميت جوڳو سمجهون ٿا. سامروٽي پبليڪيشن جو نئون سفر صرف ادبي خدمت جي جذبي تحت آهي. اسان چاهيون ٿا تہ نوجوان قلمڪارن کي هڪ نئون پليٽ فارم مهيا ٿئي. ڪاروباريءَ ذهنيت کان هٽي ڪري نئين ويساهہ کي ادبي ميدان ۾ اجاگر ڪجي. هن نئين سفر جي شروعات اسان ٿر جي نوجوان باصلاحيت شاعر ۽ ليکڪ امر رائيسنگهہ راجپوت جي نثري مجموعي ”منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو“ سان ڪري رهيا آهيون.

امر رائيسنگهہ اپرنڊڙ ۽ متاثر ڪندڙ بهترين نوجوان شاعر ۽ ليکڪ آهي. سامروٽي پبليڪيشن جو هِيءَ پهريون ڪتاب آهي. چوندا آهن تہ بارش جي پهرين بُوند بيمقصد ناهي هوندي، ڇو جو اُن مان ئي مٽيءَ جي حَسين مهڪ اُپرندي آهي. اسان هي سلسلو هي قافلو اڳتي وٺي وڃڻ جا آرزومند آهيون، ۽ اِها اُميد ٿا ڪريون تہ سنڌ جون ساڃاهہ وند ڌريون اسان جو ساٿ ڏينديون. اسان جي حوصلا افزائي ڪنديون. اُميد تہ اسان جي هي پهرين ڪاوش دل سان قبول پوندي.

پرڪاش ڪرماڻي
سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
03333173584
Karmanipirkash2014@gmail.com

مهاڳ

امر رائيسنگهہ راجپوت دردوندي جي ديس جو نوجوان ليکڪ آهي، جنهن جو ڏڪاريل ڏيهہ ٿر جي پيس منظر ۾ لکيل پهريون ڪتاب ”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!“ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب ۾ ٿر ۽ ٿر جي ماروئڙن جي ڏکن، ڏولاون، ڏڪار جي موتمار صورتحال سان گڏ وسڪاري جي اڏورين آشائن جون ڪٿائون آهن، جيڪي مضمونن ۽ تاثر جي روپ ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

ڪتاب جو پهريون تاثراتي ليک ”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!“ حساس دل پڙهندڙ کي سچ پچ سڏڪائي وجهي ٿو. امر رائيسنگهہ ٿر جي ڌرتي، ٿر جي آڪاس، ٿر جي مسڪين ماروئڙن ۽ سندن معصوم ٻارن سان ٽيندڙ موت جي هاڃن سان گڏ ٿر جي پکين، پسوئن خاص طور مورن، ٿر جي وڻن ٻوٽن بابت بيانيہ کي دل ڇهندڙ انداز ۾ لکيو آهي. هن ليک ۾ ٿر جي اُڃايل ڌرتي آڪاس کي پڪاري ٿي، پر انڌو، گونگو ٻوڙو آڪاس نہ ڏسي ٿو نہ ٻڌي ٿو نہ وسي ٿو.

امر رائيسنگهہ صحرا جا جيڪي درد بيان ڪيا آهن تن جو انت آهي ڪونہ. هر درد پاڻ سان گڏ اهو سوال کڻي اچي ٿو تہ ڇا صحرا جي نصيب ۾ رڳو سُڏڪڻ آهي! هر گذرندڙ پل پيئڻ نانگ وانگر سونگهي ساهہ ڪڍي ٿو هر گذرندڙ پل سان گڏ صحرا سڏڪندو رهي ٿو.

امر رائيسنگهہ جي ڪتاب ۾ صحرا جي سڏڪن جو آواز ايترو تہ زوردار ۽ اثرائتو آهي جو پڙهندڙ کي اڳتي پڙهڻ جي همت نئين سر پيدا ڪرڻي پوي ٿي. ٿر بابت گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ لکيو پيو وڃي، پر ”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!“ جهڙي احساساتي ڪيفيتن سان ڀرپور لکڻي اڳي منهنجي نظر مان نہ گذري آهي.

امر پنهنجن سمورن مضمونن ۾ ان جادوئي بيانيہ واري اسلوب کي قائم رکيو آهي. سرلا ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ سنڌ اچڻ لاءِ لاهور جي ريلوي اسٽيشن تي پاءُ جي پاڪرن ۾ دم ڏنو ان دل ڏاريندڙ واقعي کي امر بيحد دردمنديءَ سان بيان ڪيو آهي. ورهاڱي جي پيدا ڪيل هاڃن جو درد اڻ کٽ آهي. سرلا جي ڪٿا بہ ورهاڱي جي پيڙائن جو تسلسل آهي.

ٿر جي ٿوهرن جو درد بہ ٿري ڄاڻن. امر رائيسنگھہ اهو سچ لکيو آهي. هو انهن اداس ٿوهرن جي پلئہ جي ڇانوَ ۾ پليو آهي. انهن سان گڏ پوڙھائن وارا سفر پوڙهيا اٿس. انهن سان گڏ پن ڇڻ ۾ پيلو ٿي ڇڻيو آهي. ڏڪارن جا ڏنجهہ پوڙهيا اٿس.... تڏهن تہ هو ٿوهرن جو درد چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

ٿر جي ماروئڙن جي لاءِ امر جي لکيل ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هنن جون دليون روهيڙي جا رتا گُل آهن. هنن جا مومي مزاج ماکي جهڙا مٺا آهن. هن ديس ۾ رهي هو ٻيو ڪجهہ ڄاڻن نہ ڄاڻن پر سور سهڻ ۽ محبتون ونڊڻ ضرور ڄاڻن ٿا.

آئون ڪيترا ڀيرا ٿر ويو آهيان. ٿر بابت رائچند هريجن ۽ منگهارام اوجها ۽ ٻين ليکڪن جا ڪتاب ۽ ليک پڙهيا اٿم. ٿر جي ڏڪار ۽ معصوم ٿري ٻارن جي موتن بابت اخبارن ۽ ٽي. وي. چئنلن تي خبرن مان واقف آهيان – پر امر رائيسنگهہ جي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ مون کي لڳو تہ ٿر بابت منهنجي ڄاڻ اڌوري هئي، منهنجا احساس مٺاڇرا هئا. ٿر بابت احساساتي ڪيفيتون مون کي ”منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!“ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ گهرائي سان محسوس ٿيون. مون کي پڪ آهي هر پڙهندڙ جي من ۾ هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اهڙا ئي احساس پيدا ٿيندا.

”ساوڻ ٽيج – هڪ رومانس ڀريو ڏڻ“ ٿريلين جي سَرهاين ۽ خوشين بابت هڪ شاندار ليک آهي. ٿر جي ڌرتي، ان جي ثقافت، لوڪ رنگ بابت امر رائيسنگهہ جا سمورا مضمون اندلٺ جي رنگن جيان ملوڪ ۽ موهيندڙ آهن. انهن ليکن جي ليکي ڪرڻ کان بهتر آهي تہ پڙهندڙن تي ڇڏجي تہ اهي پاڻ امر جي منفرد لکڻيءَ جا مکياري ٿين.

البت هڪڙي اهم ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. سنڌي ادب ۾ مضمون نگاري جي صنف ورهاڱي کان پوءِ جڻ ختم ٿي ويل صنف بنجي وئي. پرمانند ميوارام، ڄيٺمل پرسرام، لالچند امرڏنو مل، مرزا قليچ بيگ، محمد اسماعيل عرساڻي سنڌيءَ جا وڏا مضمون نگار ٿي گذريا آهن. پر هنن کان پوءِ سنڌي ادب ۾ سج ٿي وئي. امر رائيسنگهہ بلاشڪ مضمون نگاري جي صنف کي نئين سر جياريو آهي. شاعراڻي اسلوب، خوبصورت ٻوليءَ ۾ لکيل سندس مضمون سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافو آهن.

– شوڪت حسين شورو

دردِ دل رکندڙ سادڙو ليکڪ

راجپوتن جي رت ۾ هجڻ ته تلوار جا تجلا ڪپن. راجپوت سونهي ته رڻ ڀومي ۾ ٿو. رڻ ڀومي ۾ راجپوتن جون تلوارون سدائين وطن سان بي پناهه محبت ۽ عشق جي ڪري اٿنديون رهيون آهن. قلم تلوار کان تکو آهي. اها اڪابرن جي ڳالهه آهي . پر پاڻ تلوار ۽ قلم مان، جي چونڊ ڪرڻي پئي ته چونڊ تلوار جي ڪنداسين. اها هر ڪنهن جي سندي مرضي آهي. جيڪڏهن ڪير قلم جي چونڊ ڪري ته به مرضي وارو آهي. هيستائين تاريخ راجپوتن جي لکي وئي آهي. انهي سان ڪتاب ڀريا پيا آهن. اُهي ڪٿي چئون ته راجپوتن جي سورهيائي سپوتائي تي چارڻن، ڀاٽن، ڀانن کان وٺي ڪيترو ئي ادب آهي جيڪو راجپوتن تي سرجيو ويو آهي. راجپوت تاريخ جا هيروز به رهيا آهن . اهو به وطن سان محبت جي ڪري. هاڻ جڏهن نه تلوارون رهيون آهن ۽ وري رڻ ڀومي جا ميدان تبديل ٿيا آهن ته راجپوتن ۾ وطن سان محبت جو اظهار قلم جي مس ذريعي ظاهر ٿيو آهي . هيستائين ٿر مان منهنجي نظر ۾ رجپوت دليپ سنگهه ڪانسواءِ ڪو اهڙو رائيٽر ناهي گذريو جنهن جو ذڪر هتي ڪجي . پر آئون لکڻ وينو آهيان امر راءِ سنگهه راجپوت جي ڪتاب منهنجو صحرا سڏڪي ٿو تي. هن ڪتاب جي نالي ۾ جيڪا پيڙاءِ ۽ درد آهي. اهو نالي پڙهندي ئي محسوس ٿئي ٿو. هي نالو پڙهندي جيڪڏهن ڪو پٽ تي وينل هجي ته اهو اهين محسوس ڪندو جڻ هن جي چوڌاري بيٺل وڻ ، ٻوٽا، پٿون ڏهرن ۾ ڪارا ڪوهه انهن ڪوهن تي اسڙڪندڙ مال سڪل اواڙن ۾ ڇهنيون هٽندڙ پکي سنسان پيير واٽون تپندڙ واري سڀ ڪجهه سڏڪي رهيو آهي . روئڻ ۾ به وري سڏڪي تي سڏڪو. انهي ڪتاب جو پهريون مضمون ئي انهي عنوان سان آهي. انهي پهرئين مضمون جي پهرئين سٽ ۾ سنئوڻ سڄڻ من ويري هن هڪڙي لوڪ ڏاهپ جي چوٽي تي ڪيترو ڳالهائجي ۽ ڪئين ڳالهائجي اهو ڪو ٿر جي پوڙهو ئي ڳالهائي سگهي ٿو . جيڪو سنئوڻ ٻولائيندو هجي. اها ئي ٿر جي ڏاهپ آهي جنهن کان هن ڪتاب شروع ڪيو آهي انهي پهرئين سٽ کان اڳتي ٿر جي پيڙا جا پيرا جئين راءِ سنگهه ليکيا آهن . يا اُهين ڪٿي چئون ته هن

ٿر جي درد کي لفظن ۾ محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اهو اوهين پاڻ پڙهندا ۽ پڙهندي پڙهندي جي ٿر کي پنهنجي اندر محسوس ڪندا تڏهن ئي اوهان کي خبر پوندي تہ ٿر ڇا آهي . ٿي سگهي اوهين پاڻ اهو پڙهندي ڪٿي ٿر جي درد جي علامت نہ بڻجي وڃو. اهي سڏڪا ڪٿي اوهان جي رڳ رڳ مان نہ اٿن انهي مضمون کان اڳتي هن جو بيو مضمون سرلان جي سرير جي پيڙا تي آهي . جيڪا سرحدي ليکي کان هن پاسي آهي . هن پاسي ويهي هو ڪئين پنهنجي وطن ڏانهن اڇڻ جي تانگهہ ۾ آهي هو اتي وڻن کي رکڙيون ٻڌي ٿي .هن اتي وڻن کي ٻوهہ ٻلايا پاءِ بہ ڪيا آهن . ۽ اتان ايندي لاهور ۾ هن جا پساهہ پورا ٿين ٿا ۽ هن جي مٽي وري سرحد پار وڃي ٿي . اڇڻ جي باوجود بہ هو پنهنجي وطن کي نہ تہ اکين سان ڏسي ٿي ۽ نہ ئي وري هن جي مٽي پنهنجي مٽي سان ملي ٿي نہ وري هن جون هڏيون ساڙڏرو يا سنڌو جي لهرن ۾ لوڙهن ٿيون. هن اهو محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . انهي کان اڳتي هن جو بيو مضمون ٿوهرن جهڙيون مسافريون آهي . انهي ۾ هن ٿر جي درد جا وري عڪس چٽيا آهن . انهي ۾ هن هڪڙو جملو لکيا پيا لوڙهيون ۽ ماروئڙن لئہ ڳوپ لفظ استعمال ڪيو آهي. اهين اسان جا ماروئڙا ڳوپ آهن بہ سهي . انهي ئي مضمون ۾ لطيف جي هڪڙي سٽ لکي اٿس " ڏونگا آچ م تن منگڻ جني مهڻو" اها هڪڙي سٽ ئي ٿر ۾ ڏڪار جي ڪري بئراج ۾ لهي ايندڙ مارو ماڻهن جي عڪاسي ڪري ٿو. انهي مضمون ۾ هن ٿر جي ماڻهن جي بيمارين ۾ پنهنجا لوڪ ڏاهپ وارا ڏس بہ لکيا آهن . بخار ۾ ڇار جا پن ۽ اڪن جا پڙڪلا ڇاتين تي ٻڌي نم گهوٽي پئيندا ۽ جئيندا آهيون. امر راءِ سنگهہ جي گهٽن تٽن مضمونن ۾ هن جي پنهنجي محسوسات آهي . هي هڪ عام نج ڳوٺاڻو ٽريو آهي . هي ٿر کي ڪئين پنهنجي اندر محسوس ڪري ٿو اهو ئي هي لکي ٿو اهو ئي ٿر بين کي محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿو. انهي ۾ هي ڪيترو ڪامياب ويو آهي . اهو اوهين پاڻ پڙهي پوءِ ئي ڪو فيصلو ڪري سگهندا . اڳتي وري مضمون ڏياري تي آهي . انهي ڪانپوءِ "بابل مونکي انهي گهر ۾ ڏجان جنهن ۾ انڙيون هجن ڇو جو انهن جون وکون وڏيون آهن". هي هڪڙو طويل مضمون آهي . جيڪو اٺ جي نسل هن جي عادتن . هن جي سينگار هن جي ٻڙهي انهي تي هن تفصيل سان ۽ سنو لکيو آهي . انهي ۾

هن لوڪ داستانن جا حوالا پڻ ڏنا آهن. جن لوڪ عشقيا داستانن ۾ اڻ جو استعمال ٿيو آهي . اها هڪڙي حوالي سان تحقيق پڻ آهي . جيڪا سپاٽي تاريخ ٿئيٽي آهي . ڇو جو راءِ سنگهه پاڻ لکي ٿو تہ اهي اٺ ٿر مان آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي . انهي موضوع تي هڪڙو مڪمل ڪتاب بہ جي چاهي تہ امر راءِ سنگهه جهڙو ليکڪ لکي سگهي ٿو. انهي ڪان اڳتي آڪاٽي تي مضمون آهي . جيڪو هارين جو ڏينهن پڻ آهي . پيرون بہ پڪا آهن . اها ڇوڪري جيڪا پرديس ٿر ۾ ٻي ڳوٺ پرٽايل ڇوڪري لئہ بہ پرديسڻ لفظ استعمال ٿيندو آهي . انهي تي ڳيت بہ آهي . هي ڏيپلي شهر جي اوج جو بہ اڳتي ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ ڪنهن زماني ۾ روڊن تي گاسليٽي فانوس ٻرندا هئا. هي انهن ميمڻن جو ذڪر بہ ڪري ٿو جن هاڻ وڃي حيدر آباد وسايو آهي . هن جي ليکن جا ڪي ڪي عنوان اهڙا آهن جو بس ڇا ڪٽي ڇئجي . ” اي جيجل منهنجا پيير سڙن ٿا مينهن جلدي اچ ”هو اها ڳالهہ بہ ڪري ٿو تہ ٿر جي مشهور ٻانهياري پٽ بہ ڪنهن پاٽهياري جي پنڌ سان منسلڪ آهي . اهو اوهين پاڻ پڙهجو انهي ايذائيندڙ درد جو داستان .انهي ڪانپوءِ جيڪو سگهارو ليک آهي اهو آهي ڍاٽ ۽ مارواڙ تي هن ليک ۾ هن ڍاٽ ۽ مارواڙ تي چارڻن جي دوهن جي دليلن ۽ رسيلي شاعري سان ڳالهايو آهي . اهو پڻ اهڙو موضوع آهي . جيڪو پڻ هڪڙي الڳ ڪتاب جو گهرجائو آهي. هن ليک ۾ راجپوتن جي حاڪميت جي اوج ڪي بہ ساريو آهي تہ امراٽي جي اوج جا ذڪر پڻ ڪيا آهن .گڏي ڪان گوڙدرو تائين طويل ليک پڻ هن ڪتاب ۾ ليکيا آهن.

صحرا سڏڪي ٿو جي هر هڪ صفحي تي ٿر جي پٿن جو هڪ هڪ سڏڪو آهي . هي ڪتاب سمورو جو سمورو ٿر تي آهي . امر راءِ سنگهه شاعر بہ آهي . انهي ڪري هن جي نثر ۾ بہ ڪٿي ڪٿي شاعري اچي ٿي وڃي . هن ڪتاب ۾ جتي هن جي محسوسات آهي . اتي هن ٿر جي لوڪ ڏاهپ جو پڻ سنو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . خاص ڪري مارواڙي ۽ ڍاٽڪي دوها ۽ عام ٿري چوٽيون پڻ شامل ڪيون آهن جيڪو ٿر جو اهين ڪٽي ڇئجي تہ شاهوڪار ادب آهي . ڪجهہ اشوز تي پڻ ليک آهن . جتي هن جي محسوسات سگهاري آهي يا درد دل رڪندڙ ماٺهو آهي . اتي هن ٿر جي پوئتي پيل علائقي ڏيپلي جي ڳوٺ ڍونڊيئي مان ويهي ڄارين جي

ٿارين تي پچندڙ پيرُوون ۽ انهن ٿي ڇارين ۾ لڏندڙ سرامڻ جي تيج جي لوڏن جو ذڪر ڪيو آهي. راجپوتن جي مارواڙ ۽ ڏاٽ جي ڳالهہ ڪئي آهي اتي اٺن جو ذڪر بہ آهي. ڪي ڪي مضمون پڙهڻ ڪانپوءِ بہ اندر ۾ ڪا اڃ رهجي ٿي وڃي. پر هو جنهن انداز سان ٻولي جو استعمال ڪري ٿو. انهي مان لڳي ٿو تہ هن جو قلم اڳتي هلي ٿر جي سيڙهن سنڌن ۽ وٽن ۽ پکين جي حفاظت ڪندو. اڃان هن کي لکڻ واري ڪم کي وڌائڻ لئہ پڙهڻ وارو ڪم بہ گهڻو ڪرڻو پوندو. اڃان هن کي رلڻون پوندو اوٺارين جي جهوڪ تي جئين ويو آهي. ڏاهوري جو ٿي سگهي ڪير بہ پيتو هجي. اهين هن کي اڃان ٿر جي درد جا بنياد کوٽڻا پوندا. هي شاعر آهي. انهي ڪري نثر ۾ بہ منظر نگاري ڪري ٿو. جيڪو پڙهندڙ جو چس وڌائي ٿي. اڃان هن کي خوبصورت تشبيهن ۽ منظر نگاري سان گڏ ڪجهہ ڪڙيون ۽ سچيون ڳالهيون ڪرڻيون پونديون. هو ڏاڍو سادو بہ آهي. مونکي جڏهن هو ڪلهي تي ٿواليو رکي ڳالهائيندو آهي تڏهن بہ وڻندو آهي. جڏهن اسٽيج تان ڏگها ڏگها نظم پڙهندو آهي تڏهن بہ وڻندو آهي. هن ڪتاب ۾ پڻ وٽي ٿو. هن جي ڇهري ۽ اکين کي پڙهي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ٿر بہ اوهان کي اهين نظر ايندو جئين هن ڪتاب ۾ نظر اچي ٿو.

خالد ڪنڀار

نهٽو(مهراڻو) ٿر

لفظن سان زندگي جا داستان بيان ڪندڙ...

امررائسنگهه نئين ٿهي جي انهن سگهارن ليکڪن ۽ شاعرن منجهان آهي جن جون لکڻيون صحرا جي اونداهه ۽ سرد راتين ۾ ڏيئي وانگر ٻرن ٿيون. جيڪي پنهنجي مٽي هاڻن ماڻهن کي پيڙائن جي پنڌ ۾ تقدير تي تهمت هڻڻ جي بدران سماجي اڻ برابري متائڻ جي لاءِ اڪسائين ٿا. جن جون لکڻيون پڙهي ڪوبه ماڻهو پنهنجي ڌرتي جي دانش کان مايوس نه ٿيندو. هڪ احساس جي صورت ۾ هر لکڻي دل جي هڪڙي خاني ۾ موجود رهندي. جيڪي لوڪ ڏاهپ جي نقطن سان گڏ جديد ادب جا گفتا موتين جي مالها جيان پروئي پيش ڪن ٿا . جن جا آدرشي سپنا واري جي طوفان ۾ ذرڙا ذرڙا ٿي اڏامڻ کان پاڻ بچائي ساپيا جي صبح تائين پهچڻ جي جستجو ڪن ٿا .امر رائسنگهه جا هن ڪتاب کان اڳ ۾ شاعري ۽ نثر جا ڪتاب ڇپيل آهن. مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ هڪ سرگرم ليکڪ ۽ شاعر طور لکندو رهي ٿو. هن جون لکڻيون جڏهن اخبارن ۽ رسالن جي پني تي ڇپجنديون آهن تمام گهڻي پيار سان پڙهيون وينديون آهن. ٿرجو صحرا هن جي لکڻين ۾ نه صرف ساه کڻي ٿو پردرد جي ٻولي ۾ ڳالهائي ٿو.هن کڏهن به تاريخ جون هٽرادو تاويلون نه ڪيون آهن. ڪوڙ جي ڪوڙڪي ٺاهي هٿ ٺوڪيا فلسفا نه گهڙيا آهن. هن کي صحرا جي درد جي زخمن کي ڳڻڻ اچي ٿو.هن جي من ۾ انهن جي مرهم جي لاءِ تڙپ پيدا ٿئي ٿي .ڏڪار جي ڏکن ۽ علاج جي اڻ هوند ۾ مري ويل معصوم ٻارن کي الوداعي چمي ارپي مظلوم مائرن کي آٿت ڏي وقت جي وس وارن کان پنهنجي پوري قلمي شدت سان سوال ڪري ٿوته هي ڌرتي جا ڌڻي ايڪويهين صدي ۾ به بي حال ڇو آهن؟ هن ڪتاب ۾ امر رائسنگهه لڙڪن ۽ لفظن سان زندگي جا داستان بيان ڪيا آهن پرساڳي وقت اهو به ڏيک ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ته ٿري ماڻهو سو ڏک درد هوندي به ڪيڏا امن پسند آهن, لک لُکاسٽا هوندي ڪيڏا ثقافتي طور شاهوڪار آهن. ٿر جي اداس ڌهرن جي گهاٽن ڪبڙن تي

مورن جا جڏهن ٿهوڪا ٻرندا آهن تڏهن جهنگل ۾ ڪيئن جاڳ ٿي پوندي آهي. چوئنرن جي ٻڪ ۾ انسانيت جي سڳنڌ ڪيئن ملير جي مٽي مهڪائيندي آهي. دل جي گهڙي تي سڪ جي سهٽي ڪيئن ٻڏندي ۽ ترندي آهي. قرب جي ڪاڪ تان شڪ جي شال اوڍي محبت جو مينڌرو ڪيئن موٽندو آهي.جڳ جي جوٺين رسمن ۽ ريتن ۾ محبتن جو موت ڪيئن ٿيندو آهي، عشق جي اپن ڪاون تي هلندڙ سسئي کي صدمن جهڙو ساٿ ڏئي لوڪ پيار جو پنهون ڪيئن کسندوآهي. وسڪاري ۾ پالوا جي پٽ تي وڄن جا وراڪا روشن روپ ڪيئن ڪندا آهن. آديگام جي سيم ۾ ڏنار بانسري ۽ چنگ جي سرن ۾ ڌرتي جون ڏنون ڪيئن وڄائيندا آهن. لوڪ گيتن جي آلاپ تي روح ڪيئن رقص ڪندو آهي، فاقاڪشي جي ڦٽيل ماڻهن جا گوندر ڪيئن گهنگهرو ٿيندا آهن .مقامي مسئلن ۾ الجهيل ماڻهو ڪيئن عالم انسانيت لاءِ فڪرمند ٿيندو آهي .امر رائسنگهہ ريڊيو پاڪستان مٺي جو بهترين ڪمپئر آهي. هن جو ٿر جي مقامي ٻولي ڍاٽڪي ۾ پروگرام ڪرڻ جو منفرد ۽ مثالي انداز آهي. جيڪو ٻڌندڙن ۾ مقبول آهي امر رائسنگهہ ذاتي زندگي ۾ منڙو من موهيندڙ آهي، هن جي شخصيت جي سحر ۾ سڀ دوست هن سان پيار ڪندا آهن. منهنجي دلي تمنا ۽ دعا آهي تہ امر رائسنگهہ ڏينهون ڏينهن پنهنجي من جي منزل جي چاڙهي چڙهندو رهي. اهڙا ڪتاب تخليق ڪري اسان کي ڏيندو رهي.

شهاب نهڙيو

پروڊيوسر
ريڊيو پاڪستان مٺي

ميگھ ورشا پُڇاڻان

اَمر رائيسِنگھ راجپُوت جي مُتفرقہ ليکن (مضمونن، ڪالمن ۽ ريڊيائي لِکيتن) تي آڌاريل هيءَ ڪتاب ’مُنهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!‘ ؛ ڇڻ وِشال ٿر تي ميگھ وَرشا پُڇاڻان اَچي اُجري آيي تي پَڌري ٿيل ”ڏانگڙي“ (اِندلٺ يا قوس قزح) جي ستن رنگن واري سنگم جھڙو آهي، جنهن ۾ اِنساني ڪيفيتن، تاثراتن، تجربن، پوڳنائن، فرحتن ۽ فرارن جا اَڪثر مُظاهراتي عَڪس عَيان آهن.

رائيسنگھ؛ راجپُوتي ريتن رسمن، روايتن، ثقافتي اِنفراديتن، سُورهيائيءَ سان سَلهاڙيل جُونجهارن جي ورنن ۽ ’چند بَدنِي ۽ مِرگھ نينِي‘ پَدمڻين جي اُلفتي قصن کي قلمبند ڪندڙ ليکارِي طور اَدبي کيتر ۾ تڪڙيُون بَرانگهُون پري پاڻ سُڃاڻپ ڪرائيندو، اڳيان وڌندو نظر اچي ٿو.

ٺاڪر راجپُوت؛ پُوميءَ جا پَلماڻسِيا ڌڻي وان، راڄ پنچائيت جا رکوال ۽ خطن جي ثقافتي سُڃاڻپن جا امين ۽ آڌر بہ رهيا آهن تہ صحرائي سرزمين جي ٻِنهي پارن اُوچ جاتيءَ جا ڪي اهڙا بہ اَختيار ڌڻي ٿي گُذريا آهن جن پنهنجي سَماجي مَرتبي جو جڳ موهيندڙ مانُ رکڻ بَجاءِ خلق کي خُوب روئاڙيو رَنجايو تہ ڏَرتي ڌڻين کي ڏِڪاريو ۽ بيجا ونگار ۾ وهايو (آبٺ جي سهڪارِي زرعي ڪِرت کان هٽي ڪري) بہ سَهي. ريگستاني تاريخ جي اهڙن بابن کي جاتيءَ جي اک سان ڏسڻ بدران؛ مَجمُوعي نُقط نگاھ کان پيڙهيل ۽ پيڙهيندڙ طبقن جي صدين کان جارِي و سارِي ڪشمڪش طور ئي ڪٿڻ جُڳائي.

تواريخ جي اهڙين ستم ظريفين کي دِلِ جي اک سان ڏِسبو تہ نؤڪوٽي مارواڙ مَروڌر ڏيس، گُجرات، راجستان ۽ سِنڌُ جي ٿر ۾ جاگيرُون جاليندڙ راڻن، مها راڻن، ڪُنوَرن کان ويندي عام ڳوٺاڻي ٺاڪر/ نڪر راجپُوت جي رَتائين جِبلتِي نٽ ناڱر، اُٺي ويٺي، کيڪار پليڪار، ريتن رسمن، سونڻن سائن، ڦينٽي ٽِريٽي واري ويسُ ۽ تلوار بازي واري شُجائتي شيل شُغل، اوتارن

۽ لوڪ ڏاهپ جا واهُڙَ وهائيندڙ ڪارِي ڪَٽِڪِي وارين ڳچهرين يا رس رهاٽين وغيره منجهاران سِنڌُ جي شاندار ثقافتي روايتن جا اَهڙا اَمُلهہ ۽ اُتساهڪ خزانا نڪري نروار ٿيندا، جن تي پرڳڻي جو هر واسي بَجا طور فخر ڪري! سو اَمر رائيسِنگهہ راجپُوت بہ اهڙن ثقافتي اَثاثن جي وارثي ڪندڙ ۽ مُحبتن وارِي واٽ وٺي هلندڙ وجُود آهي. هن نوجوان قلمڪار جا اَڪثر ليک پُڻ اهڙي ثقافتي گُوناگُونيت سان سرشار مواد جا نِسبتي اُهڃاڻ رکن ٿا.

هونهار اَمر راءِ جي چُونڊ چپيل ۽ اَڻ - ڇپيل ليکن (آرٽيڪلز) تي مُشتمل هن ڪِتابُ ۾ ٿر جي صحرا مان اُٿندڙ پيڙائُون ۽ پُڪارُون بہ آهن تہ رومانس جا اَڻ - مَيا رنگ ۽ رُوپ بہ آهن. هيءُ پُستڪ وارِياسن وجُودن جو دل آويز وَستار آهي جنهن ۾ ٿر جي لوڪ ڏاهپ جا انيڪ رنگ سَمايا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ سُڪارن جي سانگن، ڏُڪارن جي ڏولاون ۽ اَڏُورين آشائن جو ذڪر پُڻ آهي تہ درد جي مُسافتن جو تجنيس حرفيءَ سان ٽُٻتار زيبائتو بيان بہ! اِن ۾ هولي، ڏيارِي، سانوڻ، آکا ٽيج، عيد ۽ ٻين ثقافتي ٿَهوارن جو ڀرپُور تذڪرو بہ آهي تہ ڏاڳهن، ڏيرن ۽ ڏُونگرن جا ڏُک پُڻ سَلِيا ويا آهن. اُن بابت پيرائتو ليک پڙهندي توهان ٿر جائي ڪهاڻيڪار نصير ڪُنڀر جي ڪهاڻي ’چاليهين ڀِتِي‘ جو ساءُ پلي پيت محسُوس ڪندا. هن ڪتاب جا روايتي ليک بہ لوڪ علم جو ڪو نہ ڪو سُهڻو سنديسُ پَسائيندا، پُڄاڻي طرف وڌن ٿا. هن ڪِتابُ ۾ سُنن سَنئوٽَنَ ۽ خراب سَنئوٽَنَ (ڪُسوٽَن) جا ماحولِياتِي ۽ اِنفرادِي تجزيا بہ آهن تہ ٿر جي فطرت ۽ جيوت سان واڳيل آزمائشن، امتحانن، عذابن ۽ اُره زوراين جا ڪي قِصا پُڻ آهن. اِن ۾ روهيڙي ۽ پيرُنَ جي رُتنَ وارِي رولاڪيءَ جو بہ ذڪر آهي تہ وَرساڙي لاءِ وِرلاپ پُڻ ـ ڍاٽ ۽ مارواڙ جي سِنڌِي تهذيبي ورثي جو دلپذير ورنن بہ آهي تہ ڳاهي ٻگاهي، بعضي بعضي يا جا بَجا دِل مان اُٿندڙ احساسن ۽ درد توڙي ڪَربُ وارين ڪيفيتن جو اثرانگيز بيانيہ اِنشائيہ پُڻ ـ

دِليپ ڪوٺارِي
مٺي

منهنجو صحرا سڏڪي ٿو:

مورن جي ديس جون درد ڪٿائون

اسين ڳِريور مورلا، ڪنڪر پيٽ پران،
رت آوي نہ ٻوليي، هئيڙي ڦاٽ مران.

(اسين پٽن جا مور، ڪڪريون چڳي پيٽ پريون. رُت اچي ٿي نہ ٺهوڪاريون ته، ته ڦاٽي مرون)

ڪڇ ڪانياواڙ ۾ هيءُ دوهو اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. ڪلاڪار، فنڪار ۽ ڪٿاڪار پنهنجي لوڪ ڪٿائن، لوڪ راڳن ۽ لوڪ منورنجن ۾ جيستائين اهو دوهو درد مان نہ ڳائيندا آهن تيستائين ڪٿا يا اها رنگت پري رهاڻ اڌوري پيئي لڳندي آهي. انهي دوهي ۾ پنهنجي اندر، انتر ۾ لڪل ڳالهہ کي ٻاهر ڪيڻ طرف اشارو آهي. جا ڳالهہ هر شخص جي پنهنجي پنهنجي نموني الڳ الڳ ٿي سگهي ٿي. جنهن جي اظهار جو طريقو بہ الڳ ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري اهي ڳالهيون جيڪي من مستشڪ ۾ ميخ جيان چڀنديون پيڙا ڏينديون رهنديون آهن. يعني جيستائين ماڻهون پنهنجي درد کي دنيا سامهون يا دوستن ، حال محرمن اڳيان وائکو نٿو ڪري تيستائين کيس هڪ طرح جي گهٽ ٻوسات جو احساس ٿئي ٿو. گهڻا درد اهڙا هوندا آهن جن کي ٻين ۾ ونڊڻ سان انهن دردن جو ٻوجهو يا بار دل تان هلڪو ٿي ويندو آهي.

مارويءَ جو ملڪ ٿر ازل کان اپاون ، اڻهونداڻين، اهنجن، سان دوبدو ٿيندي پنهنجي بقا جي جنگ لڙندو پيو ٿو اچي. اڄ جي هن جديد دؤر ۾ جڏهن دنيا وارا چنڊ تي پلاٽ وٺي، اوچي آڪاش ۾ آکيرا اڏي اتي رهڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. هوائي جهازن ۾ اڏامڻ هاڻي پراڻي ڳالهہ ٿي لڳي. بليٽ ٽرينن ۾ ڪلاڪن جا پنڌ منٽن ۾ طيءِ ٿيڻ لڳا آهن. اهڙي دؤر ۾ بہ ويچارو ٿر ملڪ تہ سنن رستن لاءِ بہ ترسي رهيو آهي، تڙڦي رهيو آهي. تہ

بجلي، پاڻي، يا صحت سان لاڳاپيل بنيادي سهوليتن جو ساڪي ٿيڻ لاءِ بہ ڪونج جيان ڪر ڪنيو سرڪار سامهون ڏسي رهيو آهي. جاگرافيائي طور سان پلي ٿر، سنڌ يا دنيا جي ٻين علائقن کان ڪنهن حد تائين ڪٽيل آهي. پر گهڻ ۾ گهڻ جديد ميڊيا جي ڪري هاڻي ٿر جي دل جي دانهن دنيا تائين پهچڻ لڳي آهي. اها درد جي داستان ڪڏهن مورن ۾ پيل 'راڻي کيٽ' بيماريءَ جي حوالي سان، ڪڏهن رڍن ٻڪرين ۾ پيل ماتا جي مرض واري معاملي جي روپ ۾، تہ ڪڏهن ٻک جي وگهي مختلف بيمارين جو شڪار ٿيل ابهم ٻارڙن جو حياتيءَ جي جنگ هارائڻ ، وغيرهہ جهڙن حوالن سان هجي، ڪئين دفعا دهرائجندي رهي آهي. اهڙي ڏکي ۾ دکي ملڪ جي درد ڪٿائن ڪي پٽائيءَ بہ پنهنجي دؤر ۾ سر مارويءَ جي روپ ۾ چڻ لوهي اکرن سان لکي ڇڏيو آهي. صفا ائين بہ ناهي تہ قدرت ڪن جي نصيب ۾ صرف سور ئي سور لکي ڇڏيندي آهي.انهن لاءِ آنند منگل جا ڪي اَوسر ئي ڪونہ ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ جا خزانا بہ کلي پوندا آهن. ۽ صدين جا سور ۾ صدما ڪن پل ۾ سواها ٿي ويندا آهن. انهن دلربا پلن کي بہ پٽائيءَ ٿر جي پٽن جي سارنگ رت واري سونهن جي روپ ۾ بہ چٽي ڇڏيو آهي.

هن دؤر ۾ ٿاريلي پوميءَ ۾ ڪئين اهڙا حساس دل ليکڪ آهن جيڪي پنهنجي قلم ذريعي دنيا سان هم ڪلام آهن. انهن مان هڪڙو نوجوان اهڙو ليکڪ امر رائسنگهہ راجپوت بہ آهي. جنهن ٿر جي سکن ڏکن کي مضمونن جي روپ ۾ لکڻ ، چٽڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي. جنهن ٿر ٻاٻيهن جي اجارن ٻولن، يا ٿر جي پٽن تي سارنگ رت ۾ نرتيہ ۾ ناچ ڪندڙ مورن جي ٽهوڪن کي 'منهنجو صحرا سڏڪي ٿو' نالي ڪتاب جي شڪل ۾ آڻڻ جا جتن ڪيا آهن. ۽ نثر واري واٽ وٺي پٽائيءَ جي پنڌ جو پانڌيئڙو بنجڻ جو پورهيو ڪيو آهي. چڻ تہ هڪ طرح سان پٽائيءَ کي پيٽا ڏيڻ وارو ڪم ڪيو آهي.

'...... تڏهن

منهنجو صحرا سڏڪي ٿو....'

ڪتاب جي منڍ ۾ انهي عنوان سان ليکڪ پنهنجي بيحال پوڻ جي حال کي ٽونڪي ۾ ٽچ ڏيئي آرسيءَ جيان ٽنگي ڇڏيو آهي. جنهن آرسيءَ تي فلم جي چٽن جيان ٿر جا عڪس هڪ جي پويان هڪ پسار ٿيندا

محسيس ٿين ٿا. جنهن ۾ هر پئريگراف جي پوري ٿيڻ تي ’تڏهن، منهنجو صحرا سڏڪي ٿو‘ جملي جي روپ ۾ جڻ ليڪڪ جي دل جي دانهن يا سڏڪو قلم مان اکرن جي روپ ۾ ڪاڳر تي ڪريو ٿو پوي. جيڪو ليڪڪ جو ڏيهه جي ڏوٿيئڙن، ساٿيهه جي سانگيئڙن لاءِ اپار پريم ۽ پاڀوهه جا درشن ڪرائي ٿو. عبارت جو اهو انداز، ٿر جي ڪروڙتا جو قارئين کي احساس ڪرائڻ وارو اهو ڏانو نوکو، انوکو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي.

اِي ميل ذريعي آيل اهو ڪتاب ڊائون لوڊ ڪري جيئن ئي پڙهڻ جي شروعات ڪيم، ته ماضي قريب جو هڪ باب از خود منهنجي من جي ميز تي کلي پيو. جنهن جو تعلق به اتفاق سان ٿر سان، ٿر جي ابهم ٻارڙي جي دانهن سان ئي آهي. ٻه هزار پندرهن جو فيبروري مهينو . ٻني علائقي جي ڏورڏو ڳوٺ جي ڀر سان سفيد رڻ (لوڻيانو رڻ) جي ڪنڌيءَ تي لڳندڙ ”رڻ اُتسو“ يعني ڊيزرٽ فيسٽيول پنهنجي عروج تي هو. گجرات سرڪار جي سياحت کاتي طرفان جوڙايل ”تورڻ رڻ رزورٽ“ مان ڪال آئي. آفيسر گجراتيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو ”تمني ڪالي ياتريئو ساٿي وڳهه ڪوٽ گائيڊ طريقي هالوانو ڇي.“ (توهان کي سياڻي ٽورسٽس سان گڏ بطور گائيڊ وڳهه ڪوٽ هلڻو آهي) انڌو گهري ٻه اکيون. مون هميشه سنڌ جي ديدارن لاءِ واجهايو آهي ڪم نصيبيءَ سان اهو سپنو اجان تائي ساڀيا نه ٿي سگهيو آهي. سوچيم گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي ٿر ملڪ جي ڪجهه حصي کي ته اکين جو ٺار بنائي سگهبو. مون هلڻ لاءِ ها ڪئي.

صبح جو ستين بجي ناشتو ڪري، لنچ لاءِ ٻه ماني ٽڪي پئڪ ڪري نڪري پياسين. سياحن کي ٻنيءَ جي باري ۾، ٻنيءَ جي ثقافت، هٿ هنرن ۽ ٻيو به جيڪو مون کي ياد آيو يا هنن ڄاڻڻ چاهيو پئي انهيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندي روان دوان هئاسين. رات جو وڳهه ڪوٽ بابت به ڪجه مواد ڪتابن مان پڙهي ڇڏيو هئم اهو به انهن سان ونڊيندو رهيس. کاهڙو پار ڪري پڇم علائقي جي وارياسي زمين، ڀٽن ٽڪرين، ڪنڊين ۽ ڪرڙن کي ڇڏي انڊيا برج تائين پهتاسين. جتي بي. ايس. ايف جي پهرين چوڪي هئي. گهربل ڪاغذي ڪارروائي پورڻ ڪري اڳتي نڪري پياسين. رستي ۾ رڻ جي وچ ۾ آيل ڇڙيا مور، ۽ ڪريم شاهي جهڙن ٻيٽن جو مشاهدو ماڻيوسين. جيڪي واقعي حسين هئا. انهن ٻيٽن ۾ اڪ، ڪنڊيون، ڪرڙ

ڪيڙيون، ڇال ڏيندڙ هرڻ هرڻيون، ٻوڙندڙ روجه روجهڻيون ڏسي دل باغ و بهار ٿي وئي. قدرت جي انهن حسين ۽ منفرد نظارن کي ماڻيندي تقرين ٻارهين وڳي جي آس پاس وڳهن ڪوٽ، سومرن جي دور واري قتل شهر جي کنڊرن تي پهتاسين. رتين سرن سان جوڙايل ماڳن مڪانن، ڪوٽن قلعن جي باقيات کي ڏسڻ جو شرف حاصل ڪيوسين. جنهن جو به مزو ڪجه اور ئي هيو. من ماضيءَ جي محرابن ۾ مست ٿي ويو. بي. ايس. ايف جي پوسٽ اتان کان تقريبن هڪ ٻه ڪلو ميٽر اڃا پرتي هئي. جيڪا اسان جي آخرين منزل گاهه هئي. اوڏانهن ويندي ڏٺوسين ته چوڪي پوسٽ مٿي ڇهل پهل لڳي پئي هئي. فوجين جي گاڏين جون قطارون لڳيو پيون هيون. هڪڙيون آيون پئي ته ٻيون ويون پئي. اها هلچل رواجي ڪونه پئي لڳي. سيني کي لڳو ته ڪجه نه ڪجه ته ضرور ٿيو آهي يا ٿيڻ جو امڪان آهي. سيني کي ٿورو ڏپ به ٿيڻ لڳو. پر پوءِ به گهربل هنڌ تائين وڃڻ جو ساهس (همت) ڪيوسين. اتي پهچندي بي. ايس ايف جي ڪمپني ڪمانڊر اسان کي ڪلي ڪيڪاريو. ۽ اسان کي پلر نمبر 1111 وٽ نهيل واچ ٽاور تي وٺي ويو. اسان جو لفظي استقبال ڪندي هن اسان کي بي. ايس. ايف جي ذميوارين ۽ آسي پاسي وارن ٻيٽن، پٽن بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو. ٻنهي ملڪن جي فوجي آفيسرن جي فليگ ميٽنگ به هتي ئي هن پلر وٽ ٿيندي آهي اهو به هن ٻڌايو. بلڪل اتر ۾ ڏور نظر ايندڙ پٽ سامهون هن آڱر سان اشارو ڪندي ٻڌايو ته هن پٽ جي هن پاسي ڏيپلو آهي. ڏيپلي جو نالو ٻڌي ٻائنوڪيولر اکين تي رکي ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڏيپلي واري اها پٽ ۽ ٻيون به ڪيترين ئي پٽون اوڏڙيون سرڪي آيون ۽ سڙٻاٽن ۾ جڻ سرگوشيون ڪرڻ لڳيو هيون.

”رات اسان کي پيٽرولنگ ڪندي نو مينس لينڊ ايريا ۾ لاٽي جي ٻوٽي ۾ منهن هڻي پيل پنجن ڇهن سالن جو هڪڙو ٻارڙو مليو آهي. جيڪو هُن پاسي جو آهي. اسان هن کي وٺي آيا آهيون. سيءَ جي ڪري هن جي حالت خراب ٿي رهي هئي. ٽانڊو وغيره ٻاري ۽ گرم ڪمبل وغيره پارائي ڪيس گرم ڪيوسين. سندس جان بچي ويئي آهي نه ته سيءَ ۾ ٺري مري وڃي ها. صبح جو فليگ ميٽنگ ڪري رينجرس کي اطلاع ڏنو ويو آهي. ٻار جي تصوير به موبائيل تي ڪڍي هنن کي ڏني وئي آهي. ۽ سامهون وارن کي شام جو ٻار

جي ماءُ پيءُ ڪي ڳولي وٺي اچڻ لاءِ چيو ويو آهي. اگر آيا ته ٻار ڪي انهن جي حوالي ڪيو ويندو. هو هڪ ته ننڍڙو آهي ٻيو ته اسان جي ٻولي به نٿو سمجهي. رات جو سمهيو پيو هو صبح کان روئيندو رهيو آهي.“ آفيسر ڳالهه پوري ڪئي، سيئي حيرت ۾ پئجي وياسين.

”سر، آپڪو اگر اعتراض نہ هو تو مين اس سي سنڌي ۾ بات چيت کر سڪتا هون. شايد ڪوئي جواب دي. مون چيو.“ آفيسر تمام ڀلو ماڻهو هو. هن ترت ها ڪئي ۽ اسان سيئي گڏجي ان ٻارڙي وٽ وياسين. پٽ! تنهنجو نالو ڇا آهي؟ جيئن ئي مون هن کان پڇيو ته مون ڪي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ڏسي هو اٿي حرڪت ۾ آيو ۽ مون ڪي چمبڙي پيو. نالي بابت ٻه ٽي ڀيرا پڇندي سڏڪندي هن پنهنجو نالو علي گل ٻڌايو. ٻي ڪا وراڻي ڪونه ڏئي سگهيو بس پوءِ روئندو سڏڪندو ئي رهيو. الاجي ڇو ان مهل ئي پشاور ۾ آرمي اسڪول تي ٿيل حملي وارو واقعو منهنجي ذهن تي تري آيو. علي گل جي سڏڪن ۾ انهن اسڪولي ٻارڙن جا به سڏڪا پڙاڏي جيان گونجڻ لڳا. اسان کي اتان ڪان نڪرڻو هو سو وقت سر نڪري پياسين. پر مان سڄو وقت بي چين رهيس. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن اخبار ۾ اها خير جي خبر پڙهيم ته ٻارڙو مائٽن کي واپس مليو ويو آهي ته دل جو بار هلڪو ٿيو. پوءِ مون ان تي هڪڙي ڪهاڻي به لکي. جا آل انديا ريڊيو پڄ تان نشر به ٿي هئي.

لکڻ جو مطلب ته مونکي به ٿر جي انهي پيڙا جو احساس ٿيوآهي جنهن پيڙا جو احساس هن ڪتاب ۾ ليکڪ امر رائسنگهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇئجي ته هن ڪتاب جو محور ئي ٿر جي، ٿرين جون پيڙائون، مصيبتون ۽ جيئڻ جون مشڪلاتون آهن. پوءِ اهي ڏڪارن جي روپ ۾ قدرتي مصيبتون هجن يا اميرن وڏيرن ۽ وزيرن هٿراڏو ارڏايون ۽ ڏنگايون هجن. . ٿرين لاءِ صابرائي ست ڳائو ئي آهي.

امر سنگهه هن ڪتاب ۾ ٿر جي مسئلن، مصيبتن جو ته ذڪر ڪيو ئي ڪيو آهي. ڏڪار ۽ برسات جي سڪ ۽ ڇڪ جو بار بار ورڻن ڪيو آهي. پر ٻيو به هڪڙو تمام سٺو ۽ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. اهو آهي هر مضمون ۾ چوڻين، پهاڪن ۽ دوهن جهڙي ٿري لوڪ ادب ۽ لوڪ تواريخ جو استعمال. جنهن ڪتاب ڪي هڪ طرح جي نواڻ سان نوازيو آهي. سنڌ وارن

لاءِ اها شيءِ ڪارآمد هجي نہ هجي پر هند وارن لاءِ يقينن ڪارائتي شيءِ آهي. مونکي ڪتاب پڙهندي ٿر جي ثقافت ۾ ڪڇ جي ٻني، پڇم، لکپت، ابڙاسي ۽ واڳڙ جهڙن علائقن جا بہ درشن ٿيا آهن. ڪافي اهڙيون شيون آهن جيڪي ڪڇ سان هوبهو نهڪن ٿيون. جنهن ڪي وستار سان لکڻ گهرجي پر هتي ان جي گنجائش ناهي.

هندوستان جي ليکڪن جي سنڌي ٻولي هندي گاڏڙ سنڌي ٿيندي پئي ٿي وڃي. ڪي ڪي ليکڪ تہ اهڙي سنڌي لکندا آهن جنهن کي پڙهي من ۾ سوال پيدا ٿيندو آهي تہ گهڻا پرسنٽيج سنڌي چئبي؟ سنڌ ۾ هندي يا سنسڪرت لفظن جي استعمال کي نواڻ جي روپ ۾ يا قبليت، ڪماليت جي روپ ۾ ڏٺو ويندو آهي. شيخ اياز صاحب جهڙن سرجڻهارن اهڙا لفظ ڪتب آندا آهن. امر رائسنگهہ بہ هندي يا سنسڪرت لفظن جو استعمال ڪيو آهي. جن مان ڪن جا اچار ٿورا بگڙيل يا ڪٽي چئجي تہ ٿورا ٻئي نموني جا آهن. ۽ ائين ٿيندو آهي هڪ ٻوليءَ جا لفظ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ داخل ٿيندا آهن تہ ائين ٿيندو آهي.

سياري سورٺ پلو... واري دوهي ۾ ليکڪ "سورٺ" لفظ کي سنڌ سان منسوب ڪيو آهي. پر منهنجي خيال سان ائين ناهي. راجائيءَ واري زماني ۾ "سورٺ" ڪڇ جي پر سان آيل هڪڙو پرڳڻو هو اجا بہ آهي. جنهن ۾ جهوناڳڙهہ، سومناٿ، ۽ گِر وغيره جهڙا علائقا اچن ٿا. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ واري لوڪ ڪٿا بہ هن پاسي جي ئي آهي.... سورٺ لاءِ اڄ ڪلهہ گجراتيءَ ۾ "سوراشٽر" لفظ بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

انهي طرح "چڪاسر" لفظ ۾ ليکڪ ٿورو منڌل لڳي ٿو. چڪاسر نالي ڪڇ ۾ هڪڙو مشهور تلاءُ آهي جنهن جو ذڪر رام سنگهہ راٺوڙ پنهنجي ڪتاب "ڪڇ نو سانسڪرتڪ درشن" ۾ لکيل "مٽيارو گيڊ" مضمون ۾ تلاءُ جي تصوير سان گڏ ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪڇي ٻوليءَ ۾ هِيءُ دوهو بہ ڏنل آهي:

چڙهي چڪاسر پار، هوٿل جهلِي هيڪلي،
سينڌ اکتا وار، تري ني تڪون ڏئي.

امر رائسنگهہ ٿر جو اپرنڌڙ ليکڪ آهي. ٿر ڌرتيءَ جو ڄائو آهي. ماءُ جي سک دک، خامين خوبين جي باري ۾ پٽ کان وڌيڪ ٻيو پلا ڪير سنو

لڪي سگھندو؟ مون کي آزمودو آهي تہ ٻني پڇم جي علائقي ۾ هيل تائين ڪو بہ اهڙو ادبي شعور رکندڙ انسان پيدا ناهي ٿي سگهيو جنهن ماتر ڀوميءَ بابت ڪجهہ لکيو هجي. ائين هتي جي ثقافت سان منسلڪ ڪئين اهڙين ڳالهين، روايتن، ريتين رسمن، چوڻين پهاڪن بابت ڄاڻ ڪمزور ٿيندي پئي ٿي وڃي يا صفا ميسارجندي وڃي ٿي پئي. امر رائسنگهہ جهڙن اديبن جي ادبي پورهين سان گهڻ ٿر ۾ اهڙيون شيون غائب ٿيڻ کان بچي وينديون. اهي شيون هر خطي ، وستار جون سونهن هونديون آهن.

امر ٿر جو اهو مور آهي جنهن برسات لاءِ سڪندڙ مور جيان پنهنجي لکڻين وارا ٿهوڪا ٿر جي پٽن تان ڏنا آهن. جن ٿهوڪن ۾ سڪ آهي سوز آهي، فراق آهي تہ فرياد بہ آهي. ٿر جي ڪڻ ڪڻ ۽ وڻ وڻ جي درد ڪٿا آهي. جنهن ۾ ملڪ جي مور ماڻهن کي مختلف ڪردارن ۾ ڏسي پسي سگهجي ٿو. اهي مور ڪٿي خوشيءَ مان ڪيڙا ڪري رهيا آهن تہ ڪٿي پنهنجي پيرن سامهو ڏسي روئي رهيا آهن.

شال ليکڪ جو قلم اويرت هلندو رهي، اهڙي انتر جي اپلاشا ۽ منو ڪامنا.

ـ ڪلاڌر مُتوا

(ٻني ـ ڪڇ)

ليڪڪ پاران

جنهن سماج ۾ اوچ نيچ واري فرسوده سوچ اڃان بہ حاوي هُجي. جتي محبت جو مفهوم ماسيرين ڇاتين تائين محدود هُجي. جتي شاعر ۽ اديب کي واندي جهڙا وڏا لقب ملن. جتي غريب کي گٽر جو ڪيڙو سمجهيو وڃي. جتي موسيقي سان محبت بجاءِ نفرت ڪئي وڃي. جتي ماڻهن جو قد ڪردار بدران ڪپڙن ۾ ماپيو وڃي، جتي محبت کي محض جنسي تسڪين جو ذريعو سمجهيو وڃي. جتي پيار ويساهہ گهاتين جي ور چڙهي محبوب جي در تان ڌڪارجي وڃي اُتي وڌيل ڪير جهڙي هن ڇوتا پاٽي سماج واري طبقاتي نظام ۾ توازن پيدا ڪرڻ، سفيد ڪالر سماج هٿان بي ڏوهہ رُسوا ڪيل وجودن جي مايوس چهرن تي مُرڪون وکيرڻ، نا اُميدي جي رڻ ۾ رُلندڙن لاءِ اُميد جو ڇانورو ڪرڻ ۽ پنهنجي ويران زندگي ۾ جيئڻ جو جواز ڳولڻ لئہ مون لکڻ ۽ لوچڻ ۾ پناهہ ورتي. شاعري پنهنجي وسيع سمندر جيڏي سيني ۾ مونکي سمائي ورتو. ادب مونکي آشيانو ڏنو. 2004ع ۾ روزاني پاڪ اخبار ڪراچي ۾ شايع ٿيل غزل کان وٺي هن ڪتاب تائين جي طويل عرصي ۾ مون تمام گهڻو پوڙهيو بہ آهي. معاشي طور انتهائي ڪسمپرسي واري قحط ۾ اٿي، لٿي ۽ اجهي لاءِ تتي ٿڌي رُلندي پٽڪندي بہ مون ادب تان هٿ ناهي کنيو. غربت جو گهاوَ اڃان بہ تاوَ ۾ آ. بيروزگاري جو ڀيانڪر راڪاس پيڇو ڇڏي ئي نٿو. هڪ جوتش وِديا جي ڄاڻو مهراج کان جنم ڪُنڊلي جو پتو پڇيم تہ هُن چيو تو تي ڇنڇر گرهہ آهي. ساڍا ست ورهيہ ان ڪري هنومان ديوتا تي هر ڇنڇر جو سواءِ ڪلو تيل چاڙهہ، مُرڪي وراڻيم تہ پنڊت جي مون تي تہ ڄائي ڄم کان پيڙائون آهن. توهان تہ اڄ ٿا چئو. ڇهہ سال جي عمر ۾ سائي ٿي، ڏهہ سالن جو ٽيس اُرڙين واري بيماري ٿي، 19 سالن جي عمر ۾ گردن ٽوڙ بُخار مان مس بچيو آهيان. هاڻي ڇنڇر ڇا ڪندو؟ بهرحال ڏُکن ڏاڪٽرن کي مقدر سمجهي جيئندو رهيو آهيان ۽ اڃان بہ جيئندس جيسين مالڪ حياتي ڏني، ڏُک سُک حياتي جو حصو آهن.

”منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو“ ۾ شامل لکڻيون منهنجي اندر جو آواز آهن، مُنهنجي روح جي رڙ آهن. انهن لکڻين جي ادب ۾ ڪهڙي اهميت آهي

ان جي مونکي ڪا بہ خبر ناهي پر ايترو ضرور احساس آهي تہ انهن لڪٽين ۾ احساس آهي. انهن ۾ اُنهن مائرن جا سُڏڪا آهن، جن جا ٻار بي تحاشا بُکن جي باهہ ۾ ٻري ويا. اُنهن مورن جون اوچنگارون بہ آهن جيڪي راڻي کيت واري روڳ ۾ موت جو ڪاج ٻڌجي ويا ۽ اُنهن ڪُتل تترن جون تنوارون آهن جن کي شڪارين ڏاٽ رس جي ڪارڻ ڊوڙائي ڊوڙائي ماريا. انهن نندين نندين لڪٽين ۾ ٻيو ڪُجهہ هجي نہ هجي پر غريبن سان محبت، پکين سان پيار ۽ سُونهن جي پوڄا جا سمورا گُڻ سمايل آهن. وڻن سان ويجهڙائپ ۽ ڏٽن سان دل لڳي آهي.

منهنجي لکڻ جو ڪو بہ باقاعده وقت مقرر ٿيل ناهي، مون ڪڏهن بہ منصوبابندي سان ويهي ناهي لکيو. منهنجي زندگي وانگي مُنهنجيون لڪٽيون بہ بي ترتيب ۽ بي ربط آهن. آئون جڏهن بہ عيد، هولي يا ڏياري جي ڏهاڙي ڪنهن غريب کي اميرن جي درن اڳيان اوبار ڪائيندي ڏسندو آهيان تہ تڙپي اُٿندو آهيان ۽ لکندو آهيان. آئون جڏهن بہ ڪنهن نياڻي کي ننگي پير، پيٽ لئہ ڪاٺيون ڪندي ڏسندو آهيان تڏهن لکندو آهيان. مون جڏهن بہ ڪنهن اُتم کي اڇُوت سان نفرت ڪندي ڏٺو آهي لکيو آهي. مون تہ تڏهن بہ لکيو آهي جڏهن هن ديس جي ڪنهن ڏيئاري کي ريتن جي آڙ ۾ پرڏيهہ اُڪاريو ويو آهي.

مون کي اهو ڏک قطعي ناهي تہ هن ماڊرن ازم واري دؤر ۾ اينڊرائيڊ موبائيل کان وٺي موٽر سائيڪل تائين جديد سهوليتون هلائي نہ ٿو سگهان پر مون کي ڏک اهو آهي تہ مونکي پوليس واري نوڪري بہ نہ ملي. جنهن جي فزيڪل ٽيسٽ ۾ آئون پيل جي ٻڍي جيان ڊوڙيو هئس. اُن ساهہ ڇڪائيندڙ ڊوڙ جو احساس اُنهن کي ئي هوندو جيڪي مونسان گڏ ڊوڙيا هئا، جن کي نوڪري اڃان تائين ناهي ملي. مون کي تہ هاڻي ان جي تقاضا بہ نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ 26 جون 2016ع تي آئون 29 سالن جو ٿي ويندس. اها مهرباني ماستر ڏاڏو جي جنهن مونکي پرائمري ۾ داخل ڪرڻ مهل منهنجي جنم جي حقيقي سال 1987ع بدران 1988ع لکيو هو. اُن کي شايد اها خبر هئي تہ هن نياڳي کي نوڪري تہ پونئان پوڻ ڪو نہ ملندي، پر سال هڪڙو عمر تہ گهٽائي لکان. بهرحال مايوسي ڪفر آهي جيڪو خُدا ڪيو ۽ ڪندو سو بهتر آهي ۽ رهندو. منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو جي ڪا لڪٽي جيڪڏهن محبت جو موجود ٻٽي ۽ اوهان کي وڻي تہ پيلا پاڳ پائيندس.

مهربانيون سائين ڪلاڌر مُتوا، شوڪت حسين شورو، خالد ڪنڀار، دليپ ڪوٺاري ۽ شهاب نهڙيو جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مون ناچيز جي هن ننڍڙي ڪتاب تي پنهنجا وڏا ۽ بامعنيٰ رايا لکي ڏنا. ٿورا ته انهن دوستن جا به لک جن هر ويل منهنجي سڏ کي دل سان ورنايو انهن ۾ مير هيمراج سنڌي، وڪيل رائسنگهه سوڍو، صحافي نظام سمون، شاعر عبدالله آس هنگورجو، ڪامريڊ سورن سنگهه سوڍو، رنڇوڙ سنگهه ششوديا، سانگي ڏان ساڏور، ميهو جي ڪاوڙيا، منگل سنگهه راٺوڙ، پرتاب سنگهه پڙهيار، دائود ساهڙ، راٺوڙ رامسنگهه ڪوتڙيوم گلاب سنگهه ڪوتڙيو، مهيش راجپوت، راجا حنيف نهڙيو، عبدالرزاق سميجو، راجا ڪنڀر، وفا گلاب سنگهه، جهان عالم سميجو، محبت سنگهه ڀيواڻو، جمال بجير، ڪيسرسنگهه سوڍو، گهنشام تيجاڻي، راجا پير بخش راهمون، محمد رحيم سميجو، دسرت ٿري، امير حسن هنگورجو، پدمسنگهه مهر، اعجاز بلوچ، آنبراج سنگهه راٺوڙ، وفا هريش ڪيتاڻي شامل آهن.

امر رائيسنگهه راجپوت ـ
03463751610

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!

جڏهن

سنئوڻ سڄڻ من ويري واري سٽ تي عمل ڪندي ڪو ٿاريلو هاري ڪنهن خاص ڏڻ تي سنئوڻ ٻولائڻ لئہ ڳُلهي تي هر ڪٽي ٻنيءَ ڏي وڃي ٿو سنئوڻ بہ سُنا ٿين ٿا، سانگوٽي ٻولي ٿي! پوءِ بہ هر سال ڏُڪار ڏيل ڏاري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو!!

جڏهن

سانوڻ جي پهرين ٽيج تي پيڪين ڪان پري ساهورين گهر ٿاريلي بنان ڪاند جي تنهائي ۾ تڙڳندي لُڙڪن سان پاند پُسائي ٿي. سرتين ۽ سهيلين جي رهاڻ جي رس ۽ چس کي سنڀاري ڪو اُداس گيت گُنگنائي ٿي.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو!!

جڏهن

سانوٽي مُند ۾ سڄو آڪاش عجيب رنگن ۾ رنگجي ٿو. گگن منڊل ۾ گوڙ ۽ ڪنوڻ جا تجلا ٿين ٿا. سُرمئي، ناسي ۽ پورا بادل ڏسي ڌرتي جي سيني ۾ غذب جي اُپار اچي ٿي. هن ديس جي جل پياسي ڌرتي پلر جي هڪ بوند لئہ سڪي ٿي. ٿر ٻاٻيهي جي پلر ترشنا ۾ نڙي سُڪي وڃي ٿي پوءِ بہ بارش سمنڊ ۾ وسي ٿي!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو..!!

جڏهن

ٿر جي ڪيٽن ۾ ڪو ويڳاٽو پنڇي پنهنجن ٻچن جي پيٽ پورائي لئہ چوڻ چُڳي ٿو تہ اچانڪ ڪو باز پڙڪو ڏي ٿو ۽ هو ڏور آڪاس ۾ اُڏامي ٿو

پر حياتيءَ لئہ ڪيل اِهو حسين حيلو وئرٿ وڃي ٿو. عقاب هن جي ريشمي بدن کي پنهنجن چُهنبدار چنبن سان ڇيهون ڇيهون ڪري ٿو!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو..!!

جڏهن

ٿر جي بي سمجهہ ٻارڙيءَ مري ويل مور کي معصوميت مان هنج ۾ کڻي وڏي پيار ۽ پاٻوهہ مان ٿڦڪي هٿي ٿي. ڍيل جي ميل بنان مري ويل اُن نياڻي مور جو درد انتظاميہ کان وڌ هي ٻارڙي ڄاڻي ٿي جيڪا مئل مور جو مقدس کنڀ ڪنهن مندر ۾ کڻي وڃڻ بجاءِ ڪارونجهر جي هنج مان وهندڙ پيتياڻي نديءَ جي نانءُ ڪري ٿي، کنڀ کي تاريندي هن جي معصوم اکين مان هڪ اُداس ڳوڙهو ڳڙي پوي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

سورنهن سالن واريءَ ڪنچن وهيءَ ۾ ڪتي ڪنهن ڪنيا سان ڪو پنجاهہ سالا پوڙهو پرڻجي ٿو ۽ آياڻي ڪنيا سهاڳ رات جو ڏهاڳ جهڙو ڏک ڀوڳيندي حياتي جا هڙئي درد هڪڙي ڏک ۾ ڏوڪي منهن تي ڦڪي مُرڪ آڻي، پوڙهي ور کي پنهنجو مجازي خدا مڃيندي پيرين پئي پرڻام ڪري ٿي.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

غربت جي ڪچي گار سهندڙ غريب مزدور سڄو ڏينهن هماليہ جيڏي همالي ڪرڻ ڪانپوءِ بہ مهانگائي سبب سنجها ويلي خالي هٿين گهر موٽي ٿو، گهر جي آڳر ۾ مٽي سان کيڏندڙ مٽي هاڻا ٻار پورهيت پيءَ جي آجيان لئہ ڊوڙي سندس گدلي چولي سان چنبڙي پون ٿا ۽ هُو موت ۾ فقط کل جي خرچي ڏي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ڪنهن غريب ٻار کي سندس ماءُ صبح سويل سنيرائي اسڪول موڪلي ٿي انهي آس تي تہ علم جا ٻہ اکر سکي سندس هونهار فرزند سيئي لُڙ لاهيندو. ٻار ٻنان سليٽ ۽ پين جي ذهني شعور سان تعليم پرائڻ ۽ ملڪي وقاس ۾ وک وڌائڻ لئہ سرهائي سان اسڪول وڃي ٿو پر بااثر ماستر هن کي علم جا ٻہ شبد سيکارڻ بجاءِ غريبي جو فائدو وٺندي بي گناهہ ٻار کي شرارتي جو لقب ڏيئي وڏي بي حيائي سان ماريندي معصوم ٻار جا هٿ رتو رت ڪري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

هارايل جواري جهڙو جيون گهاريندڙ منهنجي موميءَ مارُوئڙن جي ميرن وڳن، چيڙهہ پيل چڳن ۽ اُگهاڙن انگن تي ڪو تونگر ٻنهہ نہ سهڻ جوڳو پوڳ ڪندي ٽريي جو لقب ڏيئي ٿوڪاري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

زندگي جو گاڏو گهلڻ لئہ ڪنهن کان وياج تي قرض ڪڍندڙ غريب ڏوٽي پريشان ٿئي ٿو تہ سندس پٽي ورتا زال پنهنجي پٽي جي پت رکڻ لئہ نڪ مان نٿ لاهي ڏي ٿي ۽ غريب ڏوٽي پنهنجي پراڻن کان پياري پٽنيءَ جي نٿ وڪڻي قرض چُڪائي ٿو تہ سماج هُن تي بي هودا ٺٺوليون ڪندي ڪم چور يا نياڳي جهڙا لقب ڏي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

تڙ تڙ تي تڙڳجڻ بجاءِ هڪڙي ئي محبت جي مانسرور مان محبت جا موتيءَ چُڳڻ جي من پاونا رکندڙ ڪنهن هنس سان محبوب بارشن جيان بي وفايون ڪري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏھن

محبوب جي گرم ڀاڪر جھڙي دلربا مُند سياري ۾ سائيبريا کان اُڏامي آيل، پن ڀاتلين اکين جھڙن پکين تي عرب سامروٽي جي سنن ۾ بي گناھہ فائر ڪن ٿا.

تڏھن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏھن

پٽ جي ڀِڪ ۾ اداس ويٺل ڏنار پنھنجي ڌڻ ڏي نگاھہ ڪندي سوچي ٿو ”ھيل ماتا ھاڃا ڪري ڇڏيا“ ھو مونن ۾ مُنھن وجھي مُقدر کي ميار ڏيڻ بجاءِ اُنھن تي سوچي ٿو جن کي پر سال ھن قيمتي ووٽ ڏنو ھو. ھن ھيڏي ھاڃي تي بہ ٻہ ڀير ڀري اُھي لڙي حال پُڇڻ نہ آيا، انھيءَ سوچ ۾ افسوس ۾ ھو اُٿي بانسري جي بدن تي سُڪل چپ رکي ڦوڪ ڏئي ٿو! بانسري نو ورني وڏوا جي اوڇينگار ٻڌجي آلاپ ڪري ٿي!

تڏھن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏھن

ڏياري جي ڏينھن دارون جي نشي ۾ ڌُت امير شرابين کي شراب پيئندو ڏسي ڪو غريب ٿاريلو ڪجھہ پلڪن جي لئہ زندگي جي تلخي دور ڪندي زھريلي ٺري جي ٻاتلي ڏوڪي ٿو. زھر ھُن جي نس نس ۾ ڦھلجي ٿو ۽ ھو حياتي تان ھٿ ڌوئي ويھي ٿو.

تڏھن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏھن

اوچ نيچ ۽ ڀيد ڀاوَ واري مُرده سوچ رکندڙ ڪو اُتم ذاتي ھن ديس جي دادلي دراوڙ جي پاڪيزه ڏيءَ تي ڇُوت ڇاتَ واري ڇاپ ھڻي اُن کي اڪ جي پُڙي يا ٻُڪ ۾ پاڻي پياري ٿو.

تڏھن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏھن

صحرا ٿر جي سموري تاريخ ان ڳالهہ جي گواهہ آهي تہ ٿاريلي سراپا وفا آهي! حُسن ۽ حيا جو هماليہ آهي! پوءِ بہ ڪٿي ڪو ٽر جو ٽونگر مڙس ڪاري جو ڪلنڪ ڏيئي ڪنهن نردوش ناريءَ کي طلاق يا تياڳ ڏي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

آڪو پايو جي ان گڏ ڪرڻ لئہ در در جا بابو بيڪاري بڻجي معصوم ٻارڙا تتل ڪاڙهي ۾ سڄو ڏينهن ڳوٺ ۾ ڦيري ڦرن ٿا، سُڪل ترايون جا ترا ٻهارين ٿا، انهيءَ آس تي تہ مولا مهر ڪندو ۽ ڏرتي جو داتا وسي پوندو اسين پنل دوڙ مان پونگلا ٺاهي مينهن وساڙن سان کيڏنداسين پر پوءِ بہ بارش بنان گرج برج جي هلي وڃي ٿي. معصومن جي آس نراس ٿئي ٿي.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ميجون ٿا تہ پنگريو جي پدن تي پوري پيل سان وڏو ويل ٿيو آهي. هُن جي جسد خاڪي کي جيجل جي جهولي مان ڪڍي ٻاهر اُس ۾ اُڇلايو ويو آهي. انسانيت جو ڪنڌ شرم مان جهڪيل آهي پر نمن واري شهر جي نزديڪ چند ڪلو ميٽرن تي آباد چوٽار ۾ رزاق مڪواڻي جي نوجوان رت سان ٿيل وحشياڻي راند تي پوري انسانيت کي ٻُڏي مرڻ کپي. پر هتي سڀ ڪجهہ جائز آهي الئہ ڇو؟ عبدالرزاق کي نوجواني جي نبور وهيءَ ۾ بنان ڏوهہ جي ڪُنو ويو. رزاق جي جيجل هر ويل پُٽ جي جهوريءَ ۾ جُهري ٿي، پل پل جيئي ۽ مري ٿي، پيڻ پنهنجي ياءُ لاءِ پُڪاري ٿي.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ٿر جو فطري حُسن دنيا لئہ دنگ آهي! ڏُڪار سُڪار ۾ ساوا رهندڙ هتي جا وڻ ۽ ٻوٽا ماحول کي ملوڪ بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. اُنهن اُملهہ وڻن ۾ نمايان نانءُ ڪجهہ هن ريت آهن، ڪنڊي، ڪونيٽ، روهيڙو، ٻير ۽ ٻبر ڪانسواءِ انيڪ اهڙا وڻندڙ وڻ آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي اهميت

الڳ الڳ رکن ٿا. ڪونيٽ جيڪو وسڪاري ۾ ڪيئي ڪوڏ ڪري ٿو. اُهو سياري جي سرد رُت ۾ بنان بارش جي پلڙا پچائي ٿو. اُهي پلڙا هِن هڏ ٺار مند ۾ مال لئہ وڏي وٿ بڻجن ٿا. ڪونيٽ ڪانسواءِ ڪنڊي بہ ٿري وڻن جي وطن جو هڪ انمول رتن آهي. ڪنڊي ڦڳڻ ۾ ٻور جهلي ٿي ۽ ويساک ۾ ڦل ڏي ٿي، سنگريون نہ رڳو مال جي منهن ۾ ڏنيون وڃن ٿيون پر انهن کي مٽي جي کُنن ۾ رڌي ماڻهو وڏي ڪوڏ سان کائيندا آهن. ڪنهن بنارسي ساڙهي تي سجايل ڳاڙهن ٻڙن جهڙو وڻندڙ وڻ روهيڙو جنهن جو خوبصورت گُل خوشبوءَ کان خالي هئڻ باوجود پنهنجو پاڻ ۾ الئہ ڪهڙي مناس ۽ مٺيا رکي ٿو جو اگر ٻڪري يا رڍ هڪ دفعو بہ اُن کي چکي ورتو تہ سڄو ڏينهن روهيڙي هيٺ وري گُل ڪرڻ جي آس ۾ ٻُڪايل ببيٺي رهندي. اهڙن عجيب ۽ حسين وڻن کي مُنافي خور ٿر جي سر زمين تان بنهہ بي رحمي سان وڍي ۽ ٽُڪي وڃن ٿا.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن چيتي چانڊوڪي جي پونم رات، محبوب سان ميل ڪرڻ لئہ دڙن تي نڪتل دلير عاشق جون ساحر اکيون انتظارن جي مسافري پوڄيندي جاڳ جو سمنڊ جهاڳيندي جونجهڪڙي ويل جهري پون ٿيون ان ڪري جو بي وفا محبوب پرين سان پيار جا ڪوڙا قول ڪري، وصل جي واٽ وساري ويهي ٿو. عاشق جي اکين ۾ درد جو جوت جلي ٿو!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ٿر جي مها سُندر شُشيل نياڻي مهر راڻي کي، لاکي ڦُلاڻي بنان ڏوهہ جي ڏينهن ڏونئري جو سهاڳ جي مند ۾ ڏهاڳ ڏنو هو. اِها وقت جي وڏي ويساهہ گهاتيءَ هُئي، هڪ ابلا عورت سان گهور انياءِ هو! مهر راڻي جو اُداس روح اڄ بہ ريگزارن ۾ ڀٽڪندي انصاف لئہ پُڪاري ٿو!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ٻاراتڻ جي وهيءَ ۾ پونگل گڏ جي پيار ڀولي سان دل اڙائيندڙ ڀاڄ جي ڀيل مارئل جو من ڀولي لئه لڪ لڪ تي ليلايو هو. واٽ ويندڙ مسافرن کي سنديسا ڏيندي ڀولي کي ميارن جا مڙ مُڪيا هئا، پر پوءِ بہ ڀولي مارٽيءَ جي مڪار محبت ۾ اچي مارئل کي صفا وساري ڇڏيو هو. ڀولاتيسين ڀور ڀلا چوندي مارئل جو روح اڄ بہ ٿر جي ڀٽن ۾ ڀٽڪي ٿو!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

قدام جي قد جيڏيون ڏڳهيون ٿاريليون مٿي تي ٻيلهڙا کڻي پيرين اُپراٽيون پند ڪندي ٻانهياري جيڏين ڀٽن تان پاڻي لپ لئه ڪاڙهن ۾ ڀٽڪن ٿيون، انهن جي اندلئي انگن مان پيار جي پهرين چُمي جهڙو سڳنداسي پگهر ڪيهہ ڀڪلين ڪُڙين تان وهي تتل واريءَ ۾ جذب ٿئي ٿو!

ڏرتيءَ جي دل درد ۾ ڦٿڪي ٿي!

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

گريناءٽ ڪيڊڻ لئه فخر ٿر ڪارونجهر جي جاڻي جسم کي زور آور مشينن سان ڌماڪا ڪندي ڇيهون ڇيهون ڪن ٿا، پکين جا آشيانا لرزن ٿا. مور دانهون ڪن ٿا. هرڻ ڇال ڏيندي ٻي موت مرن ٿا.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

غُربت جي گهاٽُو هٿان گهايل ڪا ويراڳڻ ٿاريلي ٻُڪايل ٻچن لئه رٻ اُڌاري ڀنڻ لئه ڪنهن امير جي اگهاڙي در اڳيان رحل جهڙا هٿ تنگي ٿي. امير هن جي ٻُک بدران ٽُتل چولي مان اُپاميل اُرهہ تڪيندي، هُن جي عصمت جي قيمت ڪٿي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ڪو اٽپڙهيل ۽ ابوجهہ ٿاريلو پنهنجي وني جو سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لئہ نادرا آفيس وڃي ٿو ھُن کي بنان پٽي جي ڪارڊ ان ڪري نہ ٿو ٺاهي ڏنو وڃي تہ ھُن جو ڪو بہ سياسي سورس ناهي، جنهن جي فورس تي ھُو عزت سان پنهنجي سُڃاڻپ جو سرٽيفڪيٽ وٺي سگهي! هڪڙي ڪارڊ لاءِ اڌ عمر جو اربي پنهنجي ٻني وڪڻي بہ وني جو ڪارڊ نہ ٺهرائي سگهڻ جي ڪرب ۾ هو پنهنجي ئي ڌرتي تي ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا مري ٿو.

تڏهن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

15 آگسٽ تائين برسات نہ وسڻ ڪري سرڪاري طور ٿر کي ڏُڪار سٽيل قرار ڏنو وڃي ٿو. سرڪاري خيرات جا خيما لڳن ٿا. اميرن کي عزت سان گهر ويٺي بنان گهرڻ جي سڪون سان سرڪاري خيرات ملي ٿي ۽ غريب ڦهري ڪاڙهن ۾ سڄو ڏينهن قطارون ناهي ڏهہ ڪلي اٿي جو انتظار ڪن ٿا. پر شام جو منرل واٽر جي بوتل ۾ ڪلو دال جو ڏيئي اهو چئي روانا ڪن ٿا تہ ڪل آنا آج مال ختم ہے. غريب پنهنجي ٻچن کي توڪل جي ٽُرهي تي چاڙهي اهو چئي گهر وڃن ٿا تہ سواري جام جُڙسي بڪايل ٻچڙا مجبور مائٽن جي اکين جي اُداسي پر کي بنان ماني جي سُمهي رهن ٿا.

تڏهن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ڇيٽ جو پيٽ لئہ پرديس ويل ڪو غريب ٿاريلو وسڪاري ۾ بہ نٿو وري، ۽ ھُن جي وفادار وٺيءَ ڪڪاوين چونئري ۾ اڪيلي پُسندي ڪيتڪي گُل جيان ٽٽي پوي ٿي. مجازن جي مستي ۾ موج اچي ٿي ۽ ھُوءَ پنهنجي پيتار جي ٻاٻيس ۾ لنپ وانگي ٻري ٿي.

تڏهن

منھنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

پاريڀي جي پير ۽ ڳاڙهي ٻير جهڙي ڪا ٿاريلي جديديت جي جنون ۾ اچي سٽي پنجي چڏي ڪٽيرو ئي خوب وارو ورق وساري، ڪنهن اميرزادي

شهري بابُو سان ٻتيهه دليون جوڙي ٻلهار وڃي ٿي. بدلي ۾ هُو محبت جو مذاق اُڏائيندي پلر جهڙي پوِتر ٿاريلي سان گينگ ريپ جهڙو گناهه ڪندي هُن جي حياتي جي ٽائيٽنڪ کي بي وفائي جي برفاني ڇپ سان ٽڪرائي ڇيهون ڇيهون ڪري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

قحط ڏُڪارن جي ڦهر ۾ اميرديس جي غريب ماروئڙن جو مال مري وڃي ٿو. ڪير، مکڻ لسي ڳوليا به نه ٿا ملن ۽ قوت مدافعت واري ڪمي ۾ ٿر جي گلن جهڙا معصوم مستقبل جا معمار ۽ ڏيهه جا ڏيئا مُنور ٿيڻ کان اڳ ۾ گُل ٿي وڃن ٿا. تڏهن سنڌ جي وڏي ڪُرسي تي ويٺل سائين ٽرياٽين جي سادگي تي نه سهڻ جوڳيون چٿرون ڪندي ڪڙا ويڻ چئي انهن جي عزت نفس کي مجروح ڪري ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ٿر ۾ ٻارڙا مرن ٿا، ميڊيا ۾ ٻُڙڌڪ مچي ٿو ۽ سنڌ جا وڏا وڏا وزير ڪبير مٺي ۾ محفلون مچائين ٿا. هڪڙي محفل ۾ سنڌ جو هڪ وزير ٻارڙن جي موت جو ذميوار اقتدار کان ٻاهر ويٺل ٿر جي ارڏي ارباب کي قرار ڏيندي. هُن تي اُگرن اکرن ۾ چوهه ڇنڊي ٿو ۽ ٿر جي بودلي ٻار جهڙي جنتا ارباب جا سمورا احسان وساري بي تحاشا تاڙيون وڄائي ٿي.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

لُلَر ۽ مريڙي جي ساڳ کي ڪنهن پنج ستارا هوٽل جي پيزا کان مٺي سمجهندڙ مارُوئڙا، ڪن لالچي ذهنن هٿان يرغمال بڻجي پلي ٻُڪ پيرم جي شال م وڃي شان واري ست جو پيرم پُلندي ڪنهن آڙيڪاپ اين جي اوز جي ور چڙهي، امدادي گاڏين جي پويان ائين ڊوڙن ٿا جئين تسيارا مال اواڙي ڏي

ٻوڙن ٿا ۽ اُنهن ابوجهه ماروئڙن تي ڪو انگريز طنز و مزاح ۾ ڏيسوڪي جهڙا ڏهه ڪتاب لکي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

نصيبن جي ماريل ڪا سُورن ساماٽي، اوتي تي ڏيئي جي روشني ۾ پنهنجو پومچو ان آس تي پيري ٿي ته هيل سال سُنو ٿيندو، وسڪارا ٿيندا ۽ هُن جا هٿ به پيلا ٿيندا. پر سندس ستر سالن جو پوڙهو پيءُ چِنل منجَي تي سستو سگريٽ ڇڪيندي نڪتن ۾ نهاري ذُڪار جا آثار ڏسي پنهنجي سڪيلڌي ڌي کي ڪنگهندو سڏ ڪري چوي ٿو ته ڌيا! هيل به مينهن مُشڪل وسي پنهنجي بابل جي واتان ذُڪار جو سنديشو سُڻي اٽپرٽي نينگري غم جي سمنڊ ۾ ٻُڏي وڃي ٿي. نياڻي جي چهري تان اُڏامي ويل تبسمي پوپٽن کي پرکي پوڙهو پيءُ پيشاني تان پگهر اُگهندي ڳُٽيين ۾ گُم ٿي وڃي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

بنان چاري جي بُک ۾ مري ويل ماٽڪي جي اوسيئڙي ۾ اڌ رات تائين جاڳي سُتل سگهڙ ٽرياٽي، اَسر ويلي اٿي پنهنجي وڏياري ڊِڳي جي سُڪل ٿڻن مان ڪير لپ ڏُهي اڌ ڪاري چانهه پيئندي چوي ٿي اي مولا! هاڻي ته مينهن وساءِ.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

ضلعي هيڊ ڪوارٽر مٺي جي سياسي توڙي سماجي معاملن کان بلڪل اڻواقف، مٺي کان ڪوهين ڏُور پنهنجي ڳوٺڙي جالو جي چونئري واري وڏي پٽ تي ويهي، پنهنجي ٽُٽل جُتي کي ٽوپا ڏيندي چاڳلو چوي ٿو گاهه کي ڏٺي ڏينهن ٿيا پر هاڻي ته ٻوهه به سُڪي رهيا آهن جيڪڏهن اجان به ذُڪار وڌيڪ وقت جاري رهيو ته ٿر ۾ وڻ ۽ ڏڻ جو تصور ئي ختم ٿي ويندو. هن جي اهڙي ڇرَڪائيندڙ اظهار تي ڪراڙو ٿُوهر پنهنجي ۽ پنهنجي

ديس جي فطري بقا طور پنهنجا منڌي هاٿا هٿ مٿي ڪٽي مالڪ ڪان دُعا گهري ٿو تہ اي مولا! هاڻي تہ مهر ڪر. اُن مهل ئي ڪو وڻن جو ويري سرمائيدار نوجوان ڪونيٽ ڪي ڪارائي سان ڪُهي ٿو.

تڏهن

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

جڏهن

پنهنجي بابل جي آڳر پڪڙي، ريل ۾ راند ڪرڻ لئہ ويل پتڪڙو ٻالڪ سُڪل واريءَ مان پونگلا ٺاهڻ ۽ مينهن ماماڻا ڳولڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. نہ مينهن ماماڻا ملن ٿا ۽ نہ ئي وري پونگلا ٺهن ٿا. هُو پنهنجي مري ويل حسرت تي پنهنجون ننڍيون نگاهون آڪاش ڏي ڪندي پاڻي سان ڀريل بادلن ڪي خار مان گهوري ٿو.

تڏهن.

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو...!!

سرلان، جنهن لئہ سنڌ سُڏڪي ٿي...!!

هوءِ سنڌ جي لوڪ پريي شهر لاڙڪاڻي ۾ ڄائي هُئي، هن ڄمندي سنڌوءَ جي جل سُتي پيتي هُئي. هن جي ڪنور قسمت ۾ وطن جي وڇوڙي جو وهلور لوح قلم سان لکيل هو. هن جي ارڏي ۽ اڇوتي آتما آدجڳاد کان صرف سنڌياڻي هُئي پر مقدر جي ماريءَ کي جنم ڀومي جي جدائي ڀوڳڻي پيئي ۽ هوءِ چاليهہ سال اڳ سنڌ ڇڏي وئي هُئي يا ڇڏائي ويئي هُئي..؟

الئہ ڪهڙي اتڻ تڻ هن کي وطن جي وڻن کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ هوءِ سدا لئہ سنڌ ڇڏي وڃي هند ۾ ٺانيڪي ٿي. وڻ مان جيئن ٿاريءَ ٽٽي، ائين هوءِ پنهنجي وطن ۽ ڪٽنب مان ٽٽي ويئي، سنڌو سان سنبد جون پاڙون روح پاتال ۾ هوندي بہ هن پنهنجن جي وڇوڙي ڀوڳي! آلين اکين ۽ ٽڪل ٽٽل

قدمن سان سنڌ کي الوداع ڪندي هن جي آتما اوڇنگار ڏني هئي ۽ هن جو رتوڇاڻ روح رهجي ويو هو جنڌڙي جهڙي سنڌڙي جي ساهه سريکي سرزمين تي... هند تہ رڳو هن جو جسم ويو هو. هڪ ابلا عورت جو ڏيرو ڏيل... هوءِ هند ويئي تہ سهي پر هن جو سڀ ڪجهہ سنڌ ۾ رهجي ويو. هڪ جيڏين سهيلين جو سجيلو ساٿ، سڳا پائر، وطن جا وڻ ويڙها، اباڻا گهرڙا سڀ ڪجهہ ڪجهہ قربان ٿي ويا.

هن کي هند ۾ سنڌ جي سڪ ڪڏهن بہ سڪون سان سڪونت پذير ٿيڻ نہ ڏنو ۽ هوءَ وطن لئہ ولکندي، ڦٿڪندي نيٺ سورنهن سال اڳ سنڌ وطن ڏانهن سنيري هئي، ڪيئي آسون اُميدون کڻي آئي هُئي. پنهنجن پيارن سان ملڻ لئہ چوويهہ سالن جي طويل وڇوڙي کانپوءِ وري انهن پڌن تي پير ڏريا هئا جتي هن ٻالڪپڻ وارا سندر ڏينهن گهاريا هئا سنڌوءَ جي جل ڌارا ۾ پير پائيندي وڏي روحاني راحت ماڻي هئي. ساڌ ٻيلي واري ميلي ۾ هن جي الوڪ آتما کي وڏو آسيس ميلو هو پنهنجي وڇڙيل پريوار سان ملي هن ڄڻ پرماتما پائي ورتو هو. پنهنجا اباڻا اجها ڏسي هن جي الماس اکڙين ۾ خوشي جا لڙڪ لڙي پيا پر افسوس ان ننڍڙي خوشيءَ جي عمر انتهائي ڪم هئي. ڇو تہ هن کي واپس وڃڻو هو. هوءِ هاڻي سنڌ مان سدائين لئہ ٽٽي چُڪي هئي. هوءَ هاڻي اسان لئہ اوپري وطن جي هئي، ويزا ختم ٿي، ڏيئي اوڇنگار هلي وئي هن پار.... وڇڙي ويئي پنهنجي جند جهڙي سنڌ کان هن جو وجود سنڌ جي خمير مان ڪڙيل هو هن جي ماهہ ۾ موهن جي دڙي جي مٽي شامل هُئي. هن جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دل ۾ هر وقت سمبارا سرگم سان محور رقص هوندي هئي. هوءَ گيتا جي شلوڪن بجاءِ ساميءَ جا سلوڪ ترنم سان ڳائي رام کي ريجهائيندي هئي. هوءَ هر روز سنجها ويلي آرتي بدران ڀٽائي جي وائي جونگهاريندي هئي تہ آيل ماءُ منهنجو جوڳيئڙن سان سنگ.

هن جي سرير ۾ سمايل رڳت ۾ سنڌو جو پوتر جل پيوند ٿيل هو هوءَ جڏهن سانجهہ جا ستارا ٻڏيندي اتر واءَ کان وطن جي پکين جا پار پڇندي هئي. تڏهن هن جي اندر ۾ اوسيئڙي جي اڪير اٿي پوندي هئي ۽ هوءَ بي اختيار چئي ڏيندي هئي.

پکي پروڪا، اجا نہ آيا، اڪير تن جي، هري رهي آ،
اداس سر تي، هوا اُني جي، چئي پيئي، ڪا اڏار ايندي.
(اياز)

پنهنجي ديس جي پنڇين جي اُڏار تہ ڪو نہ ايندي هئي پر هوءَ اداسي جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويندي هئي. هوءَ جڏهن سنڌ امڙ جي ٻي ٻها ياد جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي هئي تڏهن هن جي ولر کان وڇڙيل ويڳاڻي پنڇيءَ جهڙي آتما ويتر وياڪل ٿي پوندي هئي. سنڌ وطن جي آدجڳادي ارجمند ديوي سرلان هر رات خوابن جي اڏند کٽولي تي پرواز ڪري ساهتي پرڳڻي سنڌ جو ڊنڊلو درشن ڪندي هئي. هن جي خيال کان وٺي خواب تائين رڳو سنڌ ئي سمايل هئي. هوءَ سراپا سنڌ هئي! آل انڊيا ريڊيو واري سروس آڪاش واڻي تان شهيد ڀڳت ڪنوررام جي ڪنٺ ۾ الک ڀيڙو تار منهنجو وارو آلاپ ٻڌندي، هن جي روح جون تندون ڀٽائي جي تنبوري سان تال ملائينديون هيون ۽ هن جي اکين جو آڪاش نمي پوندو هو پنهنجي اباڻي وطن جي اڪير ۾ سدا ساٿي سرلان پريوار جي پيار ۽ جدائي جي جهوريءَ ۾ جهري پوندي هئي. هر رِڪشا ٻنڌن تي هن کي ياد پوندا هئا. پنهنجا پوجا پورا ڀاءُ هريش ۽ مهيش...!! جن کي راکڙي ٻڌڻ لئہ هن جي دل تڙپندي هئي پر ڪجھ بہ ڪري نہ ٿي سگهي، پنهنجن ڀائرن سان ملڻ محال هو ڇو تہ هو ٻئي خاردار تارن جي هن پار هئا. رت جي رشتن وچان، انساني ستم جي ساڪي سرحد هئي، جنهن کي اڪرڻ لئہ اجازت جلدي ملڻ مشڪل هئي. هوءَ پنهنجن ڀائرن سان صرف محسوسات ۾ ئي ملي سگهي ٿي. تصورن ۾ ئي وير پسلي واري ورت جون سوپاريون ڀائرن ۾ ونڊيندي هئي. هر رکشا بنڌن تي سڏڪن ۾ ساٿي ۽ وطن کان ويڳاڻي سرلان رتن جڙاءَ رکڙي/ راکي ڪٽي ٻن وٽن ۾ ٻڌي ڇڏيندي هئي. ڀائرن جي پرم لئہ هن انهن وٽن کي منهن ٻولايا ڀائر ڪيا هئا. ڀَوَ جي ڀائرن جي سڪ انهن وٽن مان ڪيئن پوري ٿيندي؟ پر پوءِ بہ اندر جي وڍ کي ڍڪ ڏيڻ خاطر هن وٽن سان ئي واسطا رکيا!

هن جي اڳيان سنڌ جي ڪير ڳالھ ڪندو هو تہ هن جو اندر اڌ ٿي پوندو هو روح ريلو ڏيندو هو پنهنجي ماتر ڀومي لاءِ تڏهن هوءَ پنهنجو پاسپورٽ ڪٽي ويزا لئہ اپلاءِ ڪندي هُئي، ائين عرضيون ڏيندي ڏيندي هن کي سورنهن سال ٿي ويا پر ويزا نہ ملي، چار ڀيرا ويزا رد ٿي، نيٺ 2014ع واري اپريل مهيني ۾ ويزا ملي ۽ سنهري نڪتي پنهنجي پريتم پياري سنڌ ڏانهن، هوءَ سمجھوتا ايڪسپريس ذريعي آئي. ريل ۾ ايندي هوءِ يڪو ڀائرن سان فون تي هم ڪلام هئي، هن جي اندر ۾ وڏي اڪير هئي. سورنهن سالن کان

جدائي جي جاون ۾ جلندڙ سرلان جڏهن لاهور جي سرزمين تي لٿي، تڏهن هن جون اکيون پرنم هيون. سندس آجيان لئہ آيل ڀاءُ مهيش ڪمار کي ڏسندي ئي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. ڀئي ڀاءُ ڀيڻ هڪ ٻئي کي چميون ڏيندي روئيندا ۽ سڏڪندا رهيا. پنج منٽ جي انهيءَ وصال ۾ اهڙي ڪا وير وري جو سنڌڙي جي سرلان جو وجود ئي لڙهي ويو... ڀاءُ لئہ تڙپندڙ ڀيڻ سنڌڙي کان ڏور لاهور اسٽيشن تي ئي ڀاءُ جي ڀاڪر ۾ سدا لئہ سمهي پيئي! شايد هو وڇوڙن جي پر پيچ مارڳن تي هلندي هلندي ٿڪي پئي هئي. هن ابدي ننڊ ڪرڻ ٿي چاهي يا قسمت وري بہ ڪلور ڪيو جو اباڻي اجهي ڏسڻ واري آخري اِڇا بہ پوري نہ ٿي! سرلان جو ڀاءُ مهيش چوي ٿو تہ مون کان اها بدنصيب گهڙي ڪڏهن بہ نہ وسرندي جو ورهين جي وڇڙيل ڀيڻ ائين ملندي ۽ هميشہ لاءِ جدا ئي ٿي ويندي.

سرلان جو مڙهہ آخري پلن ۾ شهيدن جي سرزمين ۾ پرويش ڪرڻ لئہ واجهائيندو رهيو پر انتظامي معاملا ائين ڪٿي ٿا ڪرڻ ڏين. سرلان جو سرد سرير روڊ رستي واپس هندوستان روانو ڪيو ويو ائين اياڻي سرلان جو سفر بس 24 ڪلاڪن ۾ پورو ٿي ويو.

هوءَ سنڌ لئہ سڪندي رهي ۽ سنڌ هن لاءِ سڏڪندي رهي... ٻئي نہ ملي سگهيون. هن جي ارٿي هندستان ويندي سنڌ لئہ ڏاڍو واجهايو هوندو ڇو تہ پراڻ تياڳڻ وقت بہ ڪيس سنڌوءَ جو پاڻي نصيب نہ ٿيو نہ ئي هوءَ پيائرن جي پريوار سان ملي سگهي. سورنهن سالن جي وڏي وڇوٽي ڪانپورءِ ائين آئي ۽ پنهنجا پراڻ ڏيئي هميشہ لئہ هلي ويئي. مهاراشٽرا صوبي جي سرزمين تي اگني سنسڪار ٿيل سنڌڙي جي سرلان ديوي پنهنجي پويان بہ پُٽ ۽ هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏي آهي. انهن ئي انتم ڪرياڪرم ڪيو جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ڀيڻ جي آتما کي شرڌا انجلي ارپڻ لئہ سرلان جا ٻئي ڀائر هريش ۽ مهيش ويزا لئہ اپيلون ڪري رهيا آهن ويزا ملندي الئہ نہ. پر ڏک اهو آهي تہ انساني سرحدون ايڏا وڏا ويڇا ڪنديون آهن جو ماڻهو نہ جيئري جو ٻيلي، نہ مئي جو ڪانڌي سرلان ديوي جي سپوٽ پٽن کي منهنجي وينتي آهي تہ ادڙا! امان سرلان جون استيون متان گنگا ۾ وهائيو اهي سنڌو نديءَ ۾ وهائجو جڏهن اچڻ ٿئي. ڇو تہ سرلان جي آتما جي شانتي جو سوال آهي.... هوءَ سنڌ لئہ رُني هُئي ۽ سنڌ هن لئہ روئي ٿي...!!

ٿوهرن جهڙيون مُسافريون

حُسناڪ حياتيءَ جا هڙئِي پل ڏکن سنديءَ ٿوهر جي ٿوڪ تي ويهي، اڪ جو اڇو ڇير ڏوڪي سورج جي گرم شعاعن ۾ جيون بثر ڪندڙ وارياسن وجودن سدائين اَبر رُت جي اوسيئڙي ۾ رڻ پٽن تي رُلندي، ٿوهرن جهڙيون مُسافريون ڀوڳيون آهن. لکيا پيا لوڙهيون واري ڪار انهن ڀوڳ ماروئڙن سڀ سُور قسمت جي ڪاتي ڪندي، ڪڏهن ٻه ٻي رحم وقت جي ڪن ۾ جهلي اهو ناهي پُڇيو تہ اسان سان ايڏا مذاق ڇو؟ آخر اسين ٻہ ان ئي جهان جا مٽي هاڏا ماڻهو آهيون جنهن جهان ۾ اوهين ۽ اسين، امير، غريب، اوچ، نيچ، راجا ۽ گدا سڀ رهن ٿا. پوءِ اسان سان ضروريات زندگي جي هر اُن شيءِ ۾ ٻيائي ڇو؟ جنهن ۾ اسان جي زندگي جو سوال آهي مثلن تعليم، صحت، پاڻي ۽ روزگار جهڙن بُنيادي سهوليتن ۾ اسان کي اهو ڇئي وساريو وڃي ٿو تہ اهي ٿريا آهن ويچارا اٻولڙا انهن کي ڪپي رُڳو بارش. مڃون ٿا تہ بارش اسان جي زندگي آهي بارش سواءِ اسين اڌورا آهيون پر ان ڪانسواءِ ٻہ حياتي ۾ ٻيو ٻہ گهڻو ڪجهہ کپي ٿو. جيڪو اڪثر اسان کي نٿو ڏنو وڃي. اڄ ٻہ ٿر جي 90 سيڪڙو ڳوٺن ۾ بجلي ناهي. الاجي تہ ڪيترا ڳوٺ روڊن

ڪان محروم آهن. صحت جي سهوليت تہ نہ هئڻ جي برابر آهي. تعليم جو ٻيڙو ٻڏل آهي بيروزگاري تہ ايتري وڏيل آهي جو تقريبن ٽر جو هر ٽيون ماڻهو اين جي اوز وٽ مقروض بڻيل آهي. ڏُڪاريل ڏيهہ ۾ ڏوٽين جي سُهائتا لاءِ مقرر ڪيل امداد جي ورچ وقت جيڪا ٽاريلن جي تذليل ٿي آهي اُها هتي جا رهواسي ئي ڄاڻن ٿا. اسان جي دردوندي ديس واري ڀلي ٻُڪ ڀرم جي ڪي ڀيلي ڏيڻ ۾ اين جي اوز وارن ڪا بہ گهتتائي نہ ڪئي آهي. اُجاري ديس ۾ رهندڙ مومي ماروئڙن کي سوئيزرليند جهڙا سبز خواب ڏيکاري انهن کان اِهو وساريو ويو تہ ”ڏونگا آڇ مَ تن منگڻ مهٽو جن“ مرشد جي ڏنل انهي آئين تي سدائين عمل ڪندڙ ساٽيهہ واسي هاڻي شايد ٿوهرن جهڙيون مُسافريون ڀوڳندي ٿڪجي پيا آهن جو ان دستور کي ماضي ۾ مدفون ڪري اين جي اوز واري امداد ۽ سرڪاري سوس تي هرڪجي ويا آهن.

انهن کان اِهو وسري ويو آهي تہ اسين مورن جي ديس جا واسي آهيون. مور جيڪي پٽر ڪائي پيٽ ڀرين ٿا. اسين بہ ٿوهر جي ٿوڪ تي ٽڪ ڀچي پارڪر جا پٽر ڪائي پيٽ ڀري سگهون ٿا، پر پنهنجي ضمير تي زنڪ هڻي امداد وٺڻ لئہ پنهنجين نياڻين کي ڪاڙهن ۾ ساڙي انهن جي تذليل نٿا ڪرائي سگهون، ڇو تہ اسين اُهي آهيون جن سدائين ڏُڪار ڏٺا آهن. اسين ان ٿانور ڀٽي جا ڀائر آهيون جنهن جي زال ور کي ڀاءُ ڪري بہ محنت مزدوري ڪئي پر ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو! اسين سدائين ٿوهرن جهڙيون مسافريون ڪرڻ جا ماهر آهيون. اسين ٻُخارن ۾ ڄار جا پن ۽ اڪ جا پُڙا ڇاتين تي ٻڌي نم گهوٽي پيئندا ۽ جيئندا آهيون اسين مُرٽن ۽ پُرٽن مان اناج ڪيڍي گُذران ڪندا آهيون. اسين ڪرڙ جي ڏينن کي گُلاب جامن وانگي ڪائيندا آهيون. اسين اُنڙين جو ڪير ڀيءَ وڏو سڪون ماڻيندا آهيون اسين سال ڪنهن ڪروڏي راجا وانگي ڪاهي ايندڙ ڏُڪارن اسان جا هيرڻ ڀن جهڙا هانوَ هيٺا ڪري ڇڏيا آهن. آڱر آڱوني سان نٽي لڳي. بک ۾ حواس خطا ٿي وڃن ٿا.

اڄ بہ جڏهن سارنگ رُت ڪنهن ريساڙو پريتم وانگي بنان ڏوهہ جي رُسي ويندي آهي تڏهن اسان جون آڱميل اکيون آڪاش ۾ ڪُپي وينديون آهن. ٻئي هٿ مٿي ڪٽي مالڪ کان پلر بکيا پنندا آهيون. اُجايل ٻاٻهين جون دانهون ٻُڌي روح روئڻهارڪو ٿي پوندو آهي، ڳوپ جانورن کي پاڻي لپ

لئہ سٽون ڪائيندي ڏسي دل تڙپي پوندي آهي. پيرين اُپراٺا پنڌ ڪري ڪاڙهن ۾ ڪڙهي ترايون ٻُهاري آڪوپايو ڪندا آهيون. رُسي ويل پريتم (بارش) کي پرچائڻ لئہ وڻ وڻ ۾ وانئٽيون ٻڌندا آهيون. جَر لاءِ جاتون ڏيندڙ اسين ٿاريلا ٿر جي ٿاڪ ٿاڪ تي ڏيئا ٻاري ميگها مُند کي ڀليڪار چوندا آهيون. پر پوءِ بہ هُوءِ اسان کان تقريبن رُٺل ئي رهندي آهي. ڇلر جي پلر ۾ پُسڻ لئہ ٿاريليون مينهن ورت رکي اُس ۾ اُپواس ويهي الک کي آراڌنا ڪنديون آهن. ڪوهن ۾ تلاٽن ۾ اکا وجهنديون آهن تہ من مُندن تي مينهن وسن ۽ اسان جون ٿوهرن جهڙيون مسافريون ختم ٿين...!!

نئين سج نوان سور پوکيندڙ دلين جي ڌڙڪن جهڙو دلربا سچ اهو آهي تہ ٿوهرن جهڙيون مُسافريون اُهي بدنصيب ئي پوکيندا آهن جن جي اکين جي آڳوند ۾ رُڳو سورن جا سارس سانڍيل هوندا آهن. جن جي نصيب ۾ رُڳو پن ڇڻ جهڙا پيار ئي پلجندا آهن جن جي ڀاڳن جي ڌاڳن ۾ رُڳو جوڳ جَڙاءَ جا مٽيا پويل هوندا آهن. جن جي جيون ۾ رڳو ڏک ۽ ڏُک جا ڏمر ٿمر بڻجي ايندا آهن، جن جي سينڌن جا سِنڌور سهاڳ رات جو ئي لٽجي ويندا آهن. جن جون سيئي سُندر آسون ۽ اُميدون نااميدي جي رُڃ ۾ اُڃ مري وينديون آهن. جن جي لاءِ زمان، مڪان، محبت، صحبت رشتا ۽ ناتا ڪا بہ معنيٰ نہ رکندا آهن اُهي ئي ٿوهرن جهڙين مسافرين جا موجد هوندا آهن.

ٿوهرن جهڙيون مُسافريون اُهي درماندا ڌنار بہ پوکيندا آهن جيڪي آرهڙ جي اُسن ۾ ڇتيون لڱل ڇاڪڙيون پائي پٽن تي پٽڪي ولر واريندا آهن، جن جي پيرن ۾ پيل ڇالن جو درد ڪير بہ ڪٿي ڏسي ناهي سگهندو..!!

ٿوهرن جهڙيون مسافريون تہ اُن اپاڳڻ ماءَ جي ممتا بہ ڪندي آهي، جنهن جو معصوم پُٽ پڙهڻ واري وهي ۾ وڏيري وٽ وياج ۾ گِروي هوندو آهي، جنهن کي بہ ويلا ماني بہ اوبر واري ڏني ويندي آهي، جنهن جي خاموش اکين ۾ لڪيل درد جا ڳوڙها ڪير بہ ڏسي ناهي سگهندو...!!

ساهورن جا طعنا ۽ ٽُنڪا سهندي اُن اپاڳڻ جي دل بہ ٿوهرن جهڙيون مسافريون ڪندي آهي جنهن کي پٿر دل مائٽن وٽي سٽي تي ٻليدان ڪيو. پيار تي ڏنل ڦهرن ۾ زندان جهڙي زندگي گذاريندڙ ڪنهن بدنصيب انسان جو روح هر چانڊني رات تي محبوب جي گود ۾ گُد ڏيڻ لاءِ ٽڏا شوڪارا ڀري ٿوهرن جهڙيون مسافريون ڪندو آهي. نازڪ نفيس بدن ۾ چُڀيندڙ ٿوهر جي

ڪنڌن جهڙو ڪربناڪ درد ته اُهي وڻجارن جون ونيون سهن ٿيون. جيڪي ڪاند جي پاند بنان ڪومل ڪپاهُن ۾ نار نرندي سنجهي سيءَ مرن ٿيون جن کي اُتر جي هِير ڄر جي ڄيِن جئين لڳي ٿي. اهڙو ايذائيندڙ درد ته وسڪاري جي مُند ۾ ڪيسريي بالم سواءِ ٿاريلي به پوڳي ٿي جيڪا رُت اچڻ تي ڪيتڪيءَ گل وانگي ٽڙي پوي ٿي پر پونئر جي پرڻ ڪانسواءِ وري مُرجهائجي وڃي ٿي. روح اُداس ٿي ٿوهر جي ڪنڊن ۾ وچڙي پوي ٿو! ٿوهرن جهڙيون مُسافريون ته الئه ڪيترن سالن کان اُهي غزاه جا گُلابڙا ڪندا اچن جن کي سفاڪ اسرائيل بنان ڪنهن دوش جي پٽيندو اچي. جن جا پيارا عيد جي ڏينهن به روئي روئي پنهنجن پيارن لئه ڪپڙن بدران ڪفن خريد ڪندا آهن. جڳ خاموش تماشائي بڻيل آهي عرب ليڊرن جي ڪنن تي جُونءَ به نٿي سُري افسوس صد افسوس..!!

پريه پانڪ! تو ڪڏهن صحراءِ ٿر جي سُوني سرزمين جو سفر ڪيو آهي؟ جي ها, ته پوءِ تو رُڃن ۾ ريٽن تي ڪنهن اُڃايل مُسافر جيان ڄَل پياسن ٿوهرن کي به ڏٺو هوندو. ٿوهر جيڪي مينهن پڪيٽا گل لالا جهڙي خوبصورت منڊي جهليندا آهن. جيڪا نه رڳو مال لئه وڏي وِٿ بڻجندي آهي پر ڪڪاوَن نجهرن جي سونهن سجاوٽ ۾ به نِکار آڻيندي آهي. ٿوهر هن صحرا سان صدين کان سلهاڙيل آهن. جيڪي پلر جي تِرشنا ۾ ٿر ٻاٻهين سان گڏ تڙپيا آهن. پوءِ به پنهنجي وطن جي ويران پٽن ۾ پوٽن سان وفادار آهن. ڏُڪارن ۾ سُڪارن جهڙا سينگار ڪندا آهن. پن ڇڻ ۾ به بهارون بڻجي ٽڙندا آهن. تون جيڪڏهن پوڳنائن جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين ٿو ته ٿوهرن جي وکريل وجودن جي ڪتاب زندگيءَ جا بي ترتيب پنا احساس جي اکين سان پڙهي ڏس, تو کي نه ڄاڻ ته ڪيترا اُلڪن, اُڏمن, ايذائن ۽ عقوبتن جا داستان نظر ايندا! اُهي الميائي داستان صدين جي صدا بڻجي چُڪا آهن! هي صدين جون صدائون بڻيل ٿوهرن جون مسافريون تو کان اهو ضرور پُڇنديون ته ڇا اسان ۽ اسان جي ٿر سان ڪڏهن انصاف ٿيندو؟ يا ائين ئي اسين احساسن جي اٿاٿ واري ڏُڪار ۾ پن ڇڻ جهڙو جيون گهاريندا رهنداسين؟

تون ڀلي ٿوهرن جو درد ڄاڻين نه ڄاڻين پر مان ضرور ڄاڻان ٿو. ڇاڪاڻ ته تو ٿوهر شايد ڏٺائي ناهن ۽ نه ئي انهن جي اهنجن جي ڪا ڳل

اٿس پر آئون تہ اُنهن اُداس ٿوهرن جي آنچل جي ڇانوَ ۾ پليو آهيان. اُنهن سان گڏ پوڳنائن وارا سفر پوڳيا آهن. اُنهن سان گڏ پن ڇڻ ۾ پيلو پن ٿي ڇڻيو آهيان ڏُڪارن ۾ ڏنجهہ پوڳيا آهن. بهارن ۾ ٽڙيو آهيان، محبتن ۾ مڙيو آهيان مينهوڳي ۾ پچيو آهيان ۽ چانڊٺين ۾ چندرما ٻڻجي چمڪيو آهيان تہ اوماس راتين ۾ ڪڙ ڪُبيتي جيان ڪڙيو آهيان. تڏهن ئي تہ مان ٿوهرن جو درد ڇڱي ريت ڄاڻان ٿو..!!

ٿوهرن جهڙيون مسافريون پوڳيندڙ اسين ماروئڙا ٿوهرن جي ديس ۾ رهون ضرور ٿا پر اسانجون دليون ٿوهر جا ڪنڊا ناهن، اسان جون دليون تہ روهيڙي جا رتا گُل آهن. اسان جا مزاج ٿوهر جي چير جهڙا ڪڙا ناهن پر اسان جا مومي مزاج ماکي جهڙا مٺا آهن. اسين هن ديس ۾ رهي پيو ڄاڻون نہ ڄاڻون پر سُور سهڻ ۽ محبتون ونڊڻ ضرور ڄاڻون ٿا...!!

هيلوڪو وسڪارو، اڌوريون آشائون ۽ ڏياري..!!

ويندڙ وسڪاري تي ويچاريندي ايندڙ سياري جي آجيان ڪندڙ ٿاريلن جي اڌورين آشائن تي پلا چا لکجي. وسڪارو جنهن کي ٿر واسين جي زندگين جو ضامن چئجي ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو! چاڪاڻ ته ٿر واسين جي حياتي جون هڙئي حسناڪيون وسڪاري سان وابسته آهن. ڪهاوت آهي ته ٿر آهي ٿڻ تي نه ڪي ڪڻ تي، ڪڪائين جهوپڙي ۾ ٻرندڙ ڏيئي جهڙي هن ڪهاوت ۾ سموري ٿر جو فلسفو سمايل آهي، جنهن کي سمجهي به اهي ٿاريلا ئي سگهندا جيڪي برسات جي هر بوند کي موتي تل سمجهندا آهن! انهن ٿاريلن جي جيئڻ جا جواز به وسڪاري جي رت ۾ رقص ڪندا آهن. وسڪاري جا آگم ٿيڻ کان اڳ ۾ ٿرواسين جا انيڪ خواب آسمان ۾ اٽڪيل هوندا آهن. جن کي تعبيرن جا روپ تڏهن ملندا آهن. جڏهن منداڻتا مينهن ٻنا ٻوڙ وسندا آهن. جڏهن ڌرتي ماتا جي سيني مان سونا سونا سنگ ڦٽندا آهن. جڏهن سوين قسمن جا ساوا گاهه ڌرتي کي ديدآور ٻڻائيندا آهن. جڏهن مال چال ڏيئي پٽن جي پر ۾ پاڳين جي دلين ۾ ڪنياٽتا ڪوڙيندا آهن. هيلوڪي وسڪاري ۾ بارشون ته ٻنا ٻوڙ وٺيون پر ڌرتي جي سيني تي ساوڪ نه ٿي، ڪنهن اپسراءِ جي اڇي پيٽ جهڙا ريٽ ائين ئي واري اڏائيندي افسوس جو اظهار ڪندا رهيا. وٺن جا وجود پڻ ڇاٽيندي فطرت وٽ فريادڪندا رهيا، ته ائين ڇو ٿيو وقت سر ميگهه راجا راضي ڇو نه ٿيو. بارش جي پويتر پيرين جا نشان هوڏي هوائن ترت ڇو متايا؟ ريساڙو پريتم جي ادا جهڙي هي رُت بس پتائي جي سٽ ٻڌجي ڇو رهجي وئي؟

ڏکي توءِ ڏڪار توڙي وسن مينهڙا..!

هيلوڪي وسڪاري تي مسڪين ماروئڙن جا انيڪ خواب اڌورا رهجي ويا! اڌورا خواب ته ان هاري جا به رهجي ويا جنهن ڪاري رات جي اونداهه ۾ وسندڙ مينهن تي خوش ٿي، وڏا ٺهڪ ڏيئي پنهنجي ڪرهليي جي ڪنڌ ۾ ڳانا ٻڌي، سج اُيرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ٻني تي انهي آس ۾ ويو ته

هيل گوار جو اگهه چوٽ چڙهندو ۽ آئون پنهنجو سمورو قرض لاهي پنهنجي اڪيلي پُٽ کي اسڪول وڃڻ جي اجازت ڏيندس جيڪو هينئر منهنجو هٿ ونڊائي رهيو آهي، اُن هاري جي ناري پنهنجي سمايل نياڻي جي اداس نيڻن ۾ نهاريندي اندرئي اندر ۾ اهو سوچڻ لڳي ته هيل ۽ ڄاجهر به وارو ڏيندي ۽ اسين پنهنجي نياڻي جي سپنن جي ساڀيا ڪنداسين، هن کي سياءَ پلي لڳائي پنهنجو پاڻ تان نياڻڪو بار لاهي سڪون جي ننڊ سمهنداسين..! هن کي ڪهڙي ڪل ته نه فصل سٺا ٿيندا نه وري گوار جو اگهه وڌندو، وڌندو ته رڳو قرض ۽ قرض تي سوچي مرض...!!

اڪيلي ڪنهن هاري جي هي درد ڪٿا ناهي پر سموري ٿر جا هيلوڪي وسڪاري ۾ خواب چڪنا چُور ٿي ويا. چڪنا چُور خواب ته ان ڳڀرو جا به ٿي ويا جنهن ٻني ۾ ٻج وهائيندي پهرين جاٽ پري ساهي پٽي اهو سوچيو هو ته هيل بمپر فصل لهندو ۽ آئون سر تي سهرا ٻڌي، روهيڙي گل جهڙي ڳاڙهي ڪنوار وني ايندس ۽ پنهنجي نئين نينبوجهر جهڙي زندگي جو آغاز ڪندس. ان کي ڪهڙي ڪل ته هيل وني ڏڪار ٿيندو؟ وني ڏڪار ٿيڻ جي ڪل ته ان سهاڳڻ کي به نه هئي، جنهن پنهنجو پاڳيو پتار انهي بارش آڏار ٻڌراج مان واپس گهرايو ته هاڻي گنج ٿي ويندا، ميهولا وٺا آهن. هاڻي مال ڪاهي پرديس وڃڻ جي ڪا به پرواهه نه ڪر، هيلوڪي وسڪاري تي رڳو ان سهاڳڻ ناهي پڇاتو پر مارو پٽر جهڙي اُن محبوبا جي اکين ۾ به پڇتاءُ جا ٻه لڙڪ جهلڪن ٿا، جنهن رات به مينهڙا وٺا ڪنوٽن ڪيل ڪيا واري وائي جهڻڪائيندي هُر مچ سان هٿ جو رومال پري پنهنجي ڪجليئي عاشق ڏي، انهي آس تي اماڻيو هو ته هو هيلوڪي وسڪاري ۾ مون ڏي پيرو پرڻ ايندو ۽ منهنجي سرامڻ ٿيج، عيد ٿي پوندي. پر هن جو اڌوري چنڊ جهڙو اپاڳو عاشق هيلوڪي وسڪاري جي بي وفائي سبب پري نه سگهيو ۽ چرين وانگي پٽن تي پيرا ڏيندي اج به اڌورو خواب ڪٽي ائين چوندو رهي ٿو بقول پتائي جي؛

ڪکر منجهه ڪپار جهڙ نيڻئون نه لهي.

اج هر ٿر واسي جي ڪپار ۾ ڏکن جا ڪکر آهن. دردن جو جهڙ نيڻن مان لهي ئي نه ٿو. سورن جي سرلي ۾ ماروئڙا مجبور وسڪاري جي پڇاڙي پلن ۾ اداس آهن! پنهنجو اڌورو فصل، ٻنان گاهه ڌرتي، سڪل ٽڻن وارو بي

حال مال، وڏوا جهڙا وٽن جا ويس ۾ اُڏامندڙ واري ڏسي هر ٿاريلو اداس ۽ نراس آهي، اداسي ۽ نراسي جي انهي موسم ۾ ڏياري جو ڏڻ ڀلا ڪهڙا خوشين جا مڻ ڪٽي ايندو؟ اڌورين آشائن تي ماتم ڪندڙ من ۾ بي رحم بک ۾ تڙپندڙ تن ڪهڙا ڏيئا ٻاري سرهاين جا سنديشا ڏيندا؟ ڏڪارن ۾ مري ويل مورن، ڍورن ۽ معصوم ٻچڙن جي سوڳ ملهائيندڙ ساٿيهه واسين جي اندر جي ايوڌيا اڄ بہ غم انڌيرن ۾ غرق ٿيل آهي، سکن جو رام اڄان بنواس مان موٽيو ئي ناهي، جو ٿاريلا سچي دل سان رامچندر جي روايت ملهائين. ٿر جي 70 سيڪڙو غريب جنتا فتاڪي جي هڪ پيڪيٽ، نئين چائنا جي چمپل، ٻہ نمبر ميڻ بتين جي پيڪيٽ ۽ هڪ نئون وڳو وٺڻ جي سگهہ نہ ٿي ساري اها ڏياري تي ڪهڙا طعام تري خوشي ملهائيندي، وسڪاري جي بي وفائي سبب ٿر ۾ چيڙ بہ نہ ٿيا، جنهن جي ڪري ٿر جا ٻارڙا ڏياري جو ڏيئو ڏنو ننڍو وڏو چيڙ منو وارا ورق بہ وساري ويٺا آهن، وساري تہ اهو بہ ويٺا آهن، تہ ڏياري آهي ڪڏهن؟

جا عمر تومل عيد! سا اسان سوءِ ورتي سومرا،
ويئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.
(شاهہ)

نئين جُتي کان نراس ٿري ٻار جي اکين جي ڪينجهر ۾ ڪومائجي ويل خوشي جي ڪنولن جو درد ڀلا ڪير ڪٿي سگهندو؟ ڀلا ان يتيم نماڻي نياڻي جي من ۾ مري ويل چوڙين جي چاهت واري تمنا جي تڪليف ڪي ڪو ڳلو ڳائي سگهندو؟ ڳائي تہ ان پورهيت جي پگهر کي بہ ڪير نہ سگهندو جنهن جي سڪل ڪاني جهڙي هاني سڄي ڄمار هماليہ جيڏي همالي ڪندي بہ حياتي ۾ ڪو پل قرار جو ماڻي نہ سگهي. جنهن جا معصوم ٻڪايل ٻچا خوشين کان ائين وانجهيل رهيا جيئن خوبصورت پيرن کان مور ۽ ڦلن کان ناگر ويل نراس رهجي ويئي. ڀلا ان ٿاريلي پٽيار جي پيرين پيل لڦن جو درد ڪير محسوس ڪري سگهندو؟ جيڪا اُپراٽي پيرين ڪوهين ڏور پيئڻ جي پاڻي لئہ پنڌ ڪري ٿي، جنهن جي اکين ۾ پلر ترشنا جا تتر تڙپن ٿا، جيڪا آر.او پلانٽ جي نالي کان ئي ناواقف آهي، جنهن جي هينڊ پمپ واري حسرت بہ اڌوري رهجي ويئي. ڀلا اها ڪهڙي ڏياري ڪندي؟ ڏياري تہ اها اڻ پرڻي هرڻي بہ ڪو نہ ڪندي جنهن جي حسين هٿن تي حِنا

ان ڪري نہ مرڪي جو هن جي نصيب ۾ اهو رولو هو. جو هن جي پيرن ۾ ريتن جا نيئر لڳل هئا. پرديس پرڻائڻ واري پرمپرا نڀائيندي هن جا مائٽ هن کي سرحد پار ان ڪري نہ اماڻي سگهيا جو وسڪاري وفا نہ ڪئي سال سنو نہ آيو ڏياري جي ڏڻ تي هو بنان سنيرڻ جي آئيني اڳيان اچي، پنهنجي ڏُکي دل سان مري ويندي. بقول ڀٽائي جي تہ:

سورن سانڍي آهيان پورن پالياس،
سکن جي سيد چئي آئون نہ پکي پياس،
جيڪر آئون هياس گري گوندر ول جي.
(شاهہ)

وٺي ڏُڪار واري هيلوڪي سال تي ڏياري جو لڪشمي پوڄا ڪندي نوٽ رنگڻ واري روايت پوري ڪرڻ لئہ ڪنهن ٿاريلي وٽ 10 روپئي جو نوٽ بہ نہ هوندو. اها ڪهڙي ڪيفيت مان گذرندي؟ ڪنور تپسيا جهڙي ڪيفيت مان تہ. اها اپاڳي ماءُ بہ گذرندي جنهن جو ٻچو بي روزگاري جي غم ۾ غرق ٿيڻ ڪانپوءِ غم کي وسارڻ خاطر ڪچي ٺري جون ٻاٽليون ڏوکي جگر جي ڪينسر ۾ مري ويو. سرجندي ئي سور پرائيندڙ ساٽيهہ واسين جي آفيم جهڙي اگري حياتي جي حصي ۾ آيا. تہ رڳو درد ۽ تڪليفون جن کي پوڳيندي ماروئڙا ڪڏهن بہ نہ ٿڪا. ٿڪل مسافر جهڙا ٿاريلا ٽتل واري تي وڪون ڪٽندي اڄ بہ فخر مان چون ٿا. جتي لُڪ لڳي جتي اڪ تپن سو ديس مسافر منهنجو ڙي. انهي ديس جي ڌڳن تي وڳن کي واريندي سانگيئڙا ائين سرها ٿيندا آهن. جيئن پنڇي پنهنجن آکيرن ۾ خوش هوندا آهن. جيئن پونئر ڪنول جي گل سان عشق ڪندو آهي. ائين ماروئڙا ملير سان محبت ڪندا آهن. ٽتل واي سڪل ٻوهن ۽ ٻاڙن کوهن سان ٿاريلا اڄ بہ ائين پيار ڪن ٿا. جيئن موري مڇي ڦاڙهي جي سنڱ سان محبت ڪندي آهي. اها ئي بي لوث محبت آهي. جيڪا ڏُڪارن ڏکن ۽ بکن ۾ بہ وطن سان واسطا ٽوڙڻ نہ ٿي ڏي. پنهنجي پومي جو پرم بہ وطن جي واري سان درد اوريندي ملهائيندا رهيا آهن. سواتي بونُد لاءِ سڪي سڪي ڊليار ٻيرن جي ٻاٻرن ڪنڊن تي مري ويل تاڙي جي تڙپنا جو قسم هيلوڪي ڏياري بہ اڏورين آشائن ۾ ديس جي دردن تان قربان ڪري سانگيئڙا انتهائي سادگي سان ملهائيندا. اڌورين آشائن واري اماوس ۾ آيل هيلوڪي ڏياري تي منهنجي ڳوٺ ڊونديو ۾ ڪو بہ ڏيئو نہ ٻرندو ڪنهن بہ گهر ۾ لڪشمي پوڄا نہ ٿيندي.

ڪو بہ مٺو طعام نہ رڌبو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ڳوٺ جو هڪ نوجوان اچانڪ وڇڙي ويو آهي. جنهن جي سوڳ ۾ سمورو ڳوٺ شامل آهي. اسان ٿر واسين جي اهائي انمول روايت رهي آهي، جو اسان مرڻي پرڻي پنهنجي ڳوٺ جي هر ماڻهو جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ ٿيندا آهيون. روپ سنگهہ ولد خانجي مهندو جي اڻ منڌائتي موت تي منهنجي ڳوٺ تي ڇانيل اونڌائي ڏسي هي درد مند دل دانهن ڪري چوندي بقول ڪوي:

دل روئـيندي رهي ديپ ٻاريو نہ ٿيو،
ڪلهہ ڏياري هئي تو ڪان ساريو نہ ٿيو.

ٿر ۽ اُٺ

”اي بابل! مون کي اُن گهر ۾ ڏجان، جنهن ۾ اُٺڙيون هُجن. ڇو تہ انهن جون وِکون وڏيون آهن.“ مچ ڪچهرين ۾ سُرندي جي سينَ تي پيرا ڪڻندي ڪماچ جي ڌُن ۾ ڪاڪري ڳولڻ وارن سگهڙن جو ديس ٿر، جتي ڪرهليا ڪڻڪاري، پاکڙا پلاڻي، قطاريل قافلن سان ڏور ڏيساورن مان سودا سوديا ويندا هئا. جتي ڪنوار کي ابوڇٽي اوڊائي پلاڻيل پاکڙي تي ڪيل گداز گاسيي جي اڳئين چونڪ تي چاڙهي پيهريي کان پري سيا جي پلي لڳايو ويندو هو. جتي ڇڇ کان وٺي هر ڪارج ۾ اُٺ جي سواري استعمال ٿيندي هُئي. اُتي هاڻي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ڳوٺن ۾ ڪٿي ورلي اُٺ جي سواري آهي. اُنن جو البيلو ديس ٿر بہ هاڻي جديديت جي جنون ۾ قديم سنڌ جي شاندار ثقافت ۽ تهذيب وساري رهيو آهي. مجون ٿا تہ نواڻ بہ سُنو سنئوڻ آهي پر پنهنجي شاندار ماضيءَ کان مُنهن موڙي ان کي صفا وسارڻ بہ چڱو نہ آهي.

آڳاٽي زماني ۾ ٿر ۾ ڪٿي بہ ڪو پڪو رستو نہ هو پر ڪچو رستو بہ ڪو ورلي نظر ايندو هو جنهن تي ڪيڪڙا هلندا هئا. ڪيڪڙن کانپوءِ جڏهن ٽويوٽا جيپ ٿر ۾ متعارف ڪرائي ويئي، تڏهن معصوم ٿريا لاري جو ٻچو چوندا هئا، اهي ڪيڪڙا ۽ لاريون ايڏي وشال ٿر ۾ ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ هئا. ان وقت ٿر ۾ اڪثر ڪري اُنن ۽ گهوڙن جا پنڌ پيچرا ۽ گهيڙ گس هوندا هئا. جن کي ٿر واسي واٽون چوندا هئا. اُهي واٽون ئي ڳوٺن ۽ شهرن سان سماجي توڙي معاشي ڳانڍاپو رکڻ جو واحد ذريعو هيون. جن تي گهوڙن ۽ اُنن جي سواري هلندي هئي. گهوڙا تہ ڪنهن ڪنهن گڙنگ ماڻهوءَ وٽ هوندا هئا. پر اُٺ تہ عام جام هوندا هئا. اُٺ کي ٿاريلا سڪي جو ٻيڙو چوندا آهن، اُٺ ماروئڙن لاءِ وڏي وٽ هو.

ان وقت ٿر ۾ اُٺ کانسواءِ ٻي ڪا بہ اهڙي مناسب سواري نہ هوندي هُئي، جنهن تي سفر ڪرڻ سان گڏ بار ٻري بہ کڻي سگهجي. ان وقت ٻلي ۾ ٻلي اُٺ کي هزاريو اُٺ چوندا هئا. مطلب تہ اهو هڪ هزار روپين ۾ ملندو هو.

توڙي جو هاٺي اُٺ جو ملهه لکن ۾ آهي. پر ان جو مانُ هزاريي ڪان به هيٺ آهي. ان وقت جنهن وٽ اُٺ هوندو هو اُن جي وڏي عزت هوندي هُئي، جنهن وٽ اُٺ نه هوندو، ان کي سُڃو سمجهيو ويندو هو. اُٺ تي سواريءَ ڪرڻ يا بار ڍوئڻ لاءِ هي شيون ضروري آهن. پاکڙو، پلاڻ، تنگ، مهار، ٻڙهو جُهل ۽ ٻه ٽي رليون وغيره.

آڳاٽي زماني ۾ اُٺ جو وڏو مانُ ان دُوهي ۾ صاف جهلڪي رهيو آهي، جنهن ۾ ڌيءُ پنهنجي بابل کي هٿ ٻڌي هيئن عرض ڪري ٿي ته:

بابليا اِڻ گهر ڏيجو جِڻ گهر هُونئين سانڍيڙيان،
اڙگان نان نِيڙا ڪرين جِڪان رين لاٻين وِڪڙيان.

(اي بابل! مون کي اُن گهر ۾ ڏجان، جنهن گهر ۾ اُٺڙيون هُجن، چو ته انهن جون وِکون وڏيون آهن، اهي پري وينلن کي پلڪ جهپڪ ۾ ويجها ڪن ٿا).

متي ڏنل دوهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ماضيءَ ۾ اُٺ جي ڪيتري نه اهميت هُئي. اُٺ جي اهميت سان ته ٿر جي تاريخ پري پيئي آهي، امرڪوٽ جو سوڍو راڻو ميندرو، ڪاڪ لُڏاڻي جي رانوڙ مومل ماڻن خاطر چانگي تي چڙهي ويندو هو. ٻڌائي چوي ٿو:

اُپي اُپاريم، نکٽ سپ نئي ويا،
هڪ ميو ٻيو ميندرو، سجي رات ساريام،
ٻوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪيڍيون.

راڻي ڪان سواءِ ڍاٽ جو ڍولو به پنهنجي محبوبا پينگڙ گڍ جي شهزادي مارئل سان ملڻ لاءِ لهري جي ڪُڪ ۾ ليتيل ڪرهليي کي ڪيٽڪاري ويندو هو. پهريون پيرو جڏهن سانگي ڍاڍي جي واتان مارئل جو سنديسو مليو تڏهن پنهنجي ٻي سرتي مارٽيءَ کان موڪلائي ڪرليي تي چڙهي پينگڙ پڌاريو هو. تڏهن مارٽيءَ اُٺ جي پيرن ۾ ڪوڪا هٽي چڏيا هئا. ته جيئن مارئل تائين ڍولو پُجي نه سگهي، پيرن ۾ ڪوڪا لڳل ڪرهيلو جڏهن سج لٿو تڏهن پٽن ۾ بيهي رهيو، جنهن کي ڍولي ڏوراپو ڏيندي چيو ته:

ڏهيا گيا ڏونگري وهيا گيا وَڙي،
ڪاڙي ڪائي ڪرهليا تين روليو رڻ ٿڙي.

(سچ لهي ويو، پکي پکڙ پنهنجن آکيرن ڏانهن واپس ويا هليا، اي ڪرهليا! تو کي نانگ کائي جو تو مون کي رڻ ۾ رولي ڇڏيو، وڪ بہ نٿو کڻين).

ڍولي جي واتان اهو ڏوراپو ٻڌي اُٺ وراڻيو:

ڪڍ پگان مان ڪکرين ڍلي ڇڏ مهار،
وهلا پُڄان ٿانري ساسريي گهر گهر ڏيان جُهار.

(اي ڍولا پيرن مان ڪکريون ڪڍ ۽ مهار کي ڍري ڇڏ تہ جلدي هلي تنهنجي ساهرين پهچي، گهر گهر سلام ڪريون).

اُٺ جي انهيءَ اصرار تي ڍولي عمل ڪيو ۽ اُٺ ڪن پل ۾ مارئل جي ملڪ پهچي ويو. روايت آهي تہ مارئل پنهنجي ڳوٺ جي اجهور واري کوهہ تي سرتين سان گڏ کينچل ڪري رهي هئي. تڏهن ڍولو پنهنجو اُٺ پيارڻ لاءِ ان کوهہ جي اَوازي تي پهتو ۽ اُٺ جيئن ئي پاڻي جي سُرڪ ڀري تيئن ئي پنهنجي ماياوي سونهن ۾ مد مست مارئل اجايل اُٺ کي ڪام واهي ڪڍي ۽ اُٺ جو مٿيون چپ وچان ٽُٽي ويو، ان ڏينهن کان وٺي اج تائين هر اُٺ جو مٿيون چپ ٽُٽل آهي. چوڻ وارا چون ٿا تہ مارئل کي جڏهن خبر پئي تہ هي ڍولي جو اُٺ آهي، تڏهن مارئل ڏاڍو پڇتايو ۽ ميڙ منٿ کان پوءِ اُٺ کي راضي ڪيائين.

امرڪوٽ جي حاڪم عمر سومري ملير جي مُورت مارئي جي حسن جي هاڪ ٻڌي ڀالوا جي ڀٽن جا پنڌ بہ اُنن تي ڪيا هئا، مارئي کي اُٺ جي اڳئين چونڪ تي چاڙهي اَمرڪوٽ کڻي ويو هو.

اُنن جي تاريخي اهميت نہ رڳو ٿر ۾ هُئي، پر اها سموري سنڌ کان وٺي ڪيچ مڪران جي ماڳن تائين پڻ هُئي، ڀنڀور جي ٻالي ٻولي سسئيءَ کي سُورَ ڏيرن ڪانپوءِ ڏاگهن ئي ڏنا هئا، جيڪي سنڌس پنهل کي آڌيءَ رات جو اُنن تي کڻي ويا هئا، ڀٽائيءَ چوي ٿو تہ:

اُٺ مَ اوري آڻ، ڏاگهن ڏڏي آهيان،
هٽي هٿ هئين کي، پري نيئي پلاڻ،
هوت منهنجو هاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.

هي هڪ تاريخي جهلڪ هئي، جنهن ۾ اُنن جي اهميت چٽي طرح پسي سگهي ٿي تہ، پراڻي دور ۾ مولهين جو ڇا مانُ هو اڄڪلهہ اُٺ ڏارڻ تہ

پري جي ڳالھہ آهي پر ماڻهو ان جي سواري ڪرڻ ۾ بہ شرم محسوس ڪن ٿا. ان ڪري ٿر ۾ 90 سيڪڙو اُٺ ختم ٿي چُڪا آهن. هاڻي ٿر جي ڳوٺن ۾ ڪي ورلي اُٺ اوهان کي ملندا. اُهو بہ ڪو وقت هو جڏهن ٿر ۾ اَن هجي نہ هجي، پر اُٺ ضرور هجي. اُنن جو اهو دور ختم ٿيڻ سان گڏ اُنن جا سنج بہ ختم ٿي ويا. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن وٽ اُٺ آهي تہ، پاڪڙو نہ هوندو، پاڪڙو هوندو تہ تنگ نہ هوندو، مطلب تہ اُٺ تي سواري ڪرڻ جو رجحان ئي نہ رهيو آهي.

اڄ جي دؤر جا ماڻهو پاڪڙي تي ويهڻ ۾ تڪليف محسوس ڪن ٿا. پاڪڙي ۾ ڪرسيءَ نما بہ خانچا هوندا آهن، جن تي رليون رکي گاسيو ڪيو ويندو آهي. گاسيي تي ٻن ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ تي چار ماڻهو ويهي سگهندا آهن. پاڪڙو ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي، جنهن تي پتل ۽ لوهہ جي چادر چڙهيل هوندي آهي، اُن تي بهترين چٽسالي پڻ ٿيل هوندي آهي. پاڪڙي جي اڳئين حصي ۾ ماڻهن جي جهلڻ لاءِ هڪ ليور نما هَٿو ٺهيل هوندو آهي. جنهن کي ڪتب چوندا آهن. پاڪڙي جي ٻنهي حصن ۾ هيٺان نرم ٽڙها/گاديون ٺهيل هوندا آهن، تہ جيئن ڪاٺ ۽ لوهہ اُٺ جي پُٺن کي نہ لڳي. ٽڙها چمڙي جا ٺهيل هوندا آهن، جن ۾ ڏيٖن جو ليهہ وڌل هوندو آهي.

اُٺ تي پاڪڙي پلاڻڻ کان پهرين ”جُهل“ وڌي ويندي آهي. جيڪا خوبصورت ڪتاب ڪوريل هوندي آهي، اُنن جي اڳئين حسي کي آگلو چونڪ ۽ پوئين حصي کي پُنلو چونڪ چوندا آهن ۽ وچ واري حصي کي ٿنڀي يا ٿوهي چوندا آهن. اُٺ تي پاڪڙو اهڙي طرح رکندا آهن، جيئن اهو نہ اڳتي وڃي، نہ پوئتي وڃي سگهي ، ڇو تہ ٿر جي لڪن واري لاهي چاڙهي سبب اڪثر ائين ٿيندو آهي، جيڪڏهن تنگ ڇڪي نہ پريو تہ، پاڪڙو اڳتي پوئتي ٿي سگهي ٿو پاڪڙي ڪانسواءِ اڪيلي ماڻهوءَ جي سواري لئہ ٻڙهو بہ ڪم آڻيندا آهن ٻڙهو چمڙي مان ٺهيل هوندو آهي، جنهن تي چانديءَ جي تند مڙهيل هوندي آهي. ٻڙهو خاص ڪري تڏهن استعمال ڪندا آهن، جڏهن اُٺ کي سوار سُو ڪندا آهن. پلاڻ فقط بار ڪڻڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. پلاڻ ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي، جنهن ۾ بہ ٽڙها هوندا آهن. اُن تي ڪانن، ڪانين ۽ کپن جي لڏن ڪانسواءِ اَن جون ٻوريون ۽ جالنگ وغيره کنيا ويندا آهن. ٿر ۾ ڪچا رستا هئڻ ڪري اُٺ گاڏي ڪو ورلي ملندي، بار

پيري سپ ائين پلاڻ تي ڪٽڻدا آهن. هڪڙي اُٺ جي پويان ٻيو اُٺ سلهاڙيل هوندو آهي تہ اُن کي چوندا آهن ڪونتل اڪثر ڪري جڙن ڏاگهن کي سڱو ڪرڻ لاءِ پاڪيٽ اُٺ سان ڪونتل ڪندا آهن.

اُٺن جا نسلي طور ڪيئي قسم آهن جن ۾ خاص هي آهن: ڍاٽي، سنڌي (ٻسروٺ) مارواڙي ۽ بہ ٿنڀيا وغيره. بہ ٿنڀيا اُٺ خاص ڪري بلوچستان واري علائقي ۾ ملن ٿا. انهن جون ٿنڀيون يا ٿوهيون بہ هونديون آهن. باقي هر قسم جي اُٺ کي هڪ ٿوهي هوندي آهي، جنهن ۾ هُو بچت ڪاڌو گڏ ڪري رکندا آهن، جيئن اهو انهن کي ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي. چوندا آهن تہ اُٺ بنا ڪاڌي ۽ پاڻي جي 14 ڏينهن زنده رهي سگهي ٿو. سواريءَ جي حساب سان ڍاٽي اُٺ بهترين سمجهيو وڃي ٿو. ڍاٽي اُٺ سيني ڪان سهٽو بہ هوندو آهي. ڍاٽي اُٺ ڏيل ۾ ڏٻرا هوندا آهن اُهي مڇي ماس نہ ڪندا آهن. بار ڍوئڻ جي حوالي سان طاقتور اُٺ سنڌي هوندو آهي. جنهن جو رنگ ڳاڙهسرو ۽ ڪارسرو هوندو آهي. ڍاٽي اُٺ جو رنگ اڪثر ڪري اڇو ۽ ڪٽڪ رنگو ٿيندو آهي. مارواڙي اُٺ ٿر واسين کي پسند ئي نہ هوندا آهن. ان ڪري هُو اُهي نہ ڌاريندا آهن.

اُٺ جا جتي قسم مختلف آهن، اُتي انهن جا نالا بہ مختلف اُچاريا ويندا آهن. مثال طور: ڪرهو، ڪرهليو، توڏو، مَيو، توڏيو، مولهو، مولهيو، چانگو، چانگليو، ڏاگهو، ڪنواٽ ۽ پانگڙ وغيره. اُٺ جي عمر ايتري ناهي ٿيندي، اُٺ جي سراسري عمر ويهہ سال هوندي آهي، ننڍي اُٺ کي ڪنواٽ يا گونرو چوندا آهن. جڏهن تہ ٻن سالن واري کي ٻگو. ٽئن سالن واري کي چوگو، ڇهن سالن واري کي ڇگو ۽ نَون سالن واري نيشيل چوندا آهن. اُن ڪانسواءِ ٻن سالن واري کي ٻيهاٽو ۽ ٽن سالن واري کي ٽيهاٽو چوندا آهن. هن عمر ۾ اُٺ اوڏنت هوندو آهي. ٽئن سالن ڪانپوءِ ان کي ڏند ايندا آهن. نيش (ڏاٺ) ٿيڻ ڪانپوءِ اُٺ کي پاڪيٽ چوندا آهن. پاڪيٽ اُٺ جهڙو سياڻو هوندو آهي. تهڙو ئي خطرناڪ هوندو آهي.

سياري ۾ اُٺ مستي ڪندو آهي. روايت آهي تہ سياري جي مند ۾ اُٺ کي مجنون جي عشق جو چاليهون پڪ مليل آهي. سياري ۾ اُٺ تارئو ڪيدي مستي ۾ لانگ هٽندو آهي، نہ مستيءَ ۾ ايترو تہ انڌو هوندو آهي، جو ڌڻيءَ کي بہ مارڻيدي دير نہ ڪندو آهي. ان ڪري اُٺ کي ڌٽي مار بہ چوندا آهن. پر

ياڳين وٽ اهڙن مست اُٺن جو علاج بہ هوندو آهي، اُٺ جي نڪ ۾ لوھہ جي ڪوڪي نما سَيلي پيل هوندي آهي، جنهن ۾ مُهار جو چڙو وجهي اُٺ ڪي تاٽيو ويندو آهي. جڏهن اهو گُونرو هوندو آهي تڏهن هڪ خاص قسم جو اُٽيل مهارو پوري منهن تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن ۾ بہ فوٽن جو رسو پيل هوندو آهي جنهن ڪي تاڙ چوندا آهن. اهو تاڙ جڙي الڙ اُٺ ڪي جهلڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

مست اُٺ ڪي سيلي يا ناڪيلي بدران چپن ۾ مهار وجهندا آهن. جنهن ڪي تر چوندا آهن. تر ڍڳي يا گهوڙي جي پُڇ جي وارن ڪي پاٽي ۾ پُسائي پوءِ اُن مان رسي وٽي، اُٺ جي چپن ڪي ٿوپي، پوءِ وجهندا آهن. اُهي اهڙا تہ اذيتناڪ هوندا آهن جو ڪهڙو بہ مست اُٺ هجي اهو ترن ۾ مهار وجهي هڪڙي جهاپ/ چڪ ڏيڻ سان سڌو ٿي ويندو آهي. ان ڪانسواءِ اُٺ ڪي هڪ بہ ڪلو ميندي بہ پيارينداآهن. جنهن سان ان جي مستي گهٽجي ٿي ويندي آهي.

اُٺ جي سونهن ۽ سجاوٽ لاءِ ڪيئي گُر پيچ آهن. اُٺ جي وارن ڪي ڪترڻ يا سوانت ۽ سجاوٽ لاءِ ڪيئي گُر پيچ آهن. اُٺ جي وارن ڪي ڪترڻ يا سوات ڪرڻ جا بہ ڪمال جا ڪاريگر هوندا آهن. جيڪي پنهنجي هنرمند هٿن سان اٺ جي بدن تي اعليٰ قسم جا چِٽ چِٽيندا آهن. اهي لابي سان وار ڪٽيندي ڪيڙي سان بيٺل مور ڪان وٺي ٻيلهڙي سان بيٺل پاٽياري تائين خوبصورت تصويرون ٺاهي ڪلا جو عجيب نمونو پيش ڪندا آهن. ان ڪانسواءِ اُٺ جي ڪياڙي، ٿوهي ۽ پُڇَ تي جوڪر ڇاپ خضاب سان چٽ ڪيدي، ڪنڌ ۾ ڳانا، جنهوبون رڪڙيون ٻڌي پيرن ۾ نيوَر پارائي سينگاريندا آهن. ايئن جيئن نئين پرڻايل ناريءَ ڪي ساهيڙيون سيج لاءِ سينگاريندي‌ون آهن. اُنهن سينگاريل اُٺن ڪي سواريءَ جا سبق سيکارڻ لاءِ خاص سوار هوندا آهن. جيڪي بي زبان اُٺن ڪي پنڌ، وِڪ، ڪيڙو ۽ مُن جهڙا سواري جا سبق پڪا ڪرائي ميلن ۽ ملاکڙن ۾ اُنهن ڪي مقابلا ڪرڻ جي لائق بڻائيندا آهن.

اُٺ جي ماديءَ ڪي سنڌي ۾ اُنڻ يا ڏاچي چيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڍاٽڪي يا ٿريلي ٻولي ۾ ان ڪي سانڊ چوندا آهن. اُنڻ هڪ سال هڪ مهيني يعني 13 مهينن ۾ ويامندي آهي، اُنڻ جو جيڪڏهن پنهنجي ڦر تي هيج نہ

هوندو ڪُپيار هوندي ته مِڙندي ڪا نه. جيڪڏهن مِڙي به آئي ته، ويڙائي ويندي ۽ ٽڻن ۾ ڪير نه آڻيندي. اُنين جي ڪير بابت هڪ روايت آهي ته جڏهن ڪير پير بادشاهه دعا جي دعوت ڏني هُئي تڏهن اُنڙي سين جي آخر ۾ سج لٿي ويل ويئي هُئي، تڏهن ڪير پير بادشاهه ناراض ٿي، اُن جي ڪير ڪي (سراپ) بد دعا ڏني هئي ته "تنهنجو ڪير ڪڏهن به نه ڄمندو ۽ جيڪڏهن ڄمائي ڪنهن ڪير جي پاسي ۾ رکيو ويندو ته اهو خراب ٿي ويندو. تنهنجو ڪير صرف اُٺاري ۽ واٿهڙو پيا پيئندا" هي روايت ڪيتري قدر سچي آهي، اهو ته مالڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو پر اُٺڻ جو ڪير واقعي ڄمندو ئي ناهي، ٿر جو هڪ مشهور لوڪ شعر آهي ته:

واهوندا وريا تڏهن ڳاڙهي ٿي گنوار،
چيٽ به تي ڏينهنڙا پڏي ٿي پنهوار،
چلڻ ۾ چڪ ٿي تڏهن موڙون ڏئي ميهار،
پاڙي جي پيڙئي ته گهگهلي ٿي گڏهار،
ويچاري اوٺار ڪڏهن منهن نه مکيو مکڻ سان.

اوٺار جي زال ڪٿان منهن مکيندي، ڇو ته ڪير ڄمندو ئي نه ته مکڻ ڪيئن نهندو؟ اُٺ جو ڪير پيئڻ ۾ به ذائقيدار نه هوندو آهي. البت نروئو ضرور هوندو آهي. اُنين کي ڏاہر ۾ ڏهندا آهن. سَوئا اُنين کي واڻها چڙهيل هوندا آهن. واڻها رسين مان اُٽيل هڪ ٿيلهي هوندي آهي. جيڪا اهڙي نموني اوهه تي چاڙهيندا آهن جو اُن جو ڦر ڪير ڏائي نه سگهندو آهي. ڪير پيارڻ جي حوالي سان اوٺاري ويچارا ائين به هميشه خوشيءَ سان ڪير پيئاريندا آهن، پر ڪير روز روز تنگ ڪندو يا چوندو ته لڙهي ۾ ڏُهي ڏي، ته هو ڪاوڙجي پوندا ۽ ڪير ۾ اُٺڻ جو پُڇ ٻوڙي ڏيندا آهن ته اهو ڪير ڪڏهن به هضم نه ٿيندو آهي. اهو اهڙا جُلاب ڪرائيندو جو اُٺڻ جو ڪير پيئڻ تان ارواح ئي ڪجي ويندو. اهو پُڇ وارو به هڪ پلڻ آهي، اُنين جو وڳ هميشه ٽڙيل پکڙيل هوندو آهي، هڪ هنڌ نه هوندو آهي.

جاءِ نه سارو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جيئن.
(شاهه)

اُنين جا وڳ خاص ڪري ريبارين ۽ جَتن وٽ هوندا آهن. ٿر ۾ اُنين جا وڳ راهمن، سميجن ۽ راجپوتن وٽ هوندا هئا. جيڪي اجان به آهن، تنهن هوندي به ايترو چاهه نه رهيو آهي. اُنين جو وڳ تمام تيز رفتار هلندو

آهي، اُن ڪري بعضي اُنين ڪي اوناري ڏانوڻ وجهندا آهن. باقي اُٺن ڪي ڏانوڻ هوندا ئي هوندا آهن. اوڏاٽا اُٺ جهلڻ ۾ تڪليف ڏيندا آهن. ڏانوڻ، اڳئين ٻنهي پيرن ۾ هڻندا آهن. بعضي اُٺ جا ٽي پير بہ ٻڌندا آهن. جنهن ڪي پڪڙاس چوندا آهن. ڏانوڻ، رسن جا هوندا آهن، ڪن ڪن وٽ سنگهرون بہ هونديون آهن، ڏانوڻ جيڪڏهن پيرن کان ٿورو مٿي يعني مُريي ۾ اچي ويو تہ چوندا پالهي ۾ ويو. پالهي ۾ وجڻ سان اُٺ کي نقصان ٿيندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪِپ جي ٽُڳين مان نوڙي وٽي بہ ڏانوڻ ٺاهيندا آهن. اهڙا ڏانوڻ صرف هڪ ڏينهن لاءِ هوندا آهن. اُنين جو وڳ يا هڪ اُٺ جتي ڏاڍو ڪندو آهي، اُن کي جهوڪ چئبو آهي. اُٺ جي جهوڪ ۾ اُٺ کي ٻڌڻ لاءِ زمين ۾ بہ فُوٽ رسو پوري پوءِ پنج فوٽ رسو ٻاهر ڇڏيندا آهن. جنهن کي پينگهي چوندا آهن. اُٺ سواري يا بار پريءَ ڪانسواءِ ڪيڙي پوکي ۾ بہ ڪم ايندو آهي. اُٺَ جي ڪيڙي پوکي تمام بهترين هوندي آهي، ٻاجهر، گوار ۽ جوئر جي هلر بہ اُٺ سان ڪندا آهن. هلر ڪري پوءِ اُٺ کي پلو هڻندا آهن. اَنُ ڳاهڻ، ڪيڙي پوکي ڪرڻ، سواري ڪرڻ يا بار پري ڪٽڻ ڪانپوءِ اُٺ کي شام جو ڪٽڪ يا ٻاجهر جي رب مُنهن جهلي پيئاريندا آهن. بعضي اِن کي ڦِتڪي بہ پيئاريندا آهن.

ڦِتڪي اُٺَ جي ٿڪاوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڪارآمد هوندي آهي. اُٺن جي اهم خوراڪ لاٽو آهي. لاٽي ڪانسواءِ ڪَنڊي، ڪونيٽ، آسوترو، پينجولو مٿل مال جا هڏا، گوار جي ڪُٽي ۽ وسڪاري بعد پيدا ٿيندڙ ڪجهہ گاهہ بہ اُٺ جي خوراڪ آهن. وسڪاري جي گاهن ۾ اهي وڏ ۾ وڏ رڦڙ وَل ڪائيندا آهن. اها وَل ڪائڻ سان ايتري تہ سهڪ ٿيندي آهي جو اڏ ڪلاڪ ڪيڙي ڪرڻ يا پنج منٽ ساهيءَ ۾ پنڌ ڊوڙائڻ سان اٺ مري بہ ويندا آهن. اهڙا واقعا هر سال وسڪاري بعد ٿر ۾ ٿيندا رهندا آهن. اُن خطرناڪ سهڪ کي ڪنهن سُڇيت ڪلي ورتو تہ نڪ ۾ يڪدم ماڻهو جو پيشاب وجهندو تہ اهو اُٺ مرڻ کان بچي ويندو. اهو بعضي ٿيندو رهي ٿو.

ٻين جانورن وانگر اُٺن ۾ بہ مختلف بيماريون ٿينديون رهن ٿيون، جيڪي انتهائي خطرناڪ هونديون آهن. جيئن گذريل سال سيڙا جهڙي بيماري ٿر ۾ سوين اُٺ ماري ڇڏيا. ڪي ڪي اُٺ گرمين ۾ اورسو ڪندا

آهن. اُنن ۾ ٻين مختلف بيمارين جا نالا هي آهن: رندو، ڪارُوواءُ، ڳنڍير، ٿونسو، ٺِڪريو، تير، ڪنٻري منڊل، ڇالي ليلڙ، هيرو، ماتا، سيڙا، واءِ، جل، ڪاجي، هاڏيو ۽ ڳنڍڙو وغيره انهن مڙني بيمارين جي شاهدي هڪ ڳوي پوڄراج پرديسيءَ پنهنجي هڪ دلچسپ ۽ مزاحيه ڪويتا ۾ هيئن ڏي ٿو:

هارڙ سانڍ حاميد ري، تنِان ترڙو لڳي تير،
چَٽي تيئن ۾ ڇِچڙان رِي، نڪو ڪُتل ۾ ڪير،
مولهي جانئين ملڪ مان، تانجو پڳ ڪيڍي پير،
هاڏيو پچ هڏا ۾، ٿي ڳنڍڙو ڳنپير،
ٿونسو روڳ ٺِڪريو، آن سُڪي تانجو سرير،
جل ڪاجي جُسي ۾، آن واهه وڏو وير،
ڇالي ليلڙ ڇتو روڳ هيرو ڏي هير،
ماتا سيڙا ڪنبري، منڊل ڪاڙو واءِ ڪنچير،
تنان سميجا واهين سير، تون ڳِلا ڪٽين تي ڳوار ري،

انهن مڙني بيمارين جا علاج ٻه ٿَرين وٽ پنهنجا هوندا آهن. ڊاڪٽرن جا سائنسي علاج ڪم جي ڳالهه ناهن هوندا. اُٿ ڪي جيڪڏهن ڪاجي ٿيندي آهي ته ڄار جا پن ۽ اَڪن جو ڇير ملائي نوريندا آهن ته ڪاجي ختم ٿي ويندي آهي. ان بيماريءَ سان اُٺ جي سڄي جسم تان وار ختم ٿي ويندا آهن ۽ اهو ڏاڍو بد زيبو لڳندو آهي. ڪاجي هڪ سانگيڙو/ وائرل مرض آهي. چوندا آهن ته ڪاڇياري وڳ ڪي چَٽ ڪري. جنهن اُٺ کي رندو هوندو آهي اُن کي ڪا ٻه سٽيي شيءَ ناهن ڏيندا. جنهن کي هاڏيو ٿيندو آهي اُن کي لوهه جي ڪا شيءَ تپائي پوءِ ڏنپ ڏيندا آهن ته جيئن هڏي وڏي نه سگهي. اهڙي طرح ٻين بيمارين جا ٻه ديسي علاج هوندا آهن. اُٺ جي هڏي اَڪ جي ڪانيءَ وانگر نازڪ ۽ ڪمزور هوندي آهي. اها جيڪڏهن ٽُٽي ويئي ته سنڌجڻ مشڪل هوندي آهي. جُهريل اٺ آخر ڳنُو ۾ ئي ڪم ايندو آهي. اُٺ جي هڏي هڪ اهم ڪم ۾ ٻه ايندي آهي.

ٿر ۾ جڏهن ٻنيون پوکيندا آهن، جڏهن وليون مهورجي ايندين آهن ۽ ڦل ڪوتا ٿي ڇٽندا آهن تڏهن اُٺ جي هڏيءَ کي ٻاري ان جو دونهون ڏيندا آهن، پوءِ وليون، ميوا ۽ ڀاڄيون جهليندين آهن، اهو ٻه دلربا وشواس آهي.

اُٺ جي آواز کي جهير جهيرائڻ يا رَڙڻ چوندا آهن. اُن تي جڏهن وزن ڪٽبو آهي يا سواري ڪبي آهي تہ اهو رڙندو آهي.

اڳي اُٺ رڙن مون پيري ماٺ ڪئي.
(شاهہ)

اڪثر ڪري اهي اُٺ رڙندا آهن جيڪي جڙا، ڪُڏٽا ۽ ٿيڪٽا هوندا آهن. اٺ کي سيم ۾ چرڻ لاءِ ڇوڙيندا آهن. پوءِ اُن جي ڳولا ۾ آساني لاءِ ان جي ڪنڌ ۾ مٽر يا ڍنيري يا ڪرڪي ٻڌندا آهن. اُن ڪرڪي يا مٽر جو آواز اُهي اوناري پري کان پرکي ويندا آهن جيڪي وڳ مان پنهنجي اُٺ جو پير بہ سُڃاڻي وٺندا آهن تہ هي فلاڻي اُٺ جو مٽر آهي. لوهہ جي شيخن مان ٿهيل عجيب نموني جا نشان باهہ ۾ تپائي اُٺ جي ڪنڌ تي ڏيندا آهن جنهن کي داغ چوندا آهن. اُٺ جي داغن جا مختلف نانءُ هوندا آهن. مثلاً پاڳوڙو، هميراڻو ڪٽاري، ڪينچي وغيره هر علائقي ۽ ذات جا پنهنجا الڳ الڳ داغ هوندا آهن. هاڻي تہ اهڙا پارکو پيري بہ نہ رهيا آهن. نہ ئي اوٺي، وقت سان گڏ هي شاندار ثقافت تاريخ جي تهہ خاني هيٺ جديديت جي دز ۾ دٻجي ويئي.

اسان جي سڀاجهي سنڌ ۾ اُٺن جي باري ۾ مختلف پهاڪا ۽ چوڻيون بہ عام جام آهن. جيڪي وڏيون سبق آميز آهن. مثال طور جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا معنيٰ جيترا وڏا ماڻهو هوندا، انهن سان واقعا بہ اوترائي ٿيندا اُٺ ۾ اُٺِڻ ڪونهين، پاڙي جي صفائي معنيٰ ماڻهو ۾ همٿ ڪونهي، تہ بہ چئي آئون هي ڪم ڪري ڏيندس. اونچا ٻن اُٺن ئي ڇڏيا معنيٰ پهچ کان پري شئي کي ڇڏڻ ڪپي. پاڪيٽ هڪ اُٺ بہ ڪنواٺ لهي معنيٰ وڏي عمر وارو ماڻهو ٻن نوجوانن جي برابر هوندو آهي. اُٺ تڏهن پئي رڙيا، جڏهن ٻورا پي سڀيا معنيٰ ڪنهن ڪم يا معاملي ۾ جن اڳ ۾ دانهون ڪيون هيون. هيءُ انهن جي حوالي سان پهاڪو ڏبو آهي. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪوڙ سارا پهاڪا ۽ چوڻيون آهن.

اُٺ ايڏا وڏا تہ آهن،، پر انهن جو دماغ ايترو نہ هوندو آهي. تڏهن پاڻ وٽ ڪنهن ڏڏ ماڻهو کي چوندا آهن تہ هي اُٺ دماغ آهي اُٺ ايڏو وڏو طاقتور هوندي بہ جِن کان لهرائيندو آهي، رات جي سفر ۾ ڪٿي اڳيان جِن يا ڀوت ٿيندو تہ اُٺ وِڪ بہ اڳتي نہ وڌائيندو، اُن کان وڏي چرڪائيندڙ ڳالهہ اها آهي

ته ايڏي وڏي سرير جي مالڪ اُٺ کي هڪ تولي جيترو جسم رکندڙ وِڇُون جو ڏنگ هڪ پل ۾ پٽ تي ٽئي ماري وجهندو آهي.

سياڻي غيرتي اُٺ کي جيواڙو چوندا آهن ۽ ويڙهُو اُٺ کي ڪاراهي يا پاراهيو چوندا آهن. اُنن جي ڌڻ کي جوڳڻ ذات به چوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن اُٺ مان ڪم ڪار وٺي پوءِ اُن کي ڏوءَ تي نه ڪارائبو ته اهو پِٽي به ڇڏيندو. ائين جيئن مارئل جي محبوب ڍولي کي اُٺ پٽيو هو ته:

ڪاڙي مٿي رو ماڻسيو، ڏوڙي مٿي رو اُونٺ،
بي گٽان سين گڻ ڪريا، تڏهن تاڻي ٻڌيا ٺونٺ.

اهڙيون انيڪ عجيب ڪٿائون رکندڙ اُٺ تمام ڏِڄڻا به ٿيندا آهن. اُٺ کي جيڪڏهن ڪٿي ڦرڙ ڇرڪ يا ٺاهه پيو ته ان سيمر ۾ به نه ويندو. اُٺ عادت ڪان به مجبور هوندا آهن.

عادت نه مٿي عادتي، علت مور نه جائي،
اُٺ ڇُٽو ڪٽڪ ۾، ته به ڇُن ڇُن ڪنتا ڪائي.

اُٺ جيڪڏهن سواري ڪندي يا بار کڻندي ”ڪوٽو“ ٿيو ته اها عادت ڪري ويندو. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن سگريٽ جي دونهي جو عادي ٿيو ته پوءِ سگريٽ پيئندڙ جي جان نه ڇڏيندو. پر دونهون جتي به ڏسندو اُتي ڪاهي پُڄي ويندو. اُٺ کي وسڪاري جي لڳندڙ مک سبب ياڳيا دُونهي ڪندا آهن. اُٺ لاءِ هڪ مک خطرناڪ هوندي آهي جنهن کي ڏنڪ چوندا آهن.

اڄ آڪاٽي آهي!

”اڄ آڪاٽي آهي! ڄارين جي ٽار ٽار پيرون پڪا آهن. اي پرديسڻ! تُنهنجي ماءُ توکي ساري اکين ۾ اشڪ آٽي روئي ٿي.“

سدائين ابر تي آڌاريندڙ هن برپٽ بيابان جي مقدر ۾ ڪا خاص ميوات لکيل ئي ناهي، ڇاڪاڻ جو جتي پيئڻ جو پاڻي به وڏي مُشڪلات سان ملي، اُتي ميوات جي گُهر به اجائي آهي. مختلف وڻامن جي واهپي کان اڻواقف هن ديس جي نصيب ۾ جيڪا ٿوري گهڻي ميوات لکيل آهي. اُها امرت سمان آهي. ڳاڙهن پيرن کان وٺي پڪل پيروئن تائين مڙني ميواتن ۾ شيرين سواد سمايل آهي ـ ۽ وڏو ڪمال اهو به آهي ته اها سموري ميوات مُفت جي آهي. سپ ميوا جهنگل جا منگل آهن. جن تي ڪا به جهل پل ڪانهي ڪا پٽائي چواڻي ته:

نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيهہ ۾،
آٽيو وجهن آهورين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ اُملهہ مليرون مَرڪٽونءِ.

انهي مَرڪندڙ ملير جي واريءَ ڪڻن تي بنا برسات جي به ساوا رهندڙ وڻن جا ٽڪايل وجود چيٽ جي چاندوڪين ۾ ٻُور جهليندا آهن ۽ ويساک جي لونءَ ڪاٻنداريندڙ لُڪن ۾ پچي راس ٿيندا آهن. ٻاورين ۾ پلڙا، ڪنڊين ۾ جُهبا جهبا سنگريون ۽ ڄارين ۾ پيرون پچندا آهن. ڄارين ۾ پهرين ٻُور ٿيندو آهي ۽ ڪُجهہ وقت ڪانپوءِ اُهو ٻُور ڪِڙين ۾ تبديل ٿيندو آهي. ڪڪڙيون جڏهن ڪجهہ پچنديون آهن تڏهن اُنهن کي ماڇڪ چيو ويندو آهي. ماڇڪ ڪائڻ سان ماٺهو جو وات يڪدم پچي پوندو آهي پوءِ ماني ڪائڻ به مُشڪل ٿي پوندي آهي. ٿري ٻارڙا پنهنجي محبوب ميوات کي چکڻ خاطر بي صبرائي ۾ ماڇڪ کائي اڪثر ڪري وات پچائي ويهندا آهن ۽ اُن

پڪل وات جو علاج بہ فطري طور ڪندا آهن ٻاورين جا ساوا پن پٽي وات ۾ چوسيندا آهن اُنهي سان پڪل وات صحيح ٿي ويندو آهي.

ماڇڪ جڏهن پيروئن ۾ تبديل ٿيندا آهن تڏهن هندن جو هڪ ڏڻ اڪڻ تيج بہ ايندو آهي جنهن کي آکاٽي چوندا آهن. آکاٽي کي پيروئن جو مهورتي ڏڻ يا سانوٽي رُت جي آجياڻي وارو پَروَ چئجي، تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. آکاٽي کان هڪ ڏينهن اڳ هارين جو پرٻ نالي فطرتي تهوار هوندو آهي هن تهوار تي چڙيل/ چنڊيل ٻاجهري (اُڪري ۾ وجهي پاڻي جي ڇٽڪار ڪري ڪُتڻ ڪانپوءِ ڇُنو ڪڍي صاف ڪيل) جو پٽ رڌي ديسي گيهہ ۽ ڳُڙ وجهي کائيندا آهن. اهو ڏونٿري سان کائڻ ۾ بہ وڏو مزو ڏيندو آهي.

هارين جي پرٻ تي صبح سوير هاري پنهنجي ٻنيءَ تي سنئوڻ ٻولائڻ ويندا آهن تہ برسات وسندي يا نہ؟ اَن ٿيندو يا نہ؟ هارين جي پرٻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي آکاٽي ٿيندي آهي. آکاٽي تي ڳوٺ جي پٽيل جي اوتاري ۾ رهاڻ رس ٿيندي آهي، جنهن ۾ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. هرڪو پنهنجي پنهنجي گهران پٽ جي پليٽ، ڳُڙ ۽ ديسي گيهہ وجهي کڻي ايندو آهي، پوءِ امل ڪنسوٻن ۽ چانهہ ڪانپوءِ اُهو پٽ سڀ گڏجي کائيندا آهن. پٽ ڪانپوءِ برسات جي اڳڪٿي ڪندا آهن. اُن ڏينهن جيڪڏهن بنا دعوت جي اڻ خبريو ڪو مسلمان رهاڻ ۾ اچي شريڪ ٿيو تہ چوندا ٻُڏي جا ٻيڙا، مطلب تہ وسڪارو بهتر ٿيندو.

اڪثر ائين سوڻ سچا بہ ٿيندا رهيا آهن. ان ڪانسواءِ ٻيا سنئوڻ هن ريت هوندا آهن. جيڪي تقريباً ٺلا پرپڙ هوندا آهن. مٽي ڳوهي، اُن مان چار پيالا ٺاهي پوءِ انهن ۾ پاڻي وجهندا آهن ۽ انهن پيالن تي چئن مهينن (چوماسو) جا نالا رکندا آهن پوءِ جيڪو پيالو پهرين ٽُٽندو تہ چوندا برسات اُن ۾ پوندي. جنهن پيالي جي مٽي ٿوري يا ڪمزور هوندي تہ اهو اوس پهرين ٽٽندو. ائين اڪثر ٿيندو رهيو آهي تہ جيٺ وارو پيالو ٽٽندو آهي پر برسات تہ پورو چوماسو ڪو نہ وسندي آهي. بهرحال جيئن بہ آهي پر هڪڙو دلربا وشواس ضرور آهي.

آکاٽي جي ڏينهن ۽ هارين جي پرٻ، ٻنهي تهوارن تي ٽري سُگهڙ عورتون گهرن جي اڱڻن جي اوٽلن تي ٻاجهريءَ جون ست ڍِڳيون ڪري، ان

جي پاسي ۾ پاڻيءَ جي ڪونڊي پري، پکين لاءِ رکنديون آهن ته جيئن اُهي چُوڻ ڪري پاڻي پيءُ دعائن جا درجا ڏيئي وڃن ته جيئن وسڪارو پلو ٽئي!

آڪاٽي جي تهوار تي نه رڳو ننڍڙا ٻارڙا گهنڊ (مٽر ۽ چنگ) ڪٽي ريل ۾ ناچ ڪندا آهن پر هن ڏڻ تي پيرون چونڊڻ جي مهورت به ٿيندي آهي. ننڍيون ڇوڪريون ڍاٻڙا (مٽي جا گُڏا) ۽ ننڍڙا ڇوڪرا ڍالون (مٽي جون ٿالهيون) ڪٽي ڳوٺ جي ڏُوهي (ڄار جو پراڻو وڻ) وٽ گڏ ٿيندا آهن پوءِ پيرون چونڊي ڍاٻري ۾ مُک تي چڙهائي، پوءِ ڍال تي رکي ڪائيندا آهن. نينگريون سانوٽي جا ڳيچ ڳائينديون آهن. ڇوڪرا آنبليو راند ڪندا آهن، جيڪا تمام دلچسپ هوندي آهي. آڪاٽي تي هندو پنهنجن مري ويل مائٽن کي شانتي ارپڻ لاءِ کورن دلن ۾ پاڻي وجهي برهمڻ يا نياڻي کي دان به ڪندا آهن. جنهن کي ڪرپٽيا ڇيو ويندو آهي.

پري ٿُري بهار ۾جڏهن پيرون پچندا آهن جڏهن نمن ۾ نموريون لڳنديون آهن، جڏهن کڄين انبڙين جون ڪتيون ڇنٽيون رڏڻ جي رونق وڌائينديون آهن جڏهن ڪٿوري خوشبوءَ جهڙيون ٿاريليون مٿن تي ٽُبڪا ۽ ڪارا ڪٽي سيمن ڏي سنپري ڊُوڙا (تولا) ڪري پيرون چونڊڻ وينديون آهن تڏهن اڪثر ڪري ٿر جون مائرون پنهنجي ديس توڙي پرديس پرٽايل نياڻين کي سنپاري پُرنم نيڻن سان هوائن هٿ سنيهڙا مُڪنديون آهن بقول ڪوي ته:

آڄ آڪاٽي آوي، پڪا پيلو ڏاڙي ڏاڙي،
ولاتڻ ٿانري آيلڙي، وِلڪي آنسوڙا ڍاڙي ڍاڙي.

(آڄ آڪاٽي آهي! ڄارين جي ٿار ٿار پيرون پڪا آهن، اي پرديسڻ! تُنهنجي ماءُ تو کي ساري اکين ۾ اشڪ آڻي روئي ٿي).

بهار جي خوشبودار مُند ۾ پکل پيرون ڏسي اُداس مائرن جي اندر ۾ پنهنجين ڌيئرن لاءِ اُڪير جي جُوار ڀاتا اُٿي پوندي آهي الاءِ ڇو؟ شايد فطرت جو هڪ رنگ آهي! ممتا جي ڇولي آهي! جيڪا هن مُند ۾ ڇُلي پوندي آهي. پٽائيءَ جي سُر سامونڊي ۾ جيئن وڻجارن لاءِ ونيون سڪنديون آهن. ائين هن مُند ۾ جيجلون پنهنجي نياڻين لاءِ آتيون هونديون آهن. ديس

۾ پرٽايل ڏيئرن کي تہ هو ڪوني ونڊيون آهن يا پيرون ڪوڳڙ يا ڳُڙ موڪلي بہ ڏينديون آهن. پر اُهي اُپاڳيون مائرون اڪثر انهن ڏينهن ۾ جيئري مئل مثل هونديون آهن. جن جون ڌيئرون قديمي روايتن جي ڪارڻ پرديس ۾ پرٽايل هونديون آهن. اُهي اُداس جيجلون ٻين کي پيرون چونڊڻ ويندو ڏسي بي اختيار چئي ڏينديون آهن:

ٻيجين ڪو سهيلڙين پيلُوڙا چُنڊين، مانجي وِلاتڻ وسي ڏُور،
ڊيڀڪا ڊوڙي وِلڪي وطن سارون، مانجي ماٽينگر مجبور.

(ٻيون سڀ سرتيون پيرون چونڊڻ وڃن پيون، مُنهنجي پرديسڻ پري آهي، هُوءَ لُڙڪ لاڙي وطن لئہ واجهائيندي هوندي، روئيندي هوندي، مُنهنجي پدمٽي ڌيءَ مجبور آهي).

پيروئن جا مختلف قسم هوندا آهن: راتڪا (ڳاڙها)، آڇڪا (سفيد)، سيڙڪا (ڪَيلا)، ٻاندڙ يا ڦيسڙ وغيره ٿر ۾ گهٽي ياڳي راتڪا پيرون ٿيندا آهن. آڇڪا ۽ سيڙڪا گهٽ ٿيندا آهن. باقي ٻاندڙ يا ڦيسڙ انهن کي چئبو آهي، جيڪي چونڊڻ ۾ آسان نہ هوندا، مطلب تہ ٿورو زور آيو تہ ڦسي پوندا. پيرون چونڊڻ ٿر جي هڪ ثقافت آهي. صدين کان اها ثقافت هلندي اچي. پيرون کائڻ سان ماڻهوءَ کي بک بہ ناهي لڳندي. پيروئن ۾ ڪا خاص توانائي آهي. جنهن تي سائنسي تحقيق جي ضرورت آهي. پيرون جيترا کائڻ ۾ منا هوندا آهن اوترا اهي گرم بہ آهن. گهڻا کائڻ سان معدي ۾ سخت تڪليف ٿيندي آهي. پيرون تہ مرد بہ چونڊيندا آهن پر خاص ڪري ٿري عورتون وڏي ڪوڏ مان اهي چونڊنديون آهن.

پيرون چونڊڻ بابت راويت آهي تہ اڳئين زماني ۾ هڪ ٿاريلي پيرون چونڊڻ ويئي، جيڪا پنهنجو ننڍڙو ٻالڪ ساڻ کڻي سيم ڏي ويئي، ٻارڙي کي جار جي ٿار ۾ چُنيءَ جو جهولو ناهي سمهاريائين ۽ پاڻ پيرون چونڊڻ لڳي. پيروئن سان ٿوبڪا تہ پري ورتائين، پر ڇيگ رهجي ويئي. ٻارڙي کي لُڪ ۽ لُوءِ جي ڪري ڏاڍي اُڃ لڳي هُئي. ٻارڙي دانهون ڪيون، پر سندس ماءُ آڇڪن جي ڇيگ ڏيڻ لئہ آڇڪي جار تي چڙهي ويئي، پوبان ٿڄ پياڪ

ٻارڙي جو دم صحرائن ۾ پرواز ڪري ويو واپس اچي ڏنائين تڏھن بي اختيار روئيندي چئي ڏنائين:

راتڪي پريا ٽوبڪا، آچڪي ڏني ڇيگ،
ماءِ مري مھيريي ري، مھيريو گيو ڏور.

(ٻاڙھن پيروئن سان ٽبڪا پريا ۽ سفيدن جي ڇيگ ڏني، ايتري دير ۾ آئون مران، مھريا (ٻالڪ جو نالو) ڏوُر ھليو ويو).

ٿر ۾ پيرون چونڊي مٿان آچڪن پيروئن جي ڇيگ ڏيڻ واري معصوم حسرت اڄ بہ مروج آھي. ڪٿي ڪٿي ڪنھن سيم ۾ آچڪي چار نہ ھوندي تہ رُلي رُلي بہ ڇيگ ضرور ڏيندا آھن. ٻاڙھن ۽ سفيدن ڪا وڏيڪ سوادي ۽ مِنا سيڙڪا (ڪيلا) پيرون ھوندا آھن. اُنھن پيروئن جي چس ۽ ليار پيروئن جي لالائي جا واقف اھي وطن واسي ئي آھن جن لئہ پٽائي چيو آھي تہ:

مٿن ٽُبڪ ٽُبڪڙا، چِڪندڙا اچن،
ڪُڙيون ڪيھ پُڪليون، پگھر سِر پيرن،
اي وَڙ ويڙھيچن، مُون لوڏان ئي لکيا.

ٽُبڪا، ميٽ ۽ ڪاغذن کي پُسائي پوءِ ڪنھن گولائي ٿانو جي پُٺ تي ٿڦي اُس ۾ ٺاھيندا آھن. ڪارا، ڪانين مان ٺھيل ھوندا آھن. اڄڪلھ نہ ٽُبڪا رھيا آھن، نہ ئي وري ڪارا پر پيروئن سان پريتت اڄ بہ ساڳي آھي، پيرون چونڊڻ وقت لوٽو يا گلاس چيلھ تي ٻڌي ان ۾ چونڊيندا آھن.

پيروئن جي رس مان ٻُڙ بہ ڪڍندا آھن. تازن پيروئن کي مٽي جي ماٽي يا جست جي لوٽي ۾ وجھي پروندي (سجي) پوءِ جھيرٽي (منڌي) سان جھُڳندا (ولوڙيندا) آھن. اھو ايستائين جيستائين پيروئن مان ڪڪڙيون (ٻج) ڌار ٿي وڃن. پوءِ ان جي رس کي ڪپڙ ڇاڻو ڪري اُن ۾ آھريو سئونف ۽ ڦوٽا وجھي چُلھ تي چاڙھي پچائيندا آھن. ڌيمي باھ تي رکي لڳاتار ڏوھيلو ڦيريندا/ھلائيندا آھن. گھڻي دير باھ تي رڌڻ ڪري رس گھاٽي ماکي جھڙو ٿي پوندو آھي، جنھن مان ٻُڙ ناھيو ويندو آھي. پيروئن جو ٻُڙ تقريباً ڏھ ڏينھن بنا فرج جي خراب ناھي ٿيندو. ٿاريلا سيٺن کي سوکڙي طور بہ ٻُڙ موڪليندا آھن.

ان ڪانسواءِ ڪوڪڙ بہ پيروئن جي ڪندا آهن. جيڪا ڏٿ ۾ شمار ٿئي ٿي، پيروئن کي اُس ۾ سُڪائيندا آهن. جڏهن اهي اڌ سُڪا ٿيندا آهن. تڏهن اهي ڪارن ۾ وجهي رکندا آهن انهي کي ڪوڪڙ چوندا آهن. ڪوڪڙ بہ سيٽن کي پيتا طور موڪليندا آهن. ڏُڪاريل ڏيهہ ۾ ڪجهہ ڏينهن لئہ صحيح، پر مُرڪون مُوٽي ضرور آيون آهن. هر طرف گهُو گهُو گهو پارڪر جانءِ پيلون کان وارا ورد گونجن ٿا. سگُرين جي پاڄي ۾ پيروئن جو ڳڙ ٿاريلي زندگي ۾ عياشي آهي. پر پيروئن کان پڇلي جو اونو اڄ بہ جيءَ کي جهوڳو ڏئي ٿو..!!

پيرون چونڊيندي ٿاريليون پنهنجن پيتارن کي پل بہ ناهن وساريندو. وساريندو تہ اُنهن ساڏوهين کي بہ ناهن جن جي ڏنگن ڏارن تي چڙهندي انهن جي جواني پلر جيان پالوٽون ڪائيندي آهي.

تن ساڏوهين سڏ مران، ڏنگا جنين ڏار،
پيڙي ساڻ پتار، آئون پائر پيرون چونڊيان.
(شاهہ)

سياڙي سورٺ پلي...!

سيارو پنهنجي پور جوڀن ۾ آهي. اُتر لڳي رهيو آهي، ڪنوارين جواڻين جي جوار پاتا اٿلي پئي آهي، پيار پروان چڙهڻ واري هي پياري مند پنهنجيون هڙئي حسناڪيون ساڻ ڪري سنڌ وطن جي سيني تي بہ لٿي آهي. سياري رت ۾ پلي سڄو جهان دلفريب ديد پيش ڪندو هجي پر منهنجي سنڌ جي ڳالهہ ئي نرالي آهي، سنڌ جيڪا هر مند ۾ نينهنڀوجهر جي سڳند لڳندي آهي، اها هن هڏ ٺار مند ۾ بہ بنهہ حسين لڳندي آهي. انهي ڳالهہ جي گواهي ڪجهہ هن ريت آهي تہ

سياڙي سورٺ پلي، اونهاڙي گجرات،
وسڪاري واگڙ پلو، ڪڇڙو تو ٻارهوئي ماس.

ڪنهن امر ڪوي جي ڪثيل هن دلربا دوهي ۾ سورٺ منهنجي سنڌ کي چيو ويو آهي. سنڌ، جنهن جون مڙئي مندون محبوب جي ماڻي ۽ سر

راڻي جهڙيون آهن پر سياري جي سرد رت جي روحاني راحت پنهنجو مٽ پاڻ آهي، انهي ڪري ئي تہ هر سال سياري مند ۾ الائي ڪٿي ڪٿي جا سيلاني سنڌڙي جي سفر تي اسهندا آهن. انهن ۾ قابل ذڪر اهي ڪابلي ۽ قنڌاري پناڻ بہ آهن جن سدائين سنڌ جي ڏيري ڏيل ڪي اڏوهي جيان ڪاڏو آهي. پر پوءِ بہ سنڌ پنهنجي مهمانوازي جو مان رکندي انهن تي ذرو بہ سيڪ اچڻ نہ ڏنو آهي.

مانيٽي محبوب جي ٿڌي مجاز جهڙي ٿڌڙي مند سياري ۾ ڏيهان ڏور پکين جا ٿولا بہ ڪهي ايندا آهن. آڙيون، لاڪي ڄاڄي، چيڪلا ۽ هاڙيون هن مند ۾ نہ رڳو ڪينجهر ۽ منڇر جا مهمان ٿيندا آهن. پر اهي سامروٽي جي سنن جا بہ سيلاني ٿيندا آهن. سنڌ جي پوڇاڙي پٽن ۾ آباد علائقو ٿر، جنهن جو هڪ انتهائي حسين ٽڪرو سامروٽي آهي، سامروٽي جنهن کي شيخ اياز جهڙي امر ڪوي بہ پنهنجي ڪوتا ڪاڪ جي ڦلواڙي ۾ روپيو آهي!

سامروٽي جي خوشنصيبي چئجي يا بدنصيبي پر ان جي سيني تي ڪيئي سن آهن. جيڪي جاگير ٻنين جي ڪلراٺي ٿيڻ ڪانپوءِ وجود ۾ آيا آهن. جن جو جل تہ سمنڊ جي جل وانگي ڪارو آهي پر ان مان لوڻ جهڙو ناياب وکر بہ ملي ٿو. انهن سنن ۾ هينئر ڪيئي پرڏيهي پکي اسان جا آديسي ٿي لٿا آهن. سارڻ جي مشهور سن ڪان وٺي لاڏڪي ۽ لاڪوڙي جي سهڻن سنن تائين سيئي پرديسي پکين سان پُر ٿي ويا آهن. سنجها ويلي پکين جا پاڻي تي تلورا ايڏا تہ ماحول کي سندر بڻائين ٿا جو ڇا ڳالهہ ڪجي؟ حسين منظر ڏسي اکين جا ٽڪ ئي لهيو وڃن ٿا.

اهڙن پرديسي پکين جي آجيان لاءِ ٿر جي معصوم نياڻين پنهنجا نيڻ وڇايا، ڪنهن سنياسي جي دل جهڙن درويش صفت ٿاريلن همرچا ۽ ڪجليا ڳائي انهن جو آدرستڪار ڪيو. ساڃاهہ وند شاعرن پکين جي آمد تي ٻاٻيهن جهڙا ٻول سرجيا پر ڦهري قاتلن انهن تي بہ بندوقون تاڻي ڇڏيون. انهن ظالم آهيڙين جي آنڊن ۾ وٽ بہ نہ ٿا پون، جن معصوم پرڏيهي گگدامن سان وڏا ويل ڪيا آهن. شڪارين جا اهڙين ئي ستم جاري رهيا تہ هڪ ڏينهن اسان جي سورٺ سياري مند ۾ وديسي پنڇين جي پيار ڪان محروم ٿي ويندي، باقي رڳو بڇندا عرب سڳورا جيڪي سنڌ ماءُ جي سيني تي خيما کوڙي هر مند ۾ مگ ڏريندا آهن. ان ڪري ان گنڀير مسئلي تي سرڪار کي

سوچڻ ڪپي، نہ رڳو سوچي پر ترت اهڙا قدم کڻي جيڪي سنڌ ۾ پرڏيهي پکين جي حق ۾ هجن ۽ هر سال سنڌ ۾ پکي اڳي وانگر ايندا رهن.

سياري مند ۾ سنڌ ۾ نہ رڳو مينهن ماماڻن جهڙا نوان نينهن جڙندا آهن پر سوجهاڪي تائين اوجاڳا ڏسي ڪچهريون ڪيون ويندون آهن. مڇ ڪچهرين ۾ لاهوري گجر وڏي شوق سان ڪاڏا ويندا آهن. ڳجهارتون، ڳوڙها ۽ ڏٺ، پروليون، پهاڪا، محفلن کي وڏو مانائتو ۽ شانائتو بڻائيندا آهن. سياري مند ۾ سنڌ ۾ قسمين قسمين نيون ڀاڄيون لهنديون آهن. جيڪي صحت لاءِ تمام فائديمند هونديون آهن.

سياري مند ۾ سنڌ ماءُ جي سيني تيوڙ ياد تہ انهن جلاوطن جندڙين جا جيءَ جهوريندي آهي جن کي ورهاڱي وقت ڏرتي کان ڏڪاريو ويو هو. موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا کان وٺي وينا شرنگي جي آواز جي لهرن تائين سيني ۾ سنڌ جي سڪ ۽ ڇڪ ڪيڏي نہ اڪنديل نظر اچي ٿي. سريچند جهڙا سوين سنڌ واسي هن مند ۾ سورٺ لاءِ سڪندي نيڻن نير هاريندا آهن ۽ روح مان رڙ نڪري پوندي آهي، بقول ايوب کوسي جي تہ:

ڊسمبر تو بنان کهڙو.

قديم سنڌ جو روشنين وارو شهر ڏيپلو

رڻ پيومي ۾ هارايل ڪنهن بدنصيب راجا جي نگريءَ جهڙو ڏيک ڏيندڙ هي پاڳِ پري پيومي ڪنهن سمي ۾ سنڌ جو پئرس هئي! هن شهر جي موج تڏهن اوج تي هئي جڏهن ٿاريلين دلين جهڙين ڪشاده ڳلين ۾ پڪن سِرن سان نهيل روڊن جي پاسن تي گاسليٽي فانوس ڪنهن گُجر جي گج تي چمڪندڙ ڪاون جئين جرڪندا هئا. تڏهن انهن ويڪرن رستن تي پسار ڪندڙ پدمڻيون نپ جي نولک نيڻن سان نيڻ ملائيندي راتين جي مسافر چنڊ کي پنهنجو ساکي سمجهي، پريتم سان وفا جا وچن ڪنديون هيون. انهن سونهن راڻين جي پيرن جا پدم چمي سِرن ۾ بہ ساهہ اچي ويندو هو. رات جي سانت ۾ اُڏامندڙ ٿهڪن جا پنڇي عجيب سرگوشيون ڪندي ڏيپي ميگهواڙ جي آتما کي صدين جو سنتوش ارپيندا هئا.

هريجن ڪميونٽي سان تعلق رکندڙ ڏيپي ميگهواڙ جو وسايل هي سريلو شهر تمام قديم آهي. آڳاٽي زماني ۾ بہ ثقافت ۽ تهذيب يافتہ رهيو آهي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ واريون عمارتون اڄ بہ ان ڳالهہ جون گواهہ آهن تہ هن شهر جي هنرمند هٿن وٽ آڳاٽي زماني ۾ بہ اڏاوتن جو عاليشان آرٽ موجود هو. اهي عمارتون توڙي جو هاڻي زبون حالي جي زد ۾ اچي ويون آهن پر پوءِ بہ پنهنجي قديم حسناڪي سبب اڄ بہ سونهن جي شوقين نگاهن جو مرڪز بڻيل آهن. خاص ڪري شهر جي مرڪز ۾ موجود قلعي نما پوليس ٿاڻي واري عمارت! هن شهر کي هند ۽ پاڪ بلون ۾ بہ ايترو جوکو نہ رسيو هو جيترو ميمڻن جي منهن موڙڻ ڪانپوءِ رسيو آهي. هن شهر کي تڏهن ميمڻن عروج تي پهچايو جڏهن سرو چڙهي هن ۾ اچي رهيا. ڏيپلي جي اولهہ ڏکڻ ۾ تقريبن 8 ڪوهہ پري آباد سرو شهر هو. جنهن کي ڪڇ جي جاڙيجا ڌاڙيلن ڏينهن ڏونئري جو بہ پيرا لٽيو. تڏهن ميمڻ عدم تحفظ جو

شڪار ٿي ڏيپلي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڏيپلي ۾ انهون هار ڪري پليڪار ڪندي ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون. اڄ ٻه سرائي ميمڻ ڪجهه حيدرآباد ۾ رهن پيا. ميمڻ پڙهيا لکيا هئا. واپار جا ماهر هئا ۽ جڏهن انهن جو اوج آيو تڏهن انهن وچي حيدرآباد جا وڻ وسايا ۽ ڏيپلو وري ٻه لاوارثي جي لڪير هيٺ اچي ويو. هي شهر درويشن، درگاهن ۽ مندرن جي ڪري ٻه مشهور آهي. پاڪستان ٽپال جهڙي ايماندار ڪاتي واري آفيس جي اولهه ۾ نمن جي گهاٽي ڇانوري هيٺ ابدي ننڊ ستل غلام شاهه غازي جي درگاهه جي اولهه ۾ قديم عيدگاهه آهي. جيڪو ڪنهن حسين پارڪ جو ڏيک ڏي ٿو. ان جي پر ۾ مولا علي رح جو الم ڪُتل آهي. جتي سنجها ويلي لڳا دم مِٽي غم وارا دور ٻه هلن ٿا. غلام شاهه غازي جي درگاهه جي ٿورو اڳيان اُتر اوڀر ۾ پير پچمائي جو مندر آهي جنهن ۾ اڄ ٻه هر شام ويلي پنيا ۽ پولڪا پاتل پوڄارڻيون پنهنجون پيشانيون گسائي ايشور جي عبادت ڪنديون آهن. هن مندر جي عاليشان عمارت تي اڪريل ڪاشيءَ جو ڪم ڏيئن جي سُهائي تي ديومالائي سُونهن جهڙو درشن ڪرائيندو آهي ۽ مندر ۾ وڄندڙ جهونو گهنڊ ۽ پتائي جي تنبوري جي تند من کي ويراڳي واٽ جو مسافر بڻائي ٿي.

ڏيپلي جي ڏياوان يومي سنڌ ۽ سنڌي ادب کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. 13 جون 1908ع تي حبيب الله ميمڻ جي گهر ۾ اک کوليندڙ سوين ڪتابن جي خالق محمد عثمان ڏيپلائي کان وٺي سُرن جي سودائي مصري ڏيپلائي تائين سيئي اهڙا اُملهه ڪردار هئا جن ساري عمر سنڌ لئه پاڻ پتوڙيو ۽ پونئين نسلن لئه اهڙا اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. جن جا دڳ وٺي ماڻهو ديش پڳتي واري من پاونا کي پراپت ڪري سگهي ٿو.

ٿر جي ڪاهوڙي اديب مشتاق احمد منواڻي کان وٺي سگهڙ پائي وارا سيئي گڻ سيني ۾ سانديندڙ محمد صديق شريفاڻي تائين سيئي ڪردار هن شهر جي ملهائتي مٽي مان اپنيا هئا.

مشتاق احمد منواڻي پنهنجي ڪتاب پٽن اپريو سج ۾ محمد صديق شريفاڻي جي باري ۾ لکي ٿو ته: ماما ٻڪرين سان ڳالهيون ڪندو هو. ٻڪريون ٻه پنهنجي دل جا آروگ ماما سان ڪنديون هيون. رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه ٿيا ماما صديق ۽ ٻڪرين جو پيار ڏسي سوچڻ لڳس ته

جنهن اهو ڀهاڪو ٺاهيو تنهن ماما صديق کي نہ ڏنو هو نہ تہ هيءَ ڀهاڪو نہ ٺاهي ها.

سنڌي ادب جو محقق ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1958ع ۾ جڏهن لوڪ ادب کي سهيڙڻ لئہ ٿر ڏي اسهيو هو تڏهن هن گوڏير سان بہ گفتگو ڪئي هيائين محمد صديق شريفاڻي ٽپاين، چوپاين، ڀوڳهن ڏٺن ۽ پرولين جا ٿان کولي ڊاڪٽر صاحب کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هارون هار لنگهي کان وٺي محمد صالح ڪلر جهڙا سيبتا شاعر بہ ڏيپلي جي ڌرتي جو گُڻ آهن. ميگهہ ونس مالها جي مالڪ ۽ خالق سومجي مل ڏاراڻي کان وٺي ثريا سوز ڏيپلائي تائين بهترين اديب بہ ڏيپلي شهر ڏنا.

ڊاڪٽر سچڻ ميمڻ بہ ڏيپلي جو نَڪ هُيو جيڪو غريبن جا علاج مفت ۾ ڪندو هو اُن جي باري ۾ هڪ ڳالهہ مشهور آهي تہ هُو نڪاح ۾ وينو هو ۽ ڪو مريض سڏ ڪرڻ آيو ۽ هُو نڪاح اڌ ۾ ڇڏي، موڙي ٻڌو مريض جو علاج ڪرڻ ويو.

دنيا جي عظيم مصورن، پال گوگين ۽ وان گوگ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏڻ جهڙا فن پارا سرجيندڙ احمد کتي بہ ڏيپلي جي مٽيءَ مُٺ آهي. جنهن پنهنجن نيرولي هٿن سان سڄو قران شريف تمام خوبصروت هٿ اکرن ۾ لکيو آهي.

ڪنهن بہ ٽيسٽ ڪانسواءِ مريضن جي چهرن جا ڪتاب پڙهي دل جا وال فيل ٽيڻ کان وٺي ايڊز جهڙين انيڪ بيمارين کي پرکڻ وارو عظيم معالج ڊاڪٽر حاجي شفيع محمد ميمڻ بہ هن شهر جو سپوٽ فرزند آهي. جيڪو اولاد جي اٺهوند جي باوجود بہ مُنهن تي مرڪ سجائي اڄ بہ انيڪ مريضن جا مفت ۾ علاج ڪري ٿو.

تعلقي هيڊ ڪوارٽر واري حيثيت رکندڙ هن شهر ۾ هڪ بوائز ڊگري ڪاليج آهي. هڪ بوائيز هاءِ اسڪول آهي ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول تہ آهي پر گرلس ڪاليج ناهي. ڇوڪرين لاءِ هنري سکيا سينٽر بہ آهي. هڪ پراڻو مسافر خانو آهي جنهن جي حالت آفريڪا جي جهنگلن جهڙي آهي. جنهن ۾ صفائي چنڊا چنڊ ئي ٿيندي آهي. ان ڪانسواءِ انساني صحت جي سهولت لئہ هڪ تعلقي هيڊ ڪوارٽر اسپتال بہ آهي. جتي صحت جي سهولت تہ ناياب آهي پر سورن جي هر سهوليت موجود آهي. مثال طور

ڊاڪٽرن جو تقريبن غائب هجڻ، دوائون اڻلڀ، پاڻي جي کلت، جنريٽر جو صرف فائلن ۾ هلڻ وغيره. اج به مريض داخل ٿيڻ لئه 05 روپئي واري فائيل پاڻ وٺي ويندا آهن. ڪروڙين روپين جي بجيٽ الئه ڪيڏانهن غائب ٿي ويندي آهي. تعلقي ميونسپالٽي ۾ به وڏا گهوٽالا ٿيا. ڪروڙن جي ڪرپشن ڪندڙ ڪلارڪ سياسي سرد جنگ جو فائدو وٺي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي باعزت بري ٿي ويو.

ڏيپلي ۾ تفريح جي لاءِ هڪ خوبصورت پارڪ آهي جنهن جو نالو حاميد پارڪ آهي. ان ڪانسواءِ شهر جي ڏکڻ ۾ سفيد ريٽن وارين پٽن جو سلسلو آهي جتي سنجها ويلي ڪيئي جوڙا پسار ڪن ٿا. هن شهر ۾ الله وارو چوڪ به آهي. تعليم جي اج اجهائڻ لئه هڪ لائبريري به آهي. جيڪا سرڪاري آهي. هي شهر اج به مٺي پاڻي لاءِ واجهائي رهيو آهي. پاڻي واري اج الئه ڪڏهن اجهندي؟ جڏهن ته هن شهر مان چونديل سياستدان سنڌ جو وزيراعليٰ به ٿي رهيو هو!

جئين هر شهر جي ڪا نه ڪا شيءِ مشهور هوندي آهي ائين ڏيپلي جي خوراڪ مٺائي مشهور آهي. جيڪا نج ديسي گيهه مان ٺهندي آهي ڏاڍي سواد واري آهي.

هِن شهر جو اوج ميمڻن سان هو. ميمڻ هوندا هئا تڏهن وڻج واپار هوندو هو. تقريبن وڪر وارا سيئي هٽ ميمڻن جا هوندا هئا. ڪاڪو غلام محمد ميمڻ اج به اهو مائٽاڻو ڏنڌو ڪري پيو. توڙي جو هن ڪي هاڻي ڪنهن به شيءِ جي پرواهه ناهي. سندس پُٽ نيشنل بئنڪ جو مينيجر آهي پر پوءِ به هو مائٽاڻو ليکو وٺي نه رڳو روايت برقرار رکي ٿو پر پنهنجي اباڻي ڏيهه ڏيپلي سان به اٽوٽ ٻنڌڻ هئڻ جو جيئرو جاڳندو مثال ڏي ٿو. ماڻهن جو ميمڻن تي ويساهه هوندي هو/آهي، ميمڻ به ٿر جي ماڻهن کي وڏو مان ڏيندا هئا. سهپ ۽ رواداري ته ڪو ڏيپلائي ميمڻن کان سکي! ڪو به متڀيد نه هوندو هو انهن وٽ.

هل پل! ڏيپلي جا به ڪي ڏينهن هئا! ٻهراڙي جا ماڻهو ڪي پيادا ته ڪي اٺن تي پاڪڙا وجهي، گاسيا ڪري وکر وٺڻ ايندا هئا. ڪڙيا ڪلهن تي، بغل ۾ سانداري، مٿي تي مولهيا ٻڌل پيرن ۾ چتين واريون چاڪڙيون پائيندڙ ويچارا سوداگر، ميمڻ سيٺن جي هٽڙين ٻاهران سيمينٽ جي دڪن تي ويهي

ڪانبون ڪيڏي ڪچهريون ڪندا هئا. نہ ڪنهن جي گلا، نہ برائي، ڳالهيون هونديون هيون وکر جون. وٽج واپار جون، ماڪي ۽ مکڻ جون، مينهن وسڻ جون ۽ مال جا پار پتا ۽ وڙولون وغيره. اٺن ۽ گهوڙن جي پنڌن جا پارکو رڳو پيار ڏيندا هئا ڏيپلي جي شهر کي! ميمڻ سيٺ پنهنجن گراهڪن کي گهر جا ڀاتي سمجهندا هئا. چانهہ گهران ڪاڙهائي، ڪيرپتي پيارينداهئا. تڏهن انهن گُگدام گراهڪن کي سمجهو سيٺ مرچن ۾ سِرن جو اٽو ملائي ڪو نہ ڏيندا هئا ۽ نہ ئي وري چُني ۾ ڪاٺ جو ٻورو. هر شيءَ ايمانداري سان نج ڏيندا هئا. هاٽي نہ اِهي گراهڪ رهيا نہ ئي سيٺ، ميمڻ ويا تہ انهن جا مُجيجي بہ ويا! قديم سنڌ جو روشنين وارو شهر هاٽي گهور اونداهي جي لپيٽ ۾ آهي. بجلي جا بلب تہ ڪڙڪيتي واري اک ٻوٽ سان ٻرن ٿا پر علم، ادب، پيار، محبت، سهپ ۽ رواداري وارا سدا سُهانا فانوس ميمڻن سان گڏ موڪلائي ويا! انهن جي جدائي جي جِهوريءَ ۾ ڏيپي ميگهواڙ جو روح ۽ مير ٿارو خان جو مسمار ٿي ويل قلعو اڄ بہ سُڏڪي ٿو...!!

پاڻهيارين جا پنڌ

آرهڙ جي سورج ڪرڻن جي تيج سان تپندڙ صحرا ٿر ۽ راجستان جي ريٽن تي رين بسيرا ڪندڙ مومي ماروئڙن لاءِ پيئڻ جو پاڻي اڄ به درد ڪهاڻي بڻيل آهي. توڙي جو اڄڪلهه جي هن جديد دنيا ۾ جديد سهوليتون موجود آهن پر هن صحرائي سرزمين تي سهوليتن جي اڻهوند اڄ به جيئن جو تيئن موجود آهي.

جياپي جي جنگ جوٽڻ ۽ حياتي کي حرارت بخشڻ لئه جل ته اول گهرجي، پر ان جو پورائو صحرائن ۾ ڪيئن ڪجي؟ جيءَ کي جنجهوڙيندڙ هن سوال جو جواب صرف واريءَسا وجود ئي ڏيئي سگهن ٿا. جيڪي هن ڀيانڪر معاملي کي مقدر سمجهي صدين کان ڀوڳيندا اچن پيا. سرير جي پڇري ۾ پراڻ پکيئڙن کي جيارڻ لئه هن بر ۾ جر جو پاڻي ئي وڏي وٿ آهي.

جنهن کي حاصل ڪرڻ لئہ هڙان توڙي وڙان وڏا حيلا ۽ حربا هلايا ويندا هئا. اُهي سڀئي سور، ڪرب ۽ ڪشالا خاص ڪري ٿر جي عورت ئي ڀوڳي ٿي. عورت جنهن کي هن سماج ۾ سدائين مرد جي ماتحت سمجهيو ويو آهي.

پنهنجي مجازي خُدا مرد جي اڳيان هميشہ هارايل اپاڳي عورت لاءِ هر هنڌ سورن جو سامان مڪمل موجود هوندو آهي، پر ٿاريلي عورت جي قسمت ۾ سُور مڙوئي سرس سمايل آهن. مُٺ مُٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٽ وٿاٽان وانگي ٿر ۽ بر جي عورت بنهہ گهٽو ڀوڳي ٿي. هوءَ نہ رڳو پاڻيءَ لئہ پنهنجا پير پٿون ڪري ٿي، پر زندگي جي هر ڪٺن ڪم ۾ مرد جو هٿ ونڊائي ٿي. اهڙي وفا جي مورتي ٿاريلي جڏهن مٿي تي رنگين سينڊوٽي رکي گهاگهر ۽ گهڙولي سان سائيڪن ڏي سنيري ٿي، تڏهن هن کي پاڻياري ۽ پڻيار جهڙن پيار ڀرين لفظن/ لقبن سان پُڪاريو ويندو آهي. سردي هجي يا گرمي، هر موسم ۾ پاڻيءَ جي پورائي لئہ پاڻياري ڪٿي بہ ٿڪ ناهي ٿيندي! هُوءَ انهي حاصلات لئہ هماليہ پربت سان هٿ ملائيندڙ پورين پٽن جي پاڪرن ۾ پيٽڪندي پنهنجي نصيب سان نڀائي ٿي. ٻانڌڻين ٻٽن سان سدا سونهندڙ ٿاريلي پيرين اُپراٽي پنڌ ڪندي مٿي تي ٻيهلڙا ۽ ڪڇ ۾ ڪهلڙا ٻار ڪٽي بہ حياتي ۾ هار نٿي مڃي، مقدر جي ماريل ٿاريلي پڻيار ٿر جي لڪن، لينجهن، ڏهرن ۽ تڙڪولن ۾ تڙ تڙ تي پيئڻ جي پاڻي لئہ پير گسائي ٿي.

عاج جي اڇي چُوڙي ۾ چمڪندڙ چوڙيلي جو چت سدا سانوڻي مُند جي مينهن ۾ هوندو آهي. پلر جي ترشنا ۾ پورو سال سِڪندڙ پڻيار کي پنڌ ۾ اهي ئي پُور پوندا آهن تہ من مينهن وسي ۽ سُور سنڌا ڪيو هليا وڃن. انهي اُداس پاڻياري جي قلب جي طلب ۽ تنوار تي ڊاٽڪي رس ۾ ڪيئي لوڪ ڪوتاتون چيل آهن، جن ۾ صدين جا سُور بيان ٿيل آهن.

اُپراٽي پڳي هون هلان تي هون جيجل پڳي ٻڙان تي،
تپيوڙان ريٽان مٿي هون پاٽي سارو رُلان تي،
آئو بيگو ميهولا! مَني ٿانري رُت لاگي پياري،
هون چلي پاٽي نان پڻياري....
گينور جيسي چال نياري....

(اي جيجل! آئون بنا جُتي جي هلي رهي آهيان. ريت ڏاڍو تپيل آهي، منهنجا پير سڙن ٿا. اي مينهن! جلدي اچ تُنهنجي مُند مونکي ڏاڍي وڻي ٿي. آئون پاٽياري پاٽي پرڻ وڃان ٿي. منهنجي هلڻي هاٿي وانگي نياري آهي).

ڇيلڪڙي جي مڏم سرگم تي گينور چال چلندڙ پاٽياري جوين اوستا ۾جڏهن مٿي تي هيل ڪٽي ڪينچل ڪندي ڪوهه ڏانهن ويندي آهي، تڏهن سموري سيم سدا ملوڪ لڳندي آهي. وطن جو وڻ وڻ سدا بهار مهڪار سان واسجي ويندو آهي. پاٽيءَ تي جيئن پکي سونهندا آهن. ائين ئي ٻانهياريءَ جي مٿي تي ٻيلهڙا، بقول شاهه ڪريم رحه جي ته:

ٻانهياري سر ٻيهلڙو، جَرَ تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تئين، رهيو آهي روح ۾.

سامروٽي جي سُونهن ٻانهياري پٽ بہ هڪ پٽيار جي پنڌ واري ڪربناڪ قصي سان منسلڪ آهي. روايت آهي ته آڳاٽي زماني ۾ هڪ گريوتي پاٽياري هُئي جنهن سان پنهنجي ڏير شرط رکيو ته ”هيل ڪٽي هڪڙي ساهي ۾ هن جبل جيڏي پٽ جي چوٽي تي چڙهي ڏيکار، ته عاج جي ٻانهن وٺي ڏيان“ (عاج جو چوڙو هاٿي جي ڏند مان ٺهندو آهي). ڏير جي انهيءَ شرط کي پورو ڪرڻ لئہ هنيلي پاڄائي هڪڙي ساهي ۾ ٻيهلڙو ڪٽي پٽ تي چڙهڻ لڳي ۽ جڏهن چوٽيءَ تي پُڳي (پهتي) تڏهن دم پرواز ڪري ويس. ٿاريلي پٽيار پراڻ ڏيئي بہ پرڻ (وچن) پورو ڪيو ۽ شرط ڪٽي ورتو. پوءِ ڏُڪايل ڏير پنهنجي پياري پاڄائي جي قبر بہ اُتي پٽ جي چوٽي تي ٺهرائي ۽ عاج جي ٻانهن (چُوڙو) وٺي اُتي پٽ تي توڙي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪئي، جنهن جا آثار اڄ بہ موجود آهن.

هيءَ پٽ تعلقي ڏيپلي جي ڏکڻ اولهه ۾ واقع آريا ڳيڙ جي ويجهو قلندر ڳوٺ وٽ آهي. اهڙي هڪ ٻي بہ پٽ آهي جيڪا مٺي تعلقي جي ڳوٺ عالمسر جي ڏکڻ ۾ واقع آهي، اُن تي بہ پاٽياريءَ جي قبر ۽ عاج جي چوڙي جا آثار اڄ بہ موجود آهن. ان پٽ کي پٽياٽي پر چوندا آهن. پٽياٽي راجپوت هُئي، جيڪا ڏير سان شرط ۾ کير جي هيل ڪٽي پٽ تي چڙهي تہ هانءُ ڦاٽي پيس ۽ دم ڏنائين.

ساهہ ڏيئي ويساهہ ڏيندڙ اهڙين انمول پٽيارين جي پيار پريت، سونهن، سڄاوٽ، چال چلت، ناز ادائن ۽ حجابن ڪان وٺي پيڙائن، پوڳنائن کي وقت

جي ڪوين پنهنجين انمول ڪوتائن ۾جيئن جو تئين بيان ڪيو آهي. جديد سنڌي شاعريءَ جي سرتاج شيخ اياز بہ پاڻياريءَ جي پنڌ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي.

پاڻياري ٽُلڪي
سينهونءَ تي سَوَ سانگ گهَڙي جا،
پَلڪ پَلڪ ڇُلڪي،
پاڻياري ٽُلڪي،
آلا آلا رنگ چُنيءَ جا،
انگ پيا اُلڪي،
پاڻياري ٽُلڪي.
ڪُنيرَ واري ڪار ڪيائن،
جاڙ ڪئي جهُلڪي،
پاڻياري ٽُلڪي.

شيخ اياز جي هن امر وائي ۾ سينڌوڙي تي گهڙي جي سونهن، ذري ذري ڇُلڪڻ ، پنل چُنيءَ جا پنا پنا رنگ ، پاڻياريءَ جو ڏيري ڏيري هلڻ ۽ جاڙ ڪري گهڙي جو جُهلڪڻ، اهي سيئي حُسناڪيون ان ڳالهہ جون گواهہ آهن تہ پاڻياري جي پيڙائن ۾ بہ سونهن سمايل آهي. انهيءَ سونهن ۽ سجاوٽ کي حياتي جي هار ۾ پوئي پيڙائن جا پنڌ جهاڳيندڙ پاڻيارين جي ڏک ۽ درد ۾ سمورو صحرا سُڏڪندو آهي. پاڻياريءَ جي وک وک ۾ صحرا جا اُداس سُڏڪا سمايل هوندا آهن. اهي سُڏڪا اُهي ڪن ئي ڪنائي سگهندا آهن، جيڪي جنم جنم کان صحرا جا ساٿي هوندا آهن. جن جي روحن جا رشتا ريٽن جي تن ۾ تحليل ٿيل هوندا آهن. جن جا مزاج ميڻ کان بہ نرم ۽ صحرا کان گرم هوندا آهن!.

ٿر ۾ پاڻياريءَ واري ريت اڄ بہ هلندي اچي. نئين نويلي ڪُنوار کي پهرين ريت رسم سان هيل ڪڍائي ويندي آهي انهيءَ رسم کان اڳ ۾ هُوءَ کوهہ تي پاڻي ڀرڻ نہ ويندي آهي. ٿري ڪُنوار جي ڏاج ۾ هيل ضروري هوندي آهي. جيڪا اڳ ۾ پتل جي هوندي هُئي. هاڻي مهانگائي جي ڪري اسٽيل مان بہ ڪم هلايو وڃي ٿو. هيل ۾ ٽي ٿانوَ هوندا آهن: هانڊو، چَروڙي ۽ موريوِان کي رنگين سينڌوڙي مٿي تي رکرائي. پوءِ اهي ٽئي ٿانو ڪڍائي، پنج

ست ڇٽيون گڏجي گيت ڳائينديون، ڪوهہ تي ويندديون آهن، اُتي پاڻي وارو ناريل ڦوڙي ورهائينديون آهن. ائين هيءَ شاندار رسم پوري ٿيندي آهي ــ ۽ نئين ڪُنوار پاٽيار ٿيندي آهي ــ ۽ پوءِ اُها پاٽيار لُڪن ۽ جهولن ۾ پنهنجو چاندي جهڙو چم ساڙيندي بہ پرڻ پورو ڪندي آهي. اهڙي طرح حياءَ ۽ شرم جو مجسمو بڻيل ٿاريلي پٽيار پنهنجو چنڊ چهرو گهٽائن جهڙي گهونگهٽ ۾ لڪائي هلندي آهي ــ ۽ جڏهن تيز هوائون لڳنديون آهن، تڏهن ٿورڙو آنچل مُک تان پري ٿيندو آهي تہ هن کي لڄ ٿيندي آهي.

اوڍڻو اُڏتو جاوي ماوڙي مني لاج آوي،
ٽپ ٽپ آنسوڙا ڍڙڪين مانرو جيءَ جُهلڪا کاوي،
ڊوڙي ڊوڙي وِلکان بيٺي هُون ڍاٽ ري ڏياري،
هون چلي پاڻي نان پٽياري....
گينور جيسي چال نياري....

(اي منهنجي آيل! تيز هوا ۾ مُنهنجي چُني مُنهن تان اُڏري ٿي. مونکي لڄ اچي ٿي. لار ڪري لُڙڪ وهن ٿا، منهنجو جيءَ تڙپي ٿو. دڙي دڙي تي اُداس ورلاپ ڪيان ويٺي. آئون ڍاٽ جي ڏيءَ آهيان. آئون پاٽياري پاڻي کي وڃان ٿي. مُنهنجي هلڻي هاٿي جهڙي آهي).

ساوڻ ٽيج: هڪ رومانس ڀريو ڏڻ

چوماسي واري چنچل مُند ۾ ساوڻ جي شروعاتي تاريخن ۾ ٽيج تٿ تي ملهائي ويندڙ ٽيجلڙي ڏاڍو سندر ڏڻ آهي. رتن جڙاءِ رڪڙين ۾ روپيل روپونتيون هن ڏڻ تي ڏاڍيون سرهيون هونديون آهن. هي تهوار خاص ڪري عورتن ۾ گهڻو مقبول آهي. هن ڏينهن تي سامروٽي ڪان وٺي مارواڙ ديش (راجستان) تائين مرگهه نيڻن واريون پدمڻيون پيرن ۾ ڇيلڪڙا پائي، ڀنين ۾ باک ڀنا رابيل روپي، ٻانهُن ۾ ٻاجُو ٻند جهومائي راسوڙا ۽ لوڪ گيت ڳائينديون آهن.

ٽيجلڙي جي رنگ منچ وارا سيئي سُندر رنگ تڏهن نِکرندا آهن جڏهن ساوڻ جو مينهن ڀرپور وسندو آهي. هر هند ساوڪ هوندي آهي. ٽوٻا تار هوندا آهن. سمورو مروڏو ڏيهه ڦولڙن سان ڇانيل هوندو آهي. پلر پالوٽون ڏيئي پدمڻين جا پير چمندو آهي. مور مستيون ڪندا آهن. تڏهن هي سرامڻ جي ڀرين ٽيج تمام رومانٽڪ رنگن ۾ رنگجي ويندي آهي. ساوڻي ٽيج وارين سندر رسمن ۾ ڀتائي جي سر ساموندي وارو ساءُ ٻه ملي ٿو. هن ڏينهن تي سرتين جي سينن ۾ ساجن جي سڪ جو درياءُ پور چڙهندو آهي. ملن جي جوار ڀاٽا نس نس مان نروار ٿي پوندي آهي. جن جا وَر هن رُت ۾ گهر نه هوندا آهن انهن جي اندر ۾ آند ماند جو طوفان اُٿندو آهي ۽ ور سان ورونهن لاءِ ولکي ورلاپ ڪنديون آهن.

ٽيج آوي ري سهيليان، جيڏليان رو تهوار،
جڻ رو والمو گهر نهين، اوٺان سين ڪڻ وهنوار.

(اي سرتيون! ٽيج آئِي آهي، جيڏين جو ڪيڏڻ وارو تهوار آهي. هن ڏينهن تي جنهن جو ور گهر نه هوندو ان تي ڇا گذرندو آهي).

ٽيجلڙي جي تهوار تي وڇارن لاءِ ورلاپ ڪندڙ ونين جو قسم هي ڏڻ لاڙي لهجي جهڙو وڻندڙ آهي. هونئن ته هندو سيپتا جا سيئي ڏڻ، تهوار ۽ پرب وڏا آهن. ديپاولي جي اُجالن ديپن ڪان وٺي هولي جي حُلواٽيل رنگن تائين سيني ڏڻن جي پنهنجي الڳ الڳ مهانتا آهي پر سيني ڪان سُندر

سهائي تيج وارو پرب آهي جنهن تي عورتون خصوصن خوش هونديون آهن. وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائينديون آهن. هن تيج جي تهوار کي هريالي تيجڙي بہ چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هي چوماسي جي مند ۾ هوندي آهي بارش وسڻ ڪري هر هنڌ ساوڪ يعني هريالي هوندي آهي.

هن ڏينهن تي ڇوڪريون تيجڙي ماتا جو ورت رکنديون آهن. اهڙو ورت جنهن ۾ صرف اَناج ناهن واپرائينديون. سانوڻ جي مهيني کي هندو ڌرم ۾ ورتولن وارو مهينو چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سانوڻ ۾ سهائي تيج کان وٺي اونداهي انم تائين مختلف تِٿن (تاريخن) تي وِرت (روزا) رکيا ويندا آهن. هي مهينو هندو ڌرم ۾ ان ڪري بہ مهانتا رکي ٿو جو هن ئي مها مهيني ۾ گيتا جهڙو امر اپديش ڏيندڙ ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم مُبارڪ ٿيوهو. شري ڪرشن جي جنم شڀ تي جنم اشتمي ملهايو ويندو آهي جنهن کي ڍاٽڪي ۾ ڪانهوڙو چوندا آهن. ڪانهوڙو سيني وِرتن جي انت ۾ ملهايو ويندو آهي.

سانوڻ جي پهرين تيج اچڻ سان سرتين ۾ خوشي جي لهر اٿيندي آهي. هي تهوار عورتون خاص ڪري پيڪين گهر ملهائينديون آهن. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ساهرن ۾ هوندي آهي تہ ان جا مائٽ هن کي ڪوٺڻ ايندا آهن. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ڪنهن مجبوريءَ سبب مائٽن کان ڪونجي نہ سگهي تہ هن ڏڻ تي ڏوراپا ڏيندي آهي ۽ چوندي آهي بقول مرچو ورتيو جي تہ:

بيرا منان بيگو تيڙڻ آئي، آوي سر امڻ ري تيج ري،
هون تو جهولان وڙلي، ٻڌوڙي هينڊ ري.

(اي ڀاءُ! مون کي جلدي وٺي وڃ. سانوڻ جي تيج آئي آهي. وڻ ۾ ٻڌل پينگهہ ۾ لڏڻ لاءِ مُنهنجو من تڙپي ٿو).

هي تهوار ٿر ۽ مارواڙ (راجستان) ۾ خاص طور تي مشهور آهي. ڍاٽ ۽ مارواڙ جي تهذيب ۽ تمدن لڳ ڀڳ هڪ جهڙي آهي. راسوڙن واري رمٽيڪ ريت کان وٺي ڏانڊيي راند تائين سيئي سيپتائون هڪ گريٽر سنڌ جي گواهي ڏين ٿيون. سانوٽي رت جي مڌر ماحول ۾ ملهائي ويندڙ تيجڙي جو پس منظر تمام رومينٽڪ هوندو آهي. چوڙيلين جي ميندي رتن هٿن ۾ چوڙين جي جهنڪار، سرتين جا سئو سئو سينگار، پن پاتلين اکين ۾ ڪجل ريک

جي ڏار ۾ جوڙين جا ڪل ڪيتا هن تهوار ڪي تمام خوبصورت بڻايو ڇڏين. چنچل روپي ڇوڪرين جي ڇڙواڳي تڏهن ويتر وڌندي آهي. جڏهن هينڊ (پينگهه) ۾ لڏنديون آهن. نم، ڪنڊي يا ديوي جي وڻ ۾ ٻڌل پينگهه ۾ لڏندڙ پدمڻيون هر لوڏي تي وڻ جي ٽاريءَ کي ڇهڻ جي چٽا پيٽي ڪنديون آهن. جنهن ڪي ساسو جي سونڪٽي ڇيو ويندو آهي. جڏهن ڪا ساهڙي ٽاريءَ کي ڇهندي آهي تڏهن ٻيون سيئي سرتيون ڪِل ۾ ويڙهجي ونديون آهن ۽ هن جا محبت ڀريا رومانوي پوڳ ڪنديون آهن. تيجلڙي جي تهوار تي هر سرتي جي هِردي ۾ ساجن جي سڪ جو ساگر ڇوليون هڻندو آهي. ڊولي جي ڇڪ اندر ۾ اڃ اُسات پيدا ڪندي آهي. جڏهن سيئي سرتيون آپي ۾ اُڏامندڙ سرمئي بادلن جهڙا بانورا ويس وڳا پائي . هڪ ٻئي سان هٿڙا ملائي تاڙين جي تڙاپ ۾ راسوڙن تي رقص ڪنديون آهن تڏهن هر جوان وجود جي جيءَ ۾ ڪانڌ سان ڪچهري ڪرڻ واري تمنا ڪارونجهر جئين ڪر ڪڻندي آهي. نوجواني جي نبور عشق ۾ آرس موڙيندي انگ انگ مان ارگت وهي ويندو آهي. پوءِ ارهه ڏيئي اِيس پڄڻ واري من ڀاونا پيئان پيئان تہ ٻہ نہ ڊاپان واري حيرت ڪندڙ حد تي پڄندي آهي.

سرامڻ را سترنهن ڏينهن، آوي نويلي تيج،
تون برسين پِرديس پيا، مين اوپر بيج.

(ساوڻ جا سندر ڏينهن سترنهن آهن ۽ هي تيج تہ نياري آهي اي پريتم! تون پرديس ۾ آهين، مون مٿان ڪنوڻ تجلا ڏيئي رهي آهي).

مور تو جهينگور ٻولي مور ٻولي ون ۾،
تيج رو تو نہ آويو ڍولا ڏوڙ ٿانري ڏن ۾.

(اي ڍوليا! ڏيما ڏيما مڏر مور ٻولي رهيا آهن. ٻنِ ۾ مورن جا ٽهوڪا آهن. تيج جهڙي سندر ڏڻ تي ٻہ تون نہ آئين پرديس ۾ ڏن ڪمائڻ ويو آهين. پوئتي ڪنڌ ٻہ ڪو نہ ورايو تہ تو سواءِ ٽاريليءَ هن مند ۾ ڪئين ڪٽيندي. ڍولا! تنهنجي اهڙي دولت ۾ شل ڏوڙ پوي!)

تيجلڙي جي هن تهوار تي جيڪڏهن بارش پوندي آهي تہ وڻجاريءَ ڪان ورَ جو وڇوڙو برداشت ناهي ٿيندو ۽ هن جي دل دانهون ڪري چئي ڏيندي آهي تہ:

گهڻ گاجي ٻيجل، ڪوي برسي بادل ٻار،

ساجن بن لاڳي، سکي انگ پريوند انگار.

(اي سکي! گج گوڙ سان مينهن وسي رهيو آهي. ڪنوڻ جا تجلا آهن، مينهن ڪٽين ۾ آئون اڪيلي پڄي رهي آهيان. ساجن بنان هي بوندون منهنجن پياسن لنگن تي ٽانڊن جئين لڳي رهيون آهن. منهنجي ننڊ چتا ۾ جلي رهي آهي).

ٽيج جي ڏينهن ٽيجڙي ماتا جو روزو رکندڙ ڇوڪريون ترايـن ۾ گجوا تاريندڙيون آهن. گجوا ڪٽڪ جي سلن کي چيو ويندو آهي. جيڪو ٽيج کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ ۾ مٽي جي ڪونڊي ۾ واري وجهي ان ۾ پوکينديون آهن. پلر جي پالوٽ ۾ تار تلائن جي ڪپرن تي گيتڪاريون گيت ڳائي، گجوا پاٽي تي تاريندڙيون آهن. سامروٽي جي سيمن ڪان وٺي گڊ امراٽي تائين گيتن جي گونج ۾ دراوڙ دوشيزائن ۽ سوڍين جي سونهن جا تجلا ٽر کي امر بڻايو ڇڏين.

هيلوڪي ٽيج ۽ عيد گڏ ٿيون آهن. ٿر اهڙو خطو آهي جتي هندو مسلم ايڪتا سموري سنسار لاءِ مثال آهي. اهڙي خطي ۾ ٽيج ۽ عيد جو گڏجڻ هڪ سنو سنئوڻ آهي. الڳ الڳ تهذيبون ۽ ڌرم جڏهن بنان ڪنهن ٽڪراء جي هڪ الڪ ۽ آڪاش جي ڇانوري هيٺ گڏجي خوشيءَ ملهائيندا آهن تڏهن دُنيا امن جو هندورو ٿي پوندي آهي...!!

سنڌ جي تهذيب جا ٻه اهم علائقا: ڍاٽ ۽ مارواڙ

ڪٽڪ رنگي ۽ سفيد واريءَ جي وڏن دڙن، پٽن، ماٿرين ۽ ڏهرن وارو واريا سو علائقو جنهن کي ريگستان چوندا آهن. ان ٿر جي مختلف حصن جا مختلف نالا آهن. جن ۾ ٻه اهم آهن. هڪ ڍاٽ ٻيو مارواڙ. برصغير جي ورهاڱي وقت مارواڙ (راجستان) هندستان جي حصي ۾ آيو ۽ ڍاٽ ٿرپارڪر پاڪستان جي پتيءَ ۾ آيو. ڍاٽ ۽ مارواڙ ٻئي الڳ الڳ ٿي ويا. انهي ڪري ٻنهي پرڳڻن ۾ صدين کان هلي ايندڙ پرمپرا ۽ ريتي رواج ۾ به رنڊڪ پئي، پر مڪمل طور ختم نه ٿي سگهي، جيڪا اجان تائين به قائم آهي.

ٿر طبعي لحاظ کان 09 ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پر گڏيل طور سموري ٿر کي ڍاٽ چوندا آهن. ڍاٽ جي راڄڌاني امر ڪوٽ (عمرڪوٽ) ۾ هئي ۽ موجود وقت راٺا جاگير آهي. ڍاٽ جا راٺا سرتاڻ سوڍا آهن. ڍاٽ جي طبعي بناوت

جي باري ۾ ٿر جي ڪاهوڙي تاريخدان رائيچند راٺوڙ جي مستند راءِ هي آهي تہ ”هي سڄي ٿر جو وچ وارو ٽڪر آهي هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ٿورو ٽڪر، ڇاڇري جو گهڻو ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ڪجهہ اتريون ڀاڱو اچي وڃن ٿا. هن جي ڪري سڄي ملڪ کي ”ڍاٽ“ چوندا آهن. رهاڪن کي ڍاٽي چئبو آهي. پيرو مل مهرچند آڏواڻي ٿر جي طبعي سجاوٽ جي باري ۾ سوچنا ڏيندي لکي ٿو تہ ٿرپارڪر ضلعي جا طبعي ڀاڱا بہ آهن هڪڙو ڍٽ يعني ٿر يا واريا سو ڀاڱو ۽ ٻيو پٽ يعني ڏاڍي زمين وارو ڀاڱو. جنهن ۾ سڄو نارو ڊويزن اچي وڃي ٿو. انهن ٻنهي مؤرخن جي راءِ کي مدنظر رکندي، اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سمورو واريا سو ڀاڱو ڍاٽ آهي ۽ ان ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي کي بہ ڍاٽڪي چوندا آهن. ڍاٽ جي گادي جي هنڌ امرڪوٽ جي باري ۾ تيجسنگهہ سولنڪي لکي ٿو تہ هن پرڳڻي جو نالو ڍاٽ آهي. تنهنڪري هتان جي واسين کي ڍاٽي سڏيو ويندو آهي. هي شهر ڍاٽ پرڳڻي جي گادي جو هنڌ آهي. ڍاٽ جي سنهيرڙي واريءَ جهڙي سياري ۾ سرد رهي ٿي. تهڙي اونهاري ۾ تپي ٿي. بهار ۾ بہ لڪون ۽ جهولا لڳن ٿا. ان ڪري هتان جي ماڻهن جو رنگ سانورو رهي ٿو. تيز ڪاڙهن ۾ چمڙي جي ونڪي ۽ نور اُڏامي وڃن ٿا. ڍاٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ وڏا ڪشالا ڪيا وڃن ٿا. پيئڻ جي پاڻي لاءِ هڪڙو ئي ذريعو آهي کوهن وارو. کوهہ بہ تمام اونها آهن. سائيڪا کوهہ هتان جي ماڻهن جو مقدر آهن. جن جو پاڻي اڪثر کارو آهي. ڍاٽ جي زندگي جو دارومدار برساتن تي آهي. جڏهن برسات پوندي آهي. تڏهن زندگي سمورين رونقن سان محو رقص هوندي آهي. هتان جي زمين تمام لاپ واري آهي. جنهن ۾ فصل جام ٿيندو آهي. ٻاجهري، گوار، تر، مڱ، ڪورڙ، چونئرا، گدرا ۽ گدريون هتان جي وسيع ڌرن ۾ وڏي مقدار ۾ ٿيندا آهن. ڍاٽين جي ڪِرت ڪيتي واڙي تي آهي. جيڪا برساتن تي ٻڌل آهي. ڍاٽ جي گادي واري شهر امرڪوٽ جي باري ۾ هڪ ڪِوي پنهنجن ڪٿين ۾ ائين ڪٿيو آهي تہ:

امراڻو امراپري ڏرا سُرنگي ڍاٽ،
رهي سوڍو راجوي پهہ پنهنواران پاٽ.

(امرڪوٽ سرڳ/ جنت آهي، ڍاٽ جي ڌرتي سهڻي آهي. جنهن تي سوڍو پرمار راجا گاديدار آهي). مينهوڳي لاءِ واجهائيندڙ هن وطن جا جهڙا

ماڻهو سادا ۽ سڀاجهڙا آهن. تهڙا ئي ڪاڏا بہ سادا ۽ ديسي آهن. مريڙي جو ساڳ ۽ پپن جو رائتو، ٻاجهري جي ماني سان ڪائيندي وسڪارن ۾ ڏاڍا سرها هوندا آهن. عام طور تي روز جي ڀاڄي طور راڀڙيو هتان جي اهم ثقافتي ڀاڄي آهي. جنهن کي ڪاٽيو بہ چوندا آهن. جيڪو ڍاٽ جي هوٽلن تي بہ اهم طعام طور دستياب هوندو آهي. ڪاٽيو لسي مان ٺهندو آهي. ڍاٽ جون عورتون ڏڪارن ۾ ڏک ڏسي پنهنجو ايمان اٽل رکنديون آهن جنهن جي شاهدي هن دوهي مان صاف نظر اچي ٿي تہ:

ڪنتا رک ڪِرڪو هِرڻ ڪِيسا گيهہ ڪائي،
اڪ ٻتوڙي لوئان جهڙي ترِيان آڳڙ جائي.

(اي ڀتار! پنهنجو ايمان اٽل رک. ضمير تي ضابطو رکڻ هن وطن جي سونهن آهي. ڏس هرڻ کهڙو گيهہ ٿو کائي؟ ويچارو لوئن ۾ لڪن کي منهن ڏي ٿو پوءِ بہ گهوڙي کان تيز ڊوڙي ٿو).

ڍاٽ جي عورت نہ رڳو ڏڪارن جا ڏک ڏسي بہ مرڪي ٿي پر سُڪارن ۾ کيتن جا خفا ڪندي بہ خوش رهي ٿي. کيتن ۾ ڪم ڪرڻ ڍاٽ جي عورتن جي سپاويڪ سڀاءَ ۾ شامل آهي. ڍاٽ جي عورت رُتن جا بہ راز پرکي ٿي جيئن هڪ دوهي ۾ سس پنهنجي ننهن کي چوي ٿي تہ هاڻ ماٺ ڪري پيڪين وڃ چو تہ ڏڪار پوڻ وارو آهي کيتن جو ڪم نہ هوندو.

ساڪڙ ڪري سکري، وراند لڳائي واءِ،
ساسو ڪهي بهوئاري نان، پيهريي پري جاءِ.

(صبح جي پهر آسمان آگمي روپ ڪري ۽ شام جو واءِ لڳائي. بادلن کي پتڪائي چڙي، سس چوي ٿي ننهن کي تون مائٽن وڃ. هي ڏڪار جا آثار آهن).

عمرڪوٽ شهر واقعي حسين آهي. وڻن جي وڻڪار جي ڪري سڄو شهر تمام خوبصورتي جو ڏيک ڏئي ٿو. پر وڏي بدنصيبي هتان جي آبهوا جي آهي جو صحت لاءِ هاڃيڪار آهي. تيجسنگهہ سولنڪي پنهنجي ڪتاب امرڪوٽ سنڌ جو اتهاس ۾ لکي ٿو تہ (شهر ۾ دائما بيماري رهڻ ڪري قلعي جو پر وارو لانبو تلاءُ سال 1913ع اٽڪل 24 هزار خرچ ڪري پورايو ويو هو) هي اهو لانبو تلاءُ آهي جنهن تي جل پرڻ لاءِ ايندڙ مرگهہ

لوچنين ۾ ڪيهر ڪٿين سوڍين جي سونهن پسي ڪوي بانڪيداس همروٽ چٽيسي ۾ ائين چيو هو ته:

لانبي سر ور پاٽي پري، گوري گات انوپ،
جيان آگي پاٽي پري، رنگ الوڪ روپ.

(لانبي تلاءِ تي پاٽي پريندي گوري دل کي ڇهيندڙ گيت ڳائي ٿي، جيئن هو جهڪي پاٽي پري ٿي، ان جو نوراني روپ تجلا ڏي ٿي).

شهر جي چئني پاسي موجود باغن جي بهاري مورن جا مدر ٿهوڪا، نينهوجهر جي سڳند ۾ ڍاٽ سُرنگي گورين جي ڇيلڪڙن ۾ پڳپانن جا مڌم ڇمڪا لانبي سر ور جي سونهن سوپيا اجان بہ وڌائيندا هئا.

ڍاٽ سُرنگي گوريان سوڍو چتر سُجاڻ،
بڙ جهڪيا لانبي تٽا آيو گيد امراڻ.

(ڍاٽ جون عورتون سهڻيون آهن، سوڍو هوشيار ۽ عقلمند آهي. لانبي تلاءَ جا وڻ بہ جهڪي ويا آهن سوڍو امرڪوٽ واري قلعي ۾ آيو آهي). لانبو تلاءِ هاڻي لانبي گرائونڊ طور مشهور آهي. ڍاٽ جي عورت نہ رڳو سونهن ۾ سرس آهي. پر اعليٰ گڻن ۾ حسن اخلاق واري بہ آهي. هوءَ گهر جي ڪم ڪار ڪان وٺي پرت پرڻ تائين سموري سگهڙائپ ڄاڻي ٿي، ان ڪري مارواڙ ۾ اڄ بہ مشهور آهي تہ جيڪڏهن سنسار ۾ سک چاهين ٿو تہ شادي ڍاٽ مان ڪري اچ بقول ڪوي تہ:

ار چوڙي ڪر پاتلي جي ڪير ري لاڻ،
جي جيتيءَ سک پائين تو ڏڻ ڍاٽ ري آڻ.

(وڏي ڇاتي ۽ سنهي چيلهہ جهڙي ڪرڙ جي لام، جيڪڏهن سنسار ۾ سک چاهين ٿو تہ زال ڍاٽ جي وٺي اچ).

انهي ڪري مارواڙ جا مشهور ماڻهو ڍاٽ مان پرڻيا آهن جن ۾ هي قابل ذڪر آهن. چونئري جي چوٽين ڦيري ۾ هٿڙيا چوڙي، ڪنهن ابلا جون ڏڳيون چوري ڪيل واپس ورائڻ لاءِ شهيد ٿي ويل مارواڙ جو مشهور سورهيہ وير پابُو جي رانوڙ ڍاٽ جي ڏيئڙي ڦول ڪنور سان پرڻيو هو.

سوڍيءَ چوڙي ولڪتي ماتِي سوون موڙ،
امل وريا آپڻو رنگ پابو جي رانوڙ.

(سوڍيءَ مٿي جا موڙ چوڙي روئيندي چوي ٿي پنهنجو امل ڪسونبو ڪندڙ پابو جي رائوڙ تو کي سلام آهي).

وير پابو جي رائوڙ ڪانپوءِ هندن جو ايشوري اوتار بابا رامديو جي (راماپير) ڏاٽ جي سوڍل نيتل سان پرڻيو هو. مارواڙ جو مشهور عقلمند ۽ دلير رڻمل جي رائوڙ به ڏاٽ جي ماتي مان ڏهي للاڙ ورتو هو.

ڪاڪو جيرو ڪونپجي پائي جيرو پارمل،

گهوڙو جيرو نَولکو او رڻ بانڪو رڻمل.

(جنهن جو پاءُ راجا پارمل ۽ گهوڙو نولکو آهي اهو ئي جنگ ۾ وڙهندڙ وير رڻمل رائوڙ آهي).

ڏاٽياڻين جي حسن تي هِرڪجي مارواڙ جا مشهور ماڻهو هتان پرڻيا آهن. اجان به پرڻجن پيا. سڱاوتي لهه وچڙ اج به راجا واري ريل رستي (کوکراپار) جيئن جو تئين جاري آهي. ڏاٽ جا راڻا ۽ عام ماڻهو به مارواڙ ۾ ڏين وٺن پيا. پر صديون اڳ تاڌ راجستان ۾ ڪرنل جيمس تاڌ الائي ڇو ائين لکيو هو ته: مارواڙ جا رائوڙ نه پنهنجي ڌيءَ ڏاٽ ۾ ڏيندا آهن نه ئي وٺندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڏاٽياڻي جي سونهن جي ڪري اها واپار جي شيءَ سمجهي وڃي ٿي. اج ڏينهن تائين مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته ايڏي وڏي تاريخدان اهڙي هوائي ڳالهه ڇو لکي آهي؟

ڏاٽ جي ريت رواج، پنهنجائپ، سونهن سادگي، هندو مسلم ايڪتا تمام مشهور آهي، ڏاٽي ماڻهو جهڙا هوشيار ۽ چالاڪ آهن تهڙا ئي مهمان نواز آهن. ڏاٽ ۾ مهمان نوازي صدين کان هلندي اچي. جنهن جي شاهدي تاريخ ريگستان ۾ رائچند هريجن به ڏني آهي. رائيچند هريجن لکي ٿو ته ”وڪرمي سنبت 1942 برابر 1885ع ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪار هو. ان وقت ڳوٺ چارنور تعلقي ڇاڇري ۾ رامون نالي هڪ ميگهواڙ رهندو هو. جنهن هوند سارون غريبن کي ڏڪار ۾ جيڪا رب پياري هئي تنهن کي اج به ماڻهو سارين ٿا.

بيتاليهه ۾ ٻوچيئي رامي پائي رب،

سيري ري سمتول راب ٿانري راميا.

(ٻائيتاليهه ۾ رامي ٻوچيئي (ميگهواڙن جي نک) جيڪا رب پياري اها سيري جي برابر هئي).

چيلي چارڻ واري چيلهار جي ماڻينگر سوڍي جوجهار سنگهه ساڏور کان وٺي راڻي پرشاد تائين سموري مروڌر جا ماڻهو ڏاڍا مشهور ۽ مهمان نواز ٿي گذريا آهن. جن جي مهمان نوازي جا گڻ اڄ تائين ڍاٽ جي فضائن ۾ ڪوئل جي تازي ڪوڪ وانگي گونجي رهيا آهن. اهو ڍاٽ جي ڌرتي جو گڻ آهي. جنهن ۾ جاني لنجو جهڙا مهمان نواز ٿي گذريا آهن.

ڍاٽ جي تهذيب بہ انتهائي شاندار آهي، رهاڻ رس شاديون مُراديون ڍاٽي ڪلچر جو حصو آهن. امل ڪنسونبا ۽ حقا چلم بہ ڍاٽ ۾ هلندا آهن. جيتوڻيڪ هاڻي حُقي جو رواج ختم ٿي چڪو آهي. پراڻي دور جا ملندڙ دوها اهو ثابت ڪن ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ ڍاٽي حُقي سان ڪيتري حُب رکندا هئا.

حقا تيئن سين هيت گهٽو اتو جي هوئي هڙسين،
تو ڪيڙي جاجها ڪيت ٻينو ڪاوان ٻاجهري.

(اي حقا توسان جيتري محبت آهي ايتري جيڪڏهن هر سان محبت هجي تہ آئون گهٽي ۾ گهٽا ڪيت ڪيڙي ٻاجهري وينو ڪاوان).

هڪ ٻيو دوهو آهي تہ:

جهڙ ڪري جهپٽ ڪري آهلي ڪري الله،
هاري پرين حقا ٻڙد ڏئين ٽلا.

(اي مولا! جلدي جُهڙ ڪر تہ هاري وينا حقا پري پيئن ۽ ڍڳا وينا ٽلا ڏين).

حُقي جي حب ڪانسواءِ دارون جا دور بہ ڍاٽ جي تهذيب ۾ شامل آهن. ڪچي شراب کان وٺي ولايتي وسڪي جي اعليٰ براند تائين دارون جي منهوار ڍاٽ جي ڪچهرين ۾ ڪئي ويندي آهي. ڍاٽ جي سونهن ڍاٽ جي تهذيب، ڍاٽ جي ڪيتن ۽ ريتن کي مد نظر رکندي ڀٽائي سُر مومل راڻو ۾ ڍاٽ جي مجموعي حسن کي هن ريت بيان ڪيو آهي تہ:

تون ڍاٽي ڍٽ ڏٺي ڍولا! تنهنجو ڍٽ،
پائي ترازي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ،
لاهي ڪسر ڪٽ، ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

سڱاوتي لهہ وچڙ جي ڪري ڍاٽ جي رهڻي ڪهڻي، ويس وڳن کان وٺي رهاڻ رس تي مارواڙ جو وڏو اثر آهي. تهڙا ڪلچر ملندڙ جُلندڙ آهن ٻئي

هڪ ئي مٽي آهن. هڪڙو ئي واري جو درياهه آهي جنهن ۾ رهندڙ ماڻهن جا گڻ به ساڳي آهن. هاڻ پاڻ مارواڙ جو جائزو وٺنداسين.

هندستان جي حصي ۾ آيل راجپوتانا (راجستان) صوبي جي گهڻي حصي کي مارواڙ جو نالو ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي کي مارواڙي چوندا آهن. مارواڙي ۽ ڍاٽڪي ٻولي پاڻ ۾ گهڻي ڀاڱي ملندڙ جلندڙ آهن. مارواڙ ۾ ننڍاننڍا ڪيترائي رجواڙا آهن پر مجموعي طور مارواڙ جي گادي جو هند جوڌپور آهي جنهن جا مهاراجا رانوڙ آهن. موجوده مهاراجا گج سنگهه آهي ۽ مهاراڻي هيملتا آهي. راجڪماري شو رنجني آهي جڏهن ته راجڪمار شورجن سنگهه آهي. جيڪي اميد ڀون پيلس جوڌپور ۾ رهن ٿا. جوڌپور وارو مهراڻ گڍ به انهي راج پريوار جي هٿ هيٺ آهي.

مارواڙ جي ثقافت ۽ پوشاڪ تمام بهترين آهي. انگيو ڪڙتي پاتل ٻانهيارين کي ٻاجو ٻند ائين سونهيندا آهن جيئن روهيڙن ۾ رتا ۽ پيلا گل پيري تري بهار ۾ من موهيندا آهن. رڪڙي ٽڪي مٿان راجستاني رئو اوڍي جڏهن اهي گهاگهري جي ڪير جي گهير گهمائي نچ مارواڙي نرتيه ڪلا جو ڪمال ڏيکاريندي‌يون آهن تڏهن واقعي راجستاني لوڪ ورثي تي ماڻهو کي رشڪ ٿيندو آهي. مارواڙ جو نه رڳو ناچ ڪلا وڻندڙ آهي پر حسن به هتي جي مِٽي جو مقدر بڻيو آهي. اهو حسن جڏهن لوڪ ڏنن تي راڻليو ڳائي رقص ڪندو آهي تڏهن موسيقي به مارواڙ تي فخر ڪندي آهي. ان مارواڙ کي ڪنهن وقت نوڪوٽي مارواڙ به سڏيو ويندو هو. جنهن ۾ نو 09 رجواڙا شامل هئا. مارواڙ جي ريتي رواج ۽ تهذيب نرالي نوعيت واري آهي. سادي هوندي به انتهائي سندر آهي. مارواڙ جي پوشاڪ ۽ ان کي سهاويڪ پائڻ ته ڪير مارواڙين کان سکي! ڇو ته انهن جي نصاب ۾ به پوشاڪ بابت پڙهايو وڃي ٿو. اتم سنسڪرتي مارواڙ جو مَرڪ آهي. مهمان نوازي هتان جي هر ماڻهو جي رت ۾ شامل آهي. پاڻ ڀلي لنگهڻ سمهي رهن پر مهمان کي گيهه سان کارائيندا آهن. مارواڙ جا مشهور ۽ ثقافتي کاڌا ڪجهه هن ريت آهن. ٻاجهري جي ماني، موٺ جي دال، لاپسي، رٻ، گهاٽ، راٻڙي، گڙواڻي، سڱريون، دال ٻاٽي، جادريون، ڪاچريون، ٿُوم جي ڪيرٽي، گوار، ڪنيي، پت وغيره. انهن سيني کاڌن ۾ 90 سيڪڙو کاڌا ڍاٽ سان ملندڙ جُلندڙ آهن. ڍاٽ ۽ مارواڙ ٻنهي جي آبهوا مطابق مزاجن تمام تيز مرچن وارا کاڌا کائيندا

آهن. ٻاجهر جي ٻاٽي (ڪر ۾ پچايل) ۽ موٺ جي دال هتي جو عام دسترخواني طعام آهي، جيڪو مهمان کي ڏاڪو ۾ پريسي ڏيندا آهن. ان ڪانپوءِ بہ وڏيڪ مهمان لاءِ هڪ خاص ٻاجهر رکندا آهن. پرمپرائون ڪي وراثت جو ليکڪ ڊاڪٽر مهندرسنگهہ نگر لکي ٿو تہ ”هتان جي جنتا مهمانن سان ايتري محبت ڪري ٿي جو مهمان کي ڀڳوان سمجهيو وڃي ٿو. ان لاءِ هڪ ٻاجهر الڳ رکندا آهن. جڏهن ٻاجهر کي لُٽي ڇڏيندا آهن. ان کان پوءِ جڏهن برسات وسندي آهي، تڏهن لٽيل ٻاجهر جي ڪانين مان جيڪي سنگھ ڦٽندا آهن، انهن ۾ جيڪا ٻاجهر پچندي آهي اها ڪيسرِ وانگر پيلي ۽ امرت جهڙي مٺي هوندي آهي، ان کي سگهڙ عورتون گهر ۾ جنڊ تي پيهي پوءِ مٽي جي دانگيءَ تي پچائينديون آهن. اِها ماني جڏهن مهمان کائيندو آهي. تڏهن ان کي ڀڳوان جا ڇتيهہ ڪاڏا بہ وسري ويندا آهن“.

اهڙي سادي ۽ سٻاجهڙي مارواڙ جي سجاڳپ هڪ دوهي ۾ ڪيڏي نہ معصوميت سان بيان ڪيل آهي تہ:

آڪڙي را جهانپڙا ڦوگن ري واڙ،
ٻاجهري را سيگڙا موٺن ري ڏاڙ،
ڏيکي راجا مانسنگهہ ٿانري مارواڙ.

(اڪن جون جهوپڙيون ۽ ڦوڳن جا لوڙها آهن. ٻاجهري جي ماني موٺ جي دال سان کائيندا آهن. اي راجا مانسنگهہ تنهنجي مارواڙ مون ڏٺي آهي).

ياد رهي تہ راجا مانسنگهہ مارواڙ جو مشهور راجا ٿي گذريو آهي، جنهن چرياڻپ جو ڍونگ ڪري پنهنجي وڃايل راجائي دشمن کان واپس ورتي هئائين.

ڊاٺ وانگي مارواڙ جي زندگي بہ گهٽي ياڳي مال متاع ۽ کيتي واڙي تي ئي ٻڌل آهي. ان ڪري هتي بہ برسات خوشحالي جو وڏو وسيلو آهي. جيتوڻيڪ هتان جي سرڪار بہ کيتي واڙي لاءِ وڏيون سهوليتون مهيا ڪيون آهن. مارواڙ جا کيت ڏاڍا پيلا آهن. جنهن ۾ ٻاجهر، جُوار، مُڱ، موٺ ۽ تر وڏي مقدار ۾ ٿيندا آهن. مَروڌر، مروسٿل يا مارواڙ ديس جي مٺي ٻولي مارواڙي جي شعرن ۾ هن صحرائي سرزمين کي ڪوين سچي دل سان ساراهيو آهي.

مروڌر نيپجي ٻاجهري موٺ مونگ گوار،
ڪت هووي تل مولڪا ڪت پڻ هووي جُوار.

(مارواڙ ۾ ٻاجهري، موٺ، منگ ۽ گوار جام ٿيندو آهي ته ڪٿي تر ۽ ڪٿي جوار به ٿيندي آهي). مارواڙ ۾ هاري ناري هر ڪنهن جي تمنا اها ئي هوندي آهي ته مروڌر ديس ۾ ڪو نه ڪو ڪيت هجي. اچي مٿي واري هن وطن جي ڪيتن ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا شاعرن کي ساراهڻ تي مجبور ڪري ٿي. اهڙي سوال جو جواب ڪو مارواڙي ئي ڏيئي سگهي ٿو.

ڌولي ماٿي مروڌر را ڌولي بالو ريت،
ملڪي ڌورا جور را مَروڌريا را ڪيت.

(سفيد مٿي مارواڙ جي ۽ هن جا ريٽ پرين جي بدن جهڙا آهن. اُن جا دڙا ملڪن ۾ مشهور آهن. مارواڙ جا ڪيت دنيا ۾ زور آهن).

اهڙن ڪيتن سان انسيت جي حد تائين محبت ڪندڙ مارواڙي عورتن جي باري ۾ مشهور آهي ته اهي پنهنجي زندگي ۾ چاهينديون ئي فقط اهو آهن ته انهن وٽ ڍڳا ۽ ڪيت ضرور هجن. اهي شيون جيڪڏهن انهن وٽ آهن ته انهن لاءِ جيون تمام سکيو ۽ ستابو ٿي پوي ٿو. اهي اڪثر ڪري ڏاج ۾ مائٽن کان به اهڙي معصوم گهر ڪنديون آهن عورتن جي اهڙي اسرار ۽ تمنا کي مد نظر رکندي هڪ مارواڙي ڪوي خوب ڪٿيو آهي.

اني هي پيهريو اني هي ساسرو،
آنٺوٽي هوئي ڪيت چووي نهين آسرو.
ندي ڪيت نجديڪ جني هڙ ڪولٽا،
اِترا دو ڪرتار فري نهين ٻولٽا.

(اي مالڪ! اتي ئي پيڪا هجن اتي ئي ساهورا هجن، الهندي پاسي ٻني هجي ۽ ان جي ويجهو ندي هجي ته جتين هر ڪوليندي ڍڳن کي پاڻي پياري سگهان ۽ جنهن نجهري ۾ رهان اهو برسات ۾ ٽمي نه. بس ايترو ئي ڏجان ٻيو ڪجهه به نه گهرنديس).

مارواڙي عورت جي معصوميت، سادگي ۽ ديس ڀڳتي مٿئين شعر ۾ صاف ظاهر آهي.

مارواڙ ۾ سانوٽي رت جي حوالي سان ڪيئي مها اتسو ملهايا ويندا آهن. جيڪي مذهبي عقيدن کان وڌيڪ تهذيبي ۽ ثقافتي هوندا آهن. جن ۾ وسڪاري جي مند کي ڀليڪار چيو ويندو آهي. انهن ڏڻن ۾ ڪانهوڙو، سرامڻ ٽيج، ويرپسلي ۽ ڳڻ ڳور مشهور آهن. سانوڻ مند ۾ هڪ جيڏيون

سرتيون گجوئا ناهي، هار سينگار ڪري پينگهه ۾ لڏنديون آهن. ڪنهن تلاءَ جي ڪپ تي گيت ڳائي رقص ڪنديون آهن. وسڪاري جي مند انهن لاءِ خوشحالي جو سنديشو هوندي آهي. انڪري ان جي آجيان مارواڙ ۾ وڏي اتساهه سان ڪئي ويندي آهي. ڳڻ ڳور ۽ سرامڻ ٽيج تي عورتون پنهنجي ورن ڪان هار سينگار جو سامان گهرنديون آهن. هي ڏڻ ۽ رواج ڀاٽ ۾ به ٿوري ڦيرڦار سان ساڳي آهن. پر انهن جي اوج جيڪا مارواڙ ۾ هوندي آهي اهڙي ڀاٽ ۾ نه هوندي آهي. ڳڻ ڳور جي باري ۾ هڪ مشهور لوڪ گيت آهي جنهن ۾ مارواڙي عورت پنهنجي ور ڪان هار سينگار لاءِ وڏي حرس مان انگل ڪندي ڪجهه شيون گهري ٿي هن لوڪ گيت ۾ نج مارواڙي ٻولي جي مناس ۽ ڪچي نيٻوجهر جي خوشبوءَ اچي ٿي.

ڪيلڻ ڏيو ڳڻڳور پنور رانوڙي،
ماٿي ري مينمند رکڙي ديشو تي،
مانري رکڙي رتن جڙاءِ پنور ماني ڪيلڻ ڏيو.
ڪانا ني دڙيا لائو....
ٻايان ني چوڙو لائو...
پگليان ني پائل لائو...

(اي منهنجا رانوڙ پتارا! مون لاءِ ميمند رکڙي هيرا مڙهائي وٺي اچ. ٻانهن لاءِ چوڙو ۽ پيرن لاءِ پايل وٺي اچ. مان ڳڻڳور کيڏڻ وڃان ٿي. مون کي ڳڻڳور کيڏڻ ڏي) وسڪاري لاءِ ولکندڙ ۽ ڳڻ ڳور گيت ڳائيندڙ مارواڙي عورت پيئڻ جي پاڻي لاءِ به جيون ۾ وڏي جستجو ڪري ٿي. پاڻيءَ جو مسئلو ڀاٽ ۽ مارواڙ ٻنهي ۾ ساڳيو آهي، مٿي تي ٻيهلڙا ۽ ڪڇ ۾ کيهلڙا ڀاٽياڻين ۽ مارواڙين جي سونهن آهن.

راجائن، مهاراجائن، نوابن ۽ راوتن جي هن مروسٿل ديس ۾ شاديون به وڏي شوق ۽ شان سان ڪيون وڃن ٿيون. شادين ۾ ادا ٿيندڙ رسمون به ڏسڻ لائق هونديون آهن. شادين جي موقعي تي هڪ اهم رسم ٿيندي آهي جنهن کي رهاڻ چوندا آهن. راجستاني رهاڻ به ڀاٽي رهاڻ جهڙي هوندي آهي. جنهن ۾ امل ڪسونبا ٿيندا آهن ته ڳائڻ وڄائڻ به ٿيندو آهي. اڄڪلهه مارواڙ ۾ آفيم جي جاءِ تي ڪيسر پيارينذا آهن جيڪو هڪ سنو سنئوڻ

آهي. ڪيسر پيئڻ وقت ڪوي امل ۾ املين ڪي ساراهڻ، رنگ ڏيڻ واري پرمپرا بہ ورجائيندا آهن.

توڙ هلا اڪبر تڻا تيغ جلا لا توڙ،
امل ليتا اپڻو رنگ ڪلا راٺوڙ.

(اڪبر جي تيغ ۾ ترار کي ٽوڙيندڙ ۽ پنهنجو آفيم کائيندڙ ڪلجي راٺوڙ تو کي سلام آهي).

پنهنجي ڌرتي ۽ آڻ ماڻ لاءِ مغلن سان مهاڏا اٽڪائيندڙ وير بهادرن کي اڄ بہ مارواڙ جي هر رهاڻ ۾ رنگ (سلام) ڏنا ويندا آهن.

مارواڙ جي پرمپرائن ۾ دارون جو دور بہ اهم رسم آهي. ٻاجني تي پروسيل مارواڙي مدرا راجا مهاراجا کان وٺي عام رعيت جي بہ ريت ۾ شامل آهي. دارون جو دستور صدين کان هلندو اچي. ڊاڪٽر مهندرسنگهہ نگر مطابق ”مختلف وقتن تي مارواڙ تي راجائي ڪندڙ راجائن پنهنجي مدرا (ڪچو شراب) جا نمونا پيش ڪيا، جيڪي ڪجهہ ڦيرڦار سان اڄ بہ موجود آهن. جڳ موهن ۽ من موهن کان وٺي رائل چندر هاس تائين مختلف مدرائون اڄ بہ مارواڙ ۾ عام جام استعمال ٿين ٿيون“. دارون جي باري ۾ بہ مارواڙي شعر ڏاڍا دل لڀائيندڙ ملن ٿا.

دارون پيو رنگ ڪرو رتا راکو نيڻ،
دوکي ٿانرا جل مري سوکي رهي سيڻ.

(مد پيو ۽ خوشي ڪيو اکيون ڳاڙهيون رکو تہ جيئن اوهان جا دشمن سڙي مرن ۽ سڄڻ خوش ٿين).

رائل چندرهاس نالي شراب 1863ع ۾ ڪنوٽا ٺڪاڻي جي ٺاڪر جوراورسنگهہ ايجاد ڪئي هئي. ياد رهي تہ ڪنوٽا ٺڪاڻي مان ڊات جي راڻي راڻا هميرسنگهہ جو ڪنور ڪرني سنگهہ تازو پرڻجي آيو آهي. مارواڙ جي راج ڪمارن ۾ مديرا جو واهپو عام جام آهي.

بوتل تو گڙ گڙ ڪري اور پيالو ڪري پڪار،
سيجان ٻيٺي ڪامڻي ارج ڪري ٿي پيوو نهين راجڪمار.

(صُراحِي گڙ گڙاهٽ ڪري پئي ۽ جام سڏي پيو ۽ هوءَ پلنگ تي ويٺل پدمڻي التجا ڪري پئي تہ اي راجڪمار هاڻي تون نہ پيءَ). راجستاني پٽڪي ڦينٽي ڪانسواءِ ٻي مارواڙي ماڻهن جي مشهور ۽ معروف سڃاڻپ يا

نشاني آهي ڪنن ۾ وڏل ڪوڪا جنهن کي تگل چوندا آهن. مارواڙ ۾ 90 سيڪڙو ماڻهن جي ڪنن ۾ تگل هوندا آهن.

ڪوٽن، قلعن، تهذيب ۽ تمدن واري هن ديس جا راجڪمار نه رڳو شاهي شراب جا شوقين آهن پر سونهن ۽ سُندرتا تي به سر ڏيندڙ آهن. راجڪمارن جي شاهي شوقن ۾ گهوڙي سواري ۽ پولو راند به پراچين پرمپرا رهي آهي.

هتي گهوڙن جو وڏو مان ۽ مُلهه آهي. مارواڙي نسل جا گهوڙا تمام تيز ڊوڙيندڙ ۽ طاقتور آهن. مارواڙ واري ملاڻي خطي (جالور، سانچور، راڙڌار وغيره) ۾ ملندڙ مارواڙي نسل جون گهوڙيون هڪ ڪلاڪ ۾ ويهه کان پنجويهه ميلن جو مفاصلو طئه ڪري وٺنديون آهن. مارواڙي نسل جا اُٺ پلا نه هوندا آهن. خاص ڪري انهن کي ڀاٽ ۾ قدر جي نگاهه سان نه ڏٺو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته ڀاٽي اُٺ جو ڪو مٽ ناهي جهڙو ڏٺي جو ٿاهوڪو تهڙو ئي ڪيڙي ۽ سواري لاءِ سياويڪ هوندو آهي.

ڀاٽ ۽ مارواڙ جي مٽي، موسيقي، نِرت ۽ لوڪ ورثي کان وٺي ان جي شاندار رهڻي ڪهڻي تي اجان گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر مضمون جي طوالت کان بچندي آخر ۾ هڪ لوڪ شعر لکڻ ضروري سمجهان ٿو. جنهن ۾ مارواڙ ۽ ڀاٽ ٻنهي جي ملندڙ جلندڙ سادگي ۽ سونهن جلوا ڏي ٿي.

نوي مونج ري ڪاٿ نه چوي ٿاپڙي،
پينسڙليان دو چار ڪدو کي باپڙي،
ٻاجهر هندا ٻاٽ دهي ۾ اولٽا،
اترا دو ڪلتار ڦري نهين ٻولٽا.

(مچ مان وٽيل نئين کٽ هجي ۽ نجهرو نه ٿمي ۽ چار ميهون اگڻ تي هجن ته جيئن ٻاجهر جي ماني دهي ۾ پسائي کاوان بس مالڪ! ايترو ڏجان پيو ڪجهه به نه گهرندس).

اهڙي مارواڙ جي ماڻهن جا سڪ سلام به سادا ئي آهن. اهي جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن يا فون تي ڳالهائيندا آهن تڏهن چوندا آهن ڪمان گهڻي سا وري وراڻي ۾ به چوندا آهن ته گهڻي ڪمان. مطلب خير.

اُداس دلين جو درد ۽ رات راڻي جا سُڏڪا

سورن جي سج هيٺ سڄي عمر پوڳنائن جي پيانڪر اُس ۾ سڙندڙ منهنجي اکين مان ننڊ جا نيرڳ ڪڏهانڪر اُڏامي ويا آهن. غربت جو گهاو اڃان به تاوَ ۾ آهي. پل پل جيئندڙ ۽ مرندڙ منهنجي اُڃايل ٻاٻيهي جهڙي آتما سدائين نراسائي جي ننگر ۾ سارنگا وانگي پٽڪي آهي. هن ڪي اميدن جو سڏيونت الئه ڪڏهن ملندو..؟ دردن جي چادر وڇائي نندرا ديوي کي اکين جي اوتاري ۾ اچڻ لئه دل سان دعوت ڏيان ٿو. پر پوءِ به نندرا ديوي مومل جي

ماڻي وانگر رنل ٿي رهي ٿي. اڪين جي ڪجلاسر تي ٿوهرن جهڙي اوجاڳي جا اُجارا هرڻ ٿي ترسن ٿا. سڄي رات ستارا تڪي تڪي ٿڪجي ويل نيڻن سان اسر ويل اٿي ڏسان ٿو ته پرڀات جون پنبڙيون پسيل آهن. اُوفق جون اکيون آليون آهن. لڳي ٿو ته آڪاش منهنجي درد ۾ رنو آهي جو رات راڻي جو ريشمي بدن سڄو پنو پيو آهي! رات روئي موڪلايو آهي! رات راڻي جي نرم نيڻن مان ڪريل لُڙڪ روهيڙن ۽ ٿوهرن جي ڳلن تان ٿمي ٿر جي پياسي واري ۾ پرويش ڪري رهيا آهن. وڻن جا ويس ۽ ڪاهوڙين جا ڪيس به پُسي ويا آهن. لوڙهن ۽ ڪنڊين جي لامن تي سڪايل لٽن مان به رات جا لُڙڪ لار ڪري ڇڻي رهيا آهن. مان اوجاڳيل اکين مان آرس موڙي سوچيان ٿو ته رات جي رولاڪ نيڻن مان وهايل هنن لڙڪن ۽ سڏڪن جو احساس ڪنهن کي ٿيو به هوندو الائه نه..!؟؟ رات جي سڏڪن جا پڙاڏا سڻي ڪنهن جي آتما اوچينگار ڏني هوندي يا نه..!؟؟ سوچيندي منهنجي اک مان به هڪ ڳوڙهو شبنم قطري جيئان ٽپڪي پوي ٿو. ڏاڍو اُداس ٿي وڃان ٿو..!!

ڏکايل ڏيهه ۾ ڏٺ ڪائي پليل منهنجو ضمير مون کي چوي ٿو ته رات جي سڏڪن جا پڙاڏا انهن رُجن، رڻ پٽن، وڻن ۽ جبلن ضرور ٻُڌا هوندا، جن اُهي لڙڪ پيتا هوندا...! ۽ ها انهن ماڻهن به رات جو درد ضرور محسوس ڪيو هوندو جن رات سان گڏ رنو هوندو.!! ڪن وهه جهڙن وڇوڙن ۾ ونجهلي صدائون ڪيون هونديون ته ڪن وري بکئي پيٽ جي باهه ۾ پڄرندي رات کي پنهنجو همسفر ساٿي بڻائي ساڻس لڙڪن جي ڏي وٺ ڪئي هوندي، انهن کي ئي خبر هوندي ته رات، رات ايڏو ڇو رُني هئي؟ باقي دردن کان بي خبر انسان کي شب جي شبنمي لڙڪن جو ڪهڙو قدر؟ انهن احساس کان وانجهيلن کي ڪهڙي ڪل ته رات به ڪنهن جي دردن جو درمان ڪندي رني آهي. هي آسماني آنسو ڪنهن... مظلوم جي ڏکن کي ڏسي لڙيا آهن!! نيري آڪاش مان پرڀات ويلي ونل انچل ڏار پاڻي ماڪ ناهي هوندو! اهي ڦڙيون ته رات جي اکين مان ٽم ٽم ڪري ٽمندڙ لڙڪ هوندا آهن. اهي موتي جهڙا آنسو رات ڪنهن جو ڏک ڏسي لاڙيندي آهي بقول شاعر..

پيئي جا پرڀات، سا ماڪ مَ ڀانيو ماڻهان،
روئي رڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

رات جا نيرا نيڻ ڏسي مان وشال گگن ڏي نهار ڪٽي نيري آڪاش سان مخاطب ٿي پڇان ٿو تہ اي آڪاش! رات ايڏو ڇو روئي ٿي!؟ رات جي وسيع سيني ۾ اهڙو ڪهڙو درد تير جيئان ڪپي ويو آهي، جو رات کي ايڏو بي انداز روئاڙي ٿو! مان اُجاري ڏرتي کان بہ پُڇان ٿو تہ اي ڌرتي! تنهنجي سرتي رات ايڏو وياڪل ڇو آهي! آئون ڏکن جو ماريل ڏبرو ڏيل ڪٽي پالوا جي پٽن کان وڻي وڃوٽي جي وٽن تائين سموري فطرت کان رات جي روئڻ جو سبب پڇان ٿو. پر منهنجي هن معصوم اسرار تي نہ وٽن ڪا وراڻي ڏني نہ ئي گونگي گگن ڪا ڳالهہ ڪئي. ڌرتي بہ خاموش رهي...! تڏهن مون پنهنجي دردمندانہ دل کان پڇيو تہ اي مصيبت جي ماري دلڙي! تون ئي ٻڌاءِ تہ رات ڇو رني آهي..؟ تڏهن منهنجي ويڳاڻي پنڇي جهڙي دل ورلاپ ڪندي وراڻي ٿي تہ؛

اي دردن جا ماريل مسافر پوپٽ! رات واقعي ڪن صدمن ۾ سڙي آهي. رات، رات ڏيل ڏنگيندڙ ڏکن ۾ ٻري آهي. رات ان ڪري بہ رُني آهي جو ڪن معصوم ٻُڪايل ٻچڙن جون رڙيون رات جي ريشمي بدن ۾ ٻاٻرن ڪنڊن جيان چڀيون آهن ۽ اهي اُپ ڏار اوڇينگارون بہ رات جي روح کي رولي رهيون آهن. جيڪي تنهنجي پاڙي ۾ جهور پوڙهي سان پرٽايل جُواڻ جماڻ نينگري جي بارش جهڙي اُجري روح ڪيون آهن. رات ويراواهہ جي ان هرٽي لاءِ بہ رُني آهي جنهن کي چلر جو پلر پيئندي ڪي ورهيہ وهامي ويا آهن.

واهوندي ولهہ ۾ چوٽا پري ڪپور ستل سرتي لاءِ بہ رات رُني آهي، جنهن جي پريتم وصل جو واعدو ڪيو مگر سوجهاڪي تائين اوجاڳو ڏيئي مُور نہ موٽيو! رات تہ ان اڪيلي ستل ستيءَ جي سڏڪن جا پڙاڏا سٽي بہ رُني آهي. جنهن جو ڪانڌ پهرين رات ڌرتي خاطر رڻ پومي ۾ ڪُسجي ويو. رات ان مور لاءِ بہ ڦٿڪي آهي جنهن جي ڊيل راڻي ڪيت جي روڳ ۾ پوڳ ڪندي مري ويئي! اُماس جو چولو پاتل رات چنڊ جي وڇوڙي تي بہ ونجهلي آهي! رات انهن نماڻن لاءِ بہ نير هاريو آهي. جن جا عزيز ڏاڙيل بگهڙن بي دردي سان ماري جهنگلن ۾ اُڇلائي ڇڏيا. پٽ هٿان تذليل ٿيل ماءُ پيءُ جي درد ۾ اوڇنگارون ڏيئي روئيندڙ رات ان بيوس سنڌ ناري لاءِ بہ ڏاڍو رُني آهي جنهن کي ڪاروڪاري جي ڪاريهر بنا ڪنهن ڏوهہ جي ڏنگي وڌو! رات ايڏو رُني جو آڪاش بہ روئي ڏنو. وٽن ۽ ڏٽن بہ رُنو تہ پکين جي پرن کان وڻي ڪکاون گهرن تائين هر اک آلي ٿي ويئي. پر اهي وحشي صفت انسان مُرڪندا رهيا جن کي صرف بين کي ڏک ڏيڻ اچي ٿو. جن جي سفاڪ سينن ۾ ڌڙڪندڙ دليون

ترڪنتي وليون آهن. جن کي ڪنهن جي ايذائن ۽ عقوبتن جو ذري جيترو بہ احساس ناهي. انهن دلين ۾ رڳو حيوانيت ۽ درندگي جو پوسو پريل آهي. جن ڪڏهن درد جو روپ ڏٺوئي ناهي. انهن کي رات جي روئڻ جو ڪهڙو قدر...!!

رات جي روئڻ جو قدر انهن احساس وندن کي ئي هوندو. جن سانوٽي جهڙن سرتين جي هجر ۾ هنجون هاريون هونديون. جن رکي روٽي بصر جي چوڏي سان کائي پيٽ ڀريا هوندا. جن جگرن جي ٽڪرن کي ديس جي حفاظت خاطر سرحدن ڪناري موڪليو هوندو. جن غربت جي شديد گهاون جا تاو نہ سهندي آتم هتيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي، جن راتين جون راتيون ساجن سان ملڻ لاءِ ڪنڊا لتاڙي اوجاڳن جا پنڌ ڪيا هوندا. جن يتيم ٻارن جي من ماءُ جي ممتا لاءِ هر هر سڏڪا ڀريا هوندا... اهي ئي ڄاڻي سگهن ٿا تہ رات بہ ڪنهن جي ڏک ۾ روئي ٿي..! پوءِ ڀلي ڪنل ڪونجن جون ڪوڪون ٻڌي روئي يا چوماسي جي بارشن جي بيوفائي تي روئي. چنڊ جي جفا تي جلي يا ڏرتي سان پنهنجن جي ڪيل دغا تي روئي، گڏي تي وڃائجي ويل پريتم جي ڳولا ڪندڙ پدمڻي جي مايوسي تي روئي يا ديوالي تي بنا ديپ جي اونداهي ۾ ٻڏل غريب جي گهر تي روئي. ڏيوالي جا ڏيئا ٻاري پيئا جي واٽ نهاريندڙ وڻجاري جي پريل ٽڏڙي آهہ تي روئي يا ڦٽاڪي کي حسرت سان ڏسندڙ غريب ٻار جي نراس نگاهہ تي روئي....!!!

محبت بادشاهہ آهي...

محبت ويراڳ مان اُتپن ٿيندي آهي. اهڙو ويراڳ جيڪو اندر جي عميق ۾ لڪيل هوندو آهي. اهو جڏهن ڪنهن جي سجيلي ساٿ سان نسري نروار ٿيندو آهي. تڏهن اکين جي اُپ تي بانورو بادل ٿي جهلڪندو آهي.

ماڻهو جو من جڏهن ويراڳي واٽ وٺندو آهي، تڏهن پنهنجو پاڻ ارپي امرتا پراپت ڪرڻ واري خوبصورت خواهش پروان چڙهندي آهي، انهي پرمسرت مارڳ وسيلي ئي عابد پنهنجي معبود تائين پهچي روح پرور راحت ماڻن جي جستجو ڪندو آهي. محبت جي سڳنڌ جڏهن انسان جي وڻ ۽ واس ۾ واڪو ڪندي خوشبو وکيرندي آهي، تڏهن سمورو سنسار سرهو محسوس ٿيندو آهي. حياتي سان هيج بہ محبت ڪرائيندي آهي، محبت کانسواءِ انسان جي اندر ۾ هڪ خالي پٽو هوندو آهي. اهو خالي پٽو ماڻهو کي زندگي کان فراريت ڳولڻ ۽ آتم هتيا جهڙو مهاپاپ ڪرڻ تي اڪسائيندو آهي.

آتم هتيا ۾ آنند اهي ماڻهو ئي ڳوليندا آهن. جيڪي محبت جي ميوي کان وانجهيل هوندا آهن. جن جي ڪنهن سان بہ محبت ناهي هوندي نہ انسان سان ۽ نہ ئي وري فطرت سان. محبت کانسواءِ قرار ڪٿي بہ ناهي. محبت ئي اها شڪتي آهي، جنهن وسيلي انسان مڪتي پائي نرواڻ پد تائين پهچي ٿو.

محبت تمام گهرو فلسفو آهي جنهن کي سمجهڻ لاءِ صديون لڳي وينديون. پر اسين محبت جي ڪتاب کي پوري طرح پروڙي نہ سگهنداسين، ڇاڪاڻ تہ محبت هڪ اهڙو پيچيده ڪتاب آهي. جنهن جي ڪل ڪلتار ڪي ئي آهي. محبت هڪ اهڙو ساگر آهي. جنهن جو ڪو ساحل ناهي. هن مها ساگر کي قطري ۾ قطعي شامل نٿو ڪري سگهجي. جيڪو بہ هن لامحدود ساگر ۾ هڪ دفعو گهڙي ٿو. اهو وري ورڻ جو سوچي ئي نٿو.

ڇاڪاڻ تہ محبت جي سمنڊ ۾ سنتوش جا موتي آهن. جيڪي ماڻهو جي من کي آنند جي مد پياري سدا لئہ سرمست ڪري ڇڏين ٿا. محبت کي ڪن ماڻهن رج سان بہ پيتيو آهي. انهن جي نظر ۾ محبت هڪ اهڙو

ڀيانڪر ريگستان آهي، جنهن جي رڃ ۾ هر انسان رلي ٿو پٽڪي ٿو تڙپي ٿو پير پٿون ٿين ٿا، لڱ لڱ سان نٿو لڳي، حواس بدحواس ٿي وڃن ٿا، پر پوءِ بہ محبت جي ريگزارن ۾ انسان جو روح سڪون ۾ هجي ٿو. اردو شاعري جي شاهہ فرحت عباس شاهہ چيو آهي تہ:

محبت برف پڑتی سردیوں میں، دھوپ بنتی ہے،
محبت چلچلاتی گرم صحرائوں میں، ٹھنڈی چھائوں کی مانند،
محبت اجنبی دنیا میں اپنی گائوں کی مانند۔

اجنبي ۽ اوپري دنيا ۾ پنهنجائپ جو احساس ڏياريندڙ محبت کانسواءِ دنيا ۾ ڪا بہ شي اُتم ناهي، محبت هڪ اهڙو جز آهي جنهن ۾ ڪل سمائجي وڃي ٿو. محبت فدا ٿيڻ ۽ پساهہ ڏيڻ جا هڙئي هنر ڄاڻي ٿي، ماڻهپي جا ماپا ۽ سنڱ سياڪا سولي نموني سمجهندڙ محبت بادشاهہ آهي.

ننڍي کنڊ جي وڏي مفڪر گرو رجنيش اوشو چيو آهي تہ ”محبت جا گُل جتي بہ هجن ٿا، اُتي ڪو بہ ماڻهو بادشاهہ بڻجي سگهي ٿو ۽ جتي انا جا ڪنڊا هوندا آهن، اُتي هر شخص فقير ۽ مصيبت ماريل ئي ٿي سگهي ٿو. محبت بادشاهہ آهي ۽ انا فقيري“. گرو جي ٻڌايل انهي گيت گيان ۾ ڏيان ڏرڻ سان پتو پوندو تہ محبت جي مهانتا ڇا آهي...؟ محبت روحاني راز ازل آهي، سراپا وفا آهي، پوپٽ پرن ۽ ڪڪائن گهرن جهڙي پاڪيزہ محبت، معصوم محبت جي ننڊ اکڙي مرڪ ۾ محور رقص هوندي آهي.

محبت رڳو ٻن سريرن جو سنگم ناهي، پر محبت تہ ٻن اُداس اکڙين جي ترنم سان ٻن الوڪڪ آتمائن جو ملن آهي، محبت رڳو چپن سان چاهہ ۽ جسمن جي ماهہ سان موهہ کي ناهي چيو ويو پر محبت تہ جڳن جي جوڳ سان سنجوگ کي چيو ويو آهي، پکين جي اکين جهڙي معصوم محبت تہ ممتا جي ديوي ماءُ جي اکين ۾ ئي جهلڪندي آهي.

محبت کانسواءِ هي سمورو سنسار بي رنگ ۽ ڦڪو آهي، اهو ئي تہ محبت جي مهانتا آهي، نيل ڪنول جي نرم پتن تي ڪريل پرهہ ڦٽي جي ماڪ ڦڙي جو قسم محبت جيون جي ڦلواڙي جو اهو ڦل آهي، جنهن جي سرهاڻ سان هي سڄو سنسار واسيل آهي.

مالڪ جي طرفان مليل هن مختصر زندگي ۾ جيڪڏهن محبت ناهي تہ سمجهو ڪجهہ بہ ناهي. محبت سواءِ زندگي جو ذائقو ڦڪي چانهہ جهڙو

لڳندو آهي. محبت ماڻهپي جا هڙئي حُسن پسائي ٿي. محبت بہ شاعري وانگي ڪبي ناهي پر ٿي ويندي آهي. محبت ڪو مذاق ناهي پر محبت تہ اُن مور جو ٺهوڪو آهي جيڪو هُو پنهنجي پريميڪا لاءِ سارنگ رُت جي سمي ڀنل پٽ تي ڪندو آهي. محبت تہ اُن ڪونج جو ڪُرلاءِ آهي جيڪا پنهنجن ٻچن جي پيٽ پوُرائي لاءِ پرديس جا پنڌ ڪري ٿي. محبت اُن ٻار جي دلبند مُرڪ آهي جيڪو پنهنجي ماءُ جي ممتا ڀري هنج ۾ مُرڪي ٿو. محبت تہ اُنهن پکين جي اکين ۾ جهالر وانگي جهلڪي ٿي جيڪي پرهہ ڦُٽي ويلي مالڪ جو ترانو ڳائي زندگي جي شروعات ڪن ٿا. محبت اُنهن ٿوهرن جي ٿڪل وجودن سان بہ ويڙهيل آهي جيڪي صدين کان صحرا جا ساٿي بڻيل آهن. محبت اُن چنڊ جي چانڊوڪي ۾ بہ آهي جيڪو امبر تي چمڪي بہ ڌرتي کي روشن ڪري ٿو. محبت اُن فقير جي دل ۾ بہ ديپ وانگي ٻري ٿي جيڪو دنيا جي غمن کان دُور پنهنجي مستي ۾ مگن رهي ٿو. محبت اُن ٿاريلي جي دل ۾ بہ رقص ڪري ٿي جيڪا جديد دور جي تقاضائن کان اڻواقف هوندي، مُڪي سان مڙهيل رومال ۾ سونف سوڪڙي طور پنهنجي محبوب ڏي مُڪي ٿي.

محبت کان بنان ماڻهو هن سنسار ۾ مُئي مثل آهي. صرف ساهہ کڻي جيئڻ زندگي ناهي. زندگي جو اصل حُسن تہ ماڻهپي ۾ آهي ۽ اُهو ماڻهپو ماڻهن ۾ تڏهن ئي ايندو جڏهن ڪنهن سان محبت ٿيندي آهي. جڏهن بہ ماڻهو جي اندر ۾ محبت جا رابيل ٽڙندا آهن تڏهن سمورو سنسار سراپا حُسن لڳندو آهي. حياتي اُن هرڻي وانگي حرس ڪندي آهي. جيڪا ننگر جي تلائن ۾ برساتي پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ ٽِپ ڏيندي ڪندي آهي. محبت سنڪرات ۾ بہ سڪون ڏيندي آهي. محبت گونگي جي اُن خواب مثل هوندي آهي. جنهن کي ڏسي هُو صرف مُرڪندو آهي ڪنهن کي ٻُڌائي نہ سگهندو آهي. محبت صرف مومل جي مزاج جو موهہ ناهي پر محبت تہ سسئي جو اهو سڏ بہ آهي جنهن کي ٻُڌي ڏونگر بہ ڏري ويا هُئا.

محبت ڪرڻ سولي آهي ۽ نڀائڻ ڏاڍي ڏُکي آهي پر جڏهن بہ ماڻهو جي ڪنهن سان محبت ٿي ويندي آهي تڏهن سنسار جي هر شيءَ ۾ سُونهن لڪل پائيندي نظر ايندي آهي. جنهن سان ماڻهو پيار جا پيچ اڙائي اکين جون وارتائون اوريندو آهي جنهن کي اکين ۾ ويهاري لوڪن لڪائي رکڻ جي

تمنا ڪندو آهي. اُن جي هر واسطي سان محبت ٿي ويندي آهي. ديس، ويس، ٻولي، لولي، رنگ، نسل، تهذيب، ثقافت مطلب تہ محبوب جي هر شيءِ ساهؤن اوڏي لڳندي آهي. محبوب سان ملندي ڪلندي سال بہ پل لڳن. تن ۾ تؤنس ايڏي ٿئي جو سمنڊ بہ سُرڪ لڳي تڏهن ئي سمجهجي تہ محبت جي موج اوج تي آهي. پيار پرواڻ چڙهي چڪو آهي. جڏهن پيار پرواڻ چڙهندو آهي تڏهن ماڻهو کي مڪمل ماڻهپي جي ڏاڪي تي هئڻ جو احساس ٿيندو آهي. دُنيا ڪينجهر هندوري جيان لڳندي آهي. هر ڏينهن، هر پل، هر شام ۽ هر رات عيد لڳندي آهي. ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ عُمر وڌي ويئي آهي. حياتي جي هر گُذري ويندڙ حَسين ڏينهن جو ڪو بہ احساس ناهي ٿيندو! ايئن لڳندو جڻ وقت جي گهڙيال جا ڪانٽا، پيار جي پنجوڙ ۾ ڦاسي هميشہ لاءِ بيهي رهيا آهن.

مجون ٿا تہ محبت اڄڪلهہ جي هن جديد دؤر ۾ مُفادن جي ور چڙهي ويئي آهي. ماڻهن جي اندر مان پنجاهہ سيڪڙو پرواز ڪري چُڪي آهي پر جانورن ۾ اڄ بہ محبت جا جلوا پسي سگهجن ٿا. شيرين ٻولي سان روحن کي راحت ڏيندڙ سارس پنهنجي جيون ساٿي جي مري وڃڻ تي اُن جي مُئل جسم مٿان پرن جو ڇانورو ڪري ويهندو آهي تہ جيئن اُن کي سورج جي گرم شعاعن جي تپش نہ ساڙي. مُئل سارس مٿان ويٺل جيئري سارس جي جسم کي ڪينئان ڪائي ڪائي نيٽ ماري وڃهندا آهن پر هُو پنهنجي ساٿي کي ڇڏي ناهي ويندو. محبت اُن کي چئبو آهي.

محبت جي ڪا ممتائي جهلڪ پسڻي هُجي تہ اُن ڳوپ ڳئون مان بہ پسي سگهجي ٿي جيڪا پنهنجي ڦر جي مري وڃڻ ڪانپوءِ اُن جي چَم مان ٺهيل چاڪڙي/ پُوتلي کي چَٽي پيار ۾ پسوئجي پوندي آهي. ان ڪان بہ مٿي محبت ڏسڻي هُجي تہ پونم چنڊ جو سمنڊ ۾ اُڌيل جُواريا ٿا کي ڏسي سگهجي ٿو. چنڊ جي عشق ۾ سمنڊ پونم رات جو چريو ٿي مست شينهن وانگي گهوراڙون ڪندو آهي. اُن جو عشق ڪڏهن بہ ڪمزور ناهي ٿيو چو تہ اُن ۾ سچائي آهي. هنيلي چنڊ سان محبت تہ چڪور بہ ڪري ٿو جيڪو هر پونم تي اُبتو ٿي چنڊ ڏانهن اُڏار ڪندو آهي. مُنهن چنڊ ڏانهن هوندو اٿس. جڏهن پرن ۾ پرواز جو دم پورو ٿيندو آهي تڏهن پٽ تي اچي ڦهڪو ڪندو آهي پر

پنهنجي محبوب سان ملڻ جي تمنا ۾ اُن کي ذور بہ سور ناهي ٽيندي. چڪور جي ان بي لوث محبت تي ڪنهن ڪوي خوب چيو آهي تہ:

چوڪي پريت چڪور ڪي چندا نہ ماني،
اپني تو توڙ نياني اُس ڪي وهي جاني.

(چڪور جي سچي محبت کي چنڊ نہ ٿو مڃي پوءِ بہ چڪور چوي ٿو تہ مونکي توڙ نيائڻي آهي، مون محبت ڪئي آهي. چنڊ جي چنڊ ئي ڄاڻي).

اسين خود بهارن لاءِ پٽڪون پيا...

سنڌ پرڳڻي جو هي صديون پراڻو خوبصورت خطو ٿر جنهن جي جاڳ جهڙي ياڳ ۾ رُڳو ڏک ۽ ڏهاڳ ئي ڏاج بڻيل آهي. الوڪ اتهاس جي والي هن ديس جي درديلي تاريخ جو اکر اکر ان ڳالهه کي اُجاگر ڪري ٿو تہ هي صحرا سورن جي شمشان گهاٽ ۾ ڪيترو سڙيو آهي. وقت جي ويساهه گهاتين، قدرت جي قهري ڪارروائين ۽ سياسي شهودن جي اُرهہ زوراين سدائين هن حسين نگري سان وڏا ناحق ڪيا آهن. دُنيا ۾ دنگ جي سونهن پنهنجي سيني ۾ سمائي رکندڙ هي اياڻو وطن اڄ بہ انصاف جي اوسيئڙي ۾ آهي. هر ٽئين سال هي ساٽيهہ ڪاري ڏُڪار واري قحط کي مڙس ٿي منهن

ڏي ٿو. بک ۾ لڪ ۾ لڇي ٿو پر پوءِ به ڪنهن کي ميار نه ٿو ڏي مڙوئي مون ڏي هوتن ڏي هڪ به نه واري ڪار هر ڏک پنهنجو ڀاڳ سمجهي ڀوڳي ٿو.

شهيد بختاور جي ڏاڏاڻڪي ڏيهه ۾ هيل به ڪارو ڏُڪار ڪاهي پيو آهي. هر طرف موت جو بدحواس حبشي مست هاٿي وانگي ڀوڙي رهيو آهي. تيز طوفاني هوائن ۾ اُڏندڙ واري ماروئڙن جون مَتيون ئي منجهائي ڇڏيون آهن. جَر جي ڪڙوي جَل جي ڪري پڪي پياس ۾ ڦٽڪن پيا. ٿر جي معصوم ٻارڙن جا لوساتيل لَب پاڻي جي لاءِ واجهائن پيا، ڏور ڪٿي ڪو مٺي پاڻي وارو سروَر نظر ئي نٿو اچي. سواءِ ڪارين ڄارين جي سموري صحرا ۾ ڪو سائو سَلو رهيو ئي ناهي جيڪو ٻُڪايل مال جي منهن ۾ وجي. پورين پٽن جي پاساڻن ۾ چرندڙ چوپايو مال به چَٽ ٿي ويو آهي. ڇڙن جي چونگار ۾ ماٺار اچي ويئي. سجو صحرا سُڃ بڻجي چُڪو آهي.

انهي سموري روئداد ۾ اسان ريگستانين جا روح مٿيءَ جي رانديڪي وانگي ٽُٽي ٽُڪرا ٽي ويا آهن. اسين هيل ڏاڍا اُداس آهيون. اسانجي اُٻاڻڪين، آتمائن جون سيئي سرهايون هن صحرا سان وابسته آهن ۽ هيل صحرا ستايل آهي. مورن ۽ ڍورن ڪانسواءِ ٿر جا لاک رتا گلابڙا به غذا جي پن چڻ ۾ چٽي ويا آهن.

سارو صحرا ڪنهن جواڻ جماڻ وڏوا جي اُجڙي ويل مانگ جهڙو منظر پيش ڪري ٿو. ڍول ڍاٽيئرن جي هنيئڙن هول پيا آهن. ماروئڙا هيل ملول آهن. گُلابي گجن تي هٽرادو هُرمچ جهڙي هِن حَسين صحرا جون سموريون سيمون پڙپانگ بڻجي ويون آهن. کوهن تان کينچل موڪلائي ويئي آهي. دَڙن تان ديدون ۽ اسان کان عيدون رُسي ويون آهن. وينديهاڻن وجودن جي ملوڪ مکڙن تان حسين مُرڪن جا پوپٽ پرواز ڪري ويا آهن. ٽکن جهڙا ٽهڪ ۽ اگسٽي جي مهڪ به ماضي جو قصو بڻجي وئي آهي. ولوڻن ۾ وقفا پئجي ويا آهن. ڪنهن هنيليءَ ڪامڻي جي هار سينگار جهڙيون هن ساٽيهه جون سيئي حُسناڪيون اياڻيون لڳن ٿيون. روپلي ڪولهي جي ننگراٽي ۾ راسوڙن جا آلاپ وياڪل ورلاپ بڻجي ويا آهن. ڪڙوا چوٽ رڪندڙ نارين کان ناز ۽ ميراثين کان ساز وسري ويا آهن. ڏُڪاريل ڏيهه ۾ ڏينهن رات، پاپي پيٽ جي پوڄا لاءِ وارياسن وجودن ڪاڙهن ۾ ڪڙهي سدا سُندر سرين جي ونڪي ئي وڃائي ڇڏي آهي. بقول شيخ اياز جي ته:

سدا آهي ساهہ ڪي ٻَيي جي ٻَولا،
ڏوينان ڍولا ناهي ساجاهہ سونهن جي.

ٻَيي جي ٻَولا ۾ حياتي سڄي هنبو ڇيون هٽندڙ اسان مارو ماڻهن جي ڪرم ۾ شايد سُک لکيا ئي ناهن. تڏهن تہ هميشہ هار ۾ آهيون. ڇاڪاڻ تہ اسان ڪي پوري طرح پڪ آهي تہ اسانجي قسمت ۾ ڪوڏ لکيل ئي ناهن. اسين ان ديس جا واسي آهيون جنهن ۾ واريءَ جو درياءَ وهي ٿو. جنهن ۾ ڏُڪار هر سال شڪار ڪري ٿو. جتي لُڪون ۽ جهولا بدني بناوٽ ئي ڦٽايو ڇڏين ٿا. اسين اُن بدنصيب صحرا جا واسي آهيون جنهن جي مقدر ۾ رڳو گوندر ۽ غم لکيل آهن. رسمي خوشين جي راند کان اسين ناواقف آهيون.

اسين جيڪي پيئڻ جي پاڻي لاءِ ڪشالا ڪاٽون ٿا. اُنهن جي اُجاڙ ڪيتر جهڙي مقدر ۾ ڪنياتا ڪٿان آيا؟ اسين سدائين سورن جي سرلي هيٺ وڃايل خوشين کي ڳوليندا وتون ٿا.

اسين هن دورنگي دُنيا جا اُهي بدنصيب ماڻهو آهيون جن لاءِ بهار بہ سرءَ جا سنديشا کڻي ايندي آهي. جن جي بيوسي ۽ غريبي تي چنڊ بہ چَٽرون ڪري هليو ويندو آهي. اسين اُهي پٽن جا پٽڪيل مسافر آهيون جن سان مندون بہ وڏا مذاق ڪنديون آهن. جن سان بارشون اڪثر بي وفا محبوب وانگي ماڻا ڪري رُسي وينديون آهن! گهُمڻ جو ميهہ ڪري اسان جي هن غريب ڏيهہ جي گهونگهٽ جي گهتائن ۾ لڪيل چنڊ چهرن تي اوڇي نظر اُڇلائڻ لاءِ ڏور کان ايندڙ سياحن کي هيل صلاح آهي تہ متان اچجو ڇو تہ ڏيهہ ڏُڪايل آهي بقول ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي تہ:

اسان جا باغ سڀ پيلاڙ ٿيا،
اسين خود بهارن لئہ پٽڪون پيا.

ڏُڪارن جا ڏمر ۽ ڏياري....

سال جي ڊگهي سفر پُڄاڻان هيل وري بہ ڏياري آئي آهي، ڪنهن وينگس جي وشال نيٽن جي نيري سمنڊ ۾ جرڪندڙ ماڻڪين جهڙن ڏيئن واري ڏياري تريتا يُگ جي ايشوري اوتار رام جي بنواس سمپورڻ تي ملهائي ويئي هُئي. جنهن کي اڄ تائين هندو سيپيتا ملهائيندي اچي. ڏياري تي نہ رڳو ڏيئا ٻاري سماج ۾ سوجهرو ڪندا آهن پر صفائي سُٿرائي بہ ڪندا آهن. ڌن دولت جا پوڄاري هن ڏڻ تي لڪشمي ديوي جي پوڄا پاٺ ڪري نوٽن کي تِلڪ ڏيندا آهن ۽ آتش بازي ڪري وڏو سُرور ماڻيندا آهن.

ٿاريلن جي اُداس رُوحن جي ريگستان تي لٿل ڀِٽن ڏُڪارن جي ڪاري رات واري ڦهر ۾ آيل هيلوڪي ڏياري تي ڀلا ڪهڙي سرهائي ڪجي؟ ايذائن ۽ عقوبتن واري اُڏوهي هٿان ڪاڙل، هيرڻ پن جهڙي هانو ۾ ملول من سان ڪيئن قرار ماڻجي هن پرمسرت موقعي تي...!؟ جاڙن ڏُڪارن جي جاڙ ۾ ڀُڳي جي ڀُڳولا ڪندي ڪندي پٿون ٿيل پيرن جي درد کي ڀلا ڪٿي رکجي؟ جو ڏياري ملهائجي.

ڪٿي رکجي اُن بي رحم درد کي، جنهن جي پيڙا ۾ سمورو صحرا سُڏڪي ٿو! چني ۽ چپني وارا واڪا ڪندڙ هيلوڪي ڏڪار سبب پيٽ ٻُڪئي جي پالنا خاطر بئراج ڏي ويل بابُو جي پٺي وِرتا اِستري هيل ڪهڙي ڏياري ملهائيندي؟ ڪاند ري پانڌ بنا سنجهي سيءَ مران واري ڪار هُو پل پل جيئندي ۽ مرندي نہ رُڳو مقدر کي ميارون ڏيندي پر هن سماج کي هلائيندڙ اُن سرڪار کي بہ دانهن ڏيندي جنهن هن جي هيلوڪي ڏڪار ۾ ذري جيتري بہ سُهائتا نہ ڪئي ۽ هُن جو لختِ جگر ساگر غذائي ڪمي سبب سرڪاري اسپتال جي وارڊ ۾ پيلي پن جيان هميشہ لاءِ ڇڻي ويو. هيلوڪي ڏياري جا ڏيئا هن جي اڇوتي آتما کي نہ رڳو ڏنڀ ڏيندا پر ويتر واسينگ جيان ڏنگيندا...!!

هيلوڪي ڏياري ملهائڻ کان اڳ ۾ اُن ٿاريلي جي ٿڪاوٽ کي بہ سوچن جي سفر ۾ ساڻ کڻجي جنهن جي ڪل پونجي فقط پنج رڍون هُيون جيڪي ماتا جي مرض ۾ مري ويون ۽ هُوءَ هاڻي هر روز لٽي سج ويلي وٿاڻ وڃي، رڍن کي ساري لڇندڙ رُوح کي لُڙڪن جي بارش ۾ پچائي ٿي! هُن کي ڪير ٻُڌائي تہ ويل ناهن ورندا.

قسمت جي ڪجلاسر تان ڏڪاريل اُنهن ڌنارن جي بہ هيل ڪهڙي ڏياري ٿيندي، جن جا مال بکن ۾ بي حال ٿي بي موت مري ويا. اُنهن جا وکريل وارن جهڙا بي ترتيب وجود پسي هر مارو من جا نيڻ نياڃا پهاڙي ندي جيان وهي هلن ٿا. ڏيئن جي سُهائي سان اُماوس ۾ سوجهرو اوتيندڙ ڏياري وڻجارن جي ونين لئہ ازل کان ويرڻ بڻيل آهي. ڏياري ايندي آهي تہ وڻجارين جي اکين جي وطن مان ننڊ جا پنڇي اُڏامي ويندا آهن.

ڏني ڏياري سامونڊين سڙهہ سنڀايا،
وِڃهيو ور ونجهہ کي روئي وڻجاري،

ماريندي ماريؤ پرهه سُور پرين جا.
(شاهه)

وڻجارين لئه ويرڻ ٻٽيل ڏياري راماڻ جي نائڪا سيتا لئه به سُنو سنئوڻ نه ٻٽي، ايوڌيا جي نگري ۾ سيتا جي وڃائجي ويل آخري سُڏڪي جهڙو سچ اهو آهي ته مذهبن هٿان مقرر ٿيل اهڙن ڏڻن تي غريب نه رڳو احساس ڪمتري جو شڪار ٿين ٿا پر حياتي جي هماءَ تان به هٿ ڪڻن ٿا، ان ڪري اسان ڪي اهڙن ڏينهن تي پنهنجي هر سرهائي ۾ غريبن کي شريڪ ڪرڻ گهرجي. پنهنجي گهر جي ديوارن تي وڏا فانوس ٻارڻ کان سُنو آهي ته مٽي جي ڏيئن مان ڪم وٺي ڪُجهه بچائجي ته جيئن ڪنهن غريب جي گهر ۾ ڪا ميڻ بتي ٻري سگهي. شيشي جي سُپر گلاسن ۾ رنگ برنگي مڌ پيئڻ کان سُنو آهي ڪنهن غريب جو نريل چُلهه گهٽ ۾ گهٽ اهڙي شپ ڏڻ تي ٻارجي، وڏو ڦتاڪو وڻڻ کان سُنو آهي ته ڪنهن يتيم جي هٿ تِري تي به سِڪا خرچي لاءِ رکجن! مري ويل مورن ۽ ڍورن جي سوز ۾ سُڏڪندڙ ڍٽ ڏجاٽيون هيل ڪهڙي ڪوڏ سان پنهنجي هٿ ريڪائن تي حنا جا لال روهيڙا روپيندڀون ڇو ته هنن جا سيئي حرس ڏُڪارن جي ڏمر جي نذر ٿي ويا آهن. سنهيءَ سُئي سان ٽُنبجي هُرمچ وارو هٿ رومال پري محبتن ۾ ويساهه هئڻ وارو ثبوت ڏيندڙ حنائي هٿ هيل هڪ به ڏيئو نه ٻاريندا ڇو ته انهن جا ڇڪور جهڙا ڇِت چنتائن جي چناب ۾ ٻُڏل آهن. اسر ويل اُٿي نگرو پوڄي پکين کي ان ۽ جل اريپندڙ مني جون مها سُندريون بارشن جي بيرُخي سبب هيلوڪي ڏياري واري ٻڙ راجا جي پُتلي تي ڪو به پرشاد نه وجهنديون!

ڪپڙي کي ڪوري ٽُڪ واري رلي ناهي، سنڌ جي ثقافت کي آدجڳاد کان جيئاريندڙ سُگهڙ سنڌياڻيون هيلوڪي ڏياري ٻک وگهي مري ويل اُنهن معصوم ٻارن جي نانءُ ڪنديون جن جي اُداس مائرن جي ممتا کي مُڏي ڪاتي سان ڪُهندي سنڌ جي وڏي ڪُرسي تي ويٺل اعليٰ اختيار ڏٽي گهٽو ڪجهه ڳالهايو هو. ڏُڪاريل ڏوتين جي ڦتن کي ڦلهوري انهن مان وهندڙ لهو تي لوڻ ٻُرڪندڙ ان ڏر ڏٽي جو ڏيان ڇڪائڻ خاطر سموري صحرا کي سوڳ ۾ رهڻ گهرجي. هيلوڪي ڏياري تي ڪو به ڏيئو نه ٻاري ۽ ڪو به ڦتاڪو نه ڦوڙي ڇو ته ڍٽ ڏجاٽين جي عزت جو سوال آهي! ان کان به وڏو سوال اهو آهي ته نمن جي شهر ۾ نندڙي سيتا جي نندپڻ ۾ تين وال ٿيل عزت جي غم ۾

ڀلا ٿر ڪهڙي ڏيار ڪندو؟ ڪهڙي ڏياري ڪندي اُها اڀاڳي ماءُ جنهن جي معصوم نينگري جي مقدس عصمت ڪي سفاڪ انسانن لوڏين جيان لُٽيو ۽ ڦٽيو...!! جنهن جي داد رسائي الئہ ڪڏهن ٿيندي؟

اماوسَ رات ۾ سُهائي جو سنديشو ڪٺي ايندڙ ڏياري ڪي اُن ٻچان جي بيوسي جي ڪهڙي ڪل جنهن جي اڱڻ جي احاطي ۾ غربت ٻُڪايل شينهن وانگي سُتي آهي ۽ ها ڪاري قحط ۾ آيل هيلوڪي ڏياري ڪي ان ساوتري جي سڌ نہ هوندي جيڪا ڊولي جي چولي ڪي چتيون ڏيندي سوچي ٿي تہ هيل بہ جيڪڏهن هُو نہ آيو تہ ڪير رب بہ اُڌاري نہ ڏيندو ۽ آئون هن سپرين پرب تي پنهنجن ٻچن ڪي ڪهڙو جواب ڏينديس؟ ڪيئن ماٺ ڪرائينديس؟ اُن معصوم مومل ڪي جيڪا مُنهنجي سُڪل ڇاتي ڪي چنبڙي مون ڪان ٿڃ جي سُرڪ گهري ٿي. اُن ٻالڪڙي ڪي ڪهڙي ڪل تہ بنا سام ڏٽي جي منهنجي ڇاتي جي ڪينجهر سانگا ڍنڍ جيان سُڪي ويئي آهي! جنهن تي ور جي وٽندڙ هٿن جا ڪبوتر الئہ تہ ڪيتري عرصي کان نہ لٿا آهن. اهڙي قحط ۾ آيل هن ڏياري تي سواءِ ماتم جي ٻيو ڀلا ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

هيرن، موتين ۽ ماڻڪن جي ممتا ۾ سمنڊ جي سفر تي ويل وڻجاري جي واٽ نهاريندي، لهندڙ سج جي لالائڻ ويلي سمنڊ ڪناري ويهي اُداس روح سان عقيدت جا اکا وجهندڙ ڪنهن وينگس جي ڀنين وارن ۾ لڳل موتي جي مهڪ ۽ ڀالوا جي ڀتن ۾ رهجي ويل مارئي جي ڪُنواري ٿهڪ جهڙي هن ديوالي تي ڏڪاريل ڏيهہ مان لڏي ويل ڪن محبوب مُهاندن جي ياد سانجهہ جي ستارن ۾ روح ولر ڪي روليندي ۽ هر مارو من، ڀنڀور جي ڀڙن ۾ رهجي ويل سسئي جي آخري اوڇنگار ڪي ڳائي بارش جهڙا ٻانورا احساس سيني ۾ سانڍي سرد شوڪارو ڀري ايئن چوندو تہ:

اج پڻ چڪيم چاڪَ، وَنهين ويڙهيچن جا،
سورن اچي سومرا! اندر ڪي اوطاق،
مارُو جي فراق، هڏ مُنهنجا ڪپيا.
(شاهہ)

پنهنجن پيارن جي فراق ۾ هڏ ڳاريندڙ ڏوٿين لاءِ اسانجي اها ئي دعا آهي تہ شل هيلوڪي ڏياري خيرن سان گُذري وڃي ڪنهن بہ غريب جو چُلهہ اُجهاميل نہ رهي ۽ ها! ڪير بہ احساس ڪمتري جو شڪار نہ ٿئي.

آسمان مان ڪِريل آٿو ڄاڙ جي ٽار ۾ اٽڪي پيو...

لاڙ مان لابارو اڏ ۾ چڏي آيل مَروئان پيلڻ جو ڪُٽنب، جڏهن ڪارڊ نہ هُئڻ ڪري ڪٽڪ جي ڪٽي کان محروم ٿيو تہ مَروئان عارضي طور اُپٽيل چونئري کي ڪونيٽ جي جهڪ ڏيندي چيو "ٻچا! آپين لابارو ڪرسان تڏهن ڪٽڪ جُڙسي، هين اِٿ ٻيسي ڪي ڪرسان" سندس اکين جي ڪنارن مان لار ڪري لڙيل لُڙڪ ڏسي سندس پنج سالن جي پُٽ چيو "ما! وڙي پچا ڪو ٿا هلان، پنڌ اڙگو اهي پگ ڏکين تا، اسان ني اٿ چڏي جا اسين

گهري پيئنا هوسان. مُسلان ان نڪوران ري گانءَ مان روٽي ڇڏائي ڪاسان“. پُٽ جي واتان اهو ٻڌي ماءُ جي ممتا تڙپي اُٿي، اڌ ڪلاڪ ٻچن کي ياڪر ۾ ڀري روئڻ لڳي ۽ پوءِ نہ ڄاڻ تہ ڪيئن اوچتو منجهہ شڪتي اچي ويئي جو پُٺي تي پوتي جي جهولي ٺاهي اُن ۾ ڪير پياڪ ٻار وڌائين ۽ مٿي تي ٺلهو دلو ۽ دانگي رکي، ڪڇ تي پنج سالن جي پُٽ کي ڪوٺي، بيماري ۾ ساٿي ڀرتار جي لٺ هٿ ۾ جهلي پيادي پنڌ رواني ٿي ويئي. اِها ڪهاڻي ڪنهن هڪ مروئان، پدما ۽ ويران جي ناهي پر ٿر جي هر اُن ڪُٽنب جي ڪهاڻي آهي جيڪو هر سال ڏُڪار جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ ڦُٽيون چونڊڻ، ڪمنڊ جي ڪٽائي ڪرڻ يا ڪٽڪ جي لاباري لاءِ اباڻن اجهن کي الوداع ڪندي اُنهن جي مُنهنگڙن (درن) کي ڪڙها ڏيئي ڇهہ ڇهہ مهينا ڇڏي لاڙ لڏي ويندو آهي. پر هيل اوچتو سُتل شينهن جهڙي سرڪار سجُوري کي ڪنهن آڙيڪاپ جاڳائي وِڌو جنهن دعوائن جي ديڳ دم تي رکي لڏي ويل اڌ ٿر جي عوام کي آسري ۾ واپس ورڻ تي مجبور تہ ڪيو پر حاتم طائي حڪمرانن جون پنهنجون ترجيحون هُيون اُن ڪري الئہ ڪيترا ٿري خاندان مُفت ڪٽڪ کان محروم ٿيڻ ڪانپوءِ وري ساڳي پٽن ۽ پوٺن جا وجي وڻ وسائڻ لڳا آهن ۽ هتي حاتم طائي حڪمرانن جي ورهاست وتائي ولي واري آهي. ڪنهن کي مڻ تہ ڪنهن کي ڪڻ ڏيئي پُڄاڻي تي پُهتي آهي.

هينئان ٿاڙ آواز سان چونئرن ۽ چونڪين مٿان گذرندڙ هيليڪاپٽر جي هوڪر ٻڌي ٿر جا ٻُڪايل ٻارڙا اُداس مائرن جا آنچل پڪڙي ائين چون ٿا تہ او ما! ايئي جهاج ۾ ڪي هوسي؟ اي اپان نان ڪي ڏسي ٻالڪن جي اهڙي اِصرار تي مايوس مائرون پنهنجن نيڻن جا لُڙڪ لڪائي انهن کي اجائي آٿت ڏيندي چون ٿيون تہ ڏڪرا اي جهاج آپان نان جوئڻ آيو اهي، ٻيجو آسي او بسڪوٽ ڏيسي غذا جي گهٽتائي جو ڦهر ٻوڳيندڙ اهي ڀولا ٻارڙا مائرن جي چوڻ تي ماٺ ڪري وري ٻئي هوائي اچڻ جو اوسيئڙو ڪن ٿا. وري بہ ٿر جي هوائن ۾ هيليڪاپٽر جي گونج ٿئي ٿي، هوائي هُل ڪري هليو وڃي ٿو، نا اُميدي جي نوهنتري سواءِ ٻيو ڪُجهہ بہ پلئہ نٿو پوي.

هيليڪاپٽر ذريعي اُڀ مان اُڇلايل اٽو ٿاريلن جي اُميدن وانگر هوا ۾ تحليل ٿي وڃو ۽ اُن سان گڏ ڪيرايل خط ئي صحيح سلامت ملي سگهيو. جنهن ۾ لکيل هو تہ ”ٿر ۾ پڪا رستا نہ هئڻ ڪري زميني رستي ورهائي نہ ٿا

سگهون، اُن ڪري هوائن هٿ اٿو اُماڻي رهيا آهيون. اُميد تہ اوهان جي بُڪ جو بندوبست ٿي ويندو“...

ڏہرو ڏيل ڪٽي سُگار (ٻنيءَ) جي سيڙهي تي سرڪاري سوس جي اوسيئڙي ۾ ست ڏينهن کان وياڪل ويٺل وِيران ڪولهڻ جي درد ڪتا جو احساس هوائي ۾ ويٺل اُنهن واڳ ڌڻين کي ڪهڙو هوندو؟ جيڪي هزار فُٽ جي بلنديءَ تان ٿر جي پڙپانگ پٽن تي اوچي نظر اُڇلائي اهو چئي هليا ويندا آهن تہ ”هتي لهڻ جي ڪا جڳهہ ئي ناهي“ ڪير سمجهائي انهن معتبر ماڻهن کي تہ خُدارا! جيڪڏهن هتي لهڻ جي جاءِ ئي ناهي تہ پوءِ ڇو ٿا غريب قوم جو زرمبادلو اجايو زيان ڪيو؟ هزارين ليٽر هاءِ لائيٽ پيٽرول جو هاڃو ڪري ڏُڪاريل ڏيهہ مٿان ٿلها چڪر هڻڻ ڇريائي ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ ايڏي وڏي ڇريائي ڪرڻ کان تہ چڱو آهي تہ ڪيڪڙن ۾ اچو اگر امداد ڏيڻي آهي تہ زميني رستي ڏيئي وڃو ڇاڪاڻ تہ هتي ٻوڏ ناهي، هتي تہ قحط سالي سوڪهڙو آهي. فضائي رستي امداد ٻوڏ ۾ ئي ڏبي آهي. سرڪار سڀُوريءَ کي ايتري تہ سُڌ هئڻ گهرجي.

باقي جيڪڏهن مسڪين مارُوئڙن جي غربت جو اجايو مذاق اُڏائڻو آهي تہ اوهانجي مرضي قِبلا سائين....!!

مگر اهو ياد رکجو تہ اسين ٿاريلا اُن آئين ۾ منشور جا مالڪ آهيون جيڪو اسان کي اسان جي مُرشد صديون اڳ ڏنو آهي. اسين اڄ بہ اُن تي عمل ڪرڻ جي سگهہ ۾ شڪتي رکون ٿا توڙي جو اسان جا ڏيل ڏہرا ٿي ويا آهن پر پوءِ بہ ضميرن کي اڃان زنگ ناهي لڳو. اسان جون اڏول آتمائون ۾ ظرف اڃان زنده آهن.

ڪاسا جنين ڪرم ڏونگها آڇ مُر تن.
(شاهہ)

مرڏر ڏيهہ جي اسان اٻولڙن مارن جي نيڻن جي نريڙي ڊنڊ مان اُميدن جا نيرڳ هاڻي اُڏامي چُڪا آهن. اسان کي پڪ آهي تہ پٽن پر پونگن ۾ رهندڙ ريگستاني نرڏنن تائين سرڪاري دان ڏنوان پُڄڻ ئي ڪو نہ ڏيندا. ڏنوان جن کي پڳوان جو بہ پوءِ ناهي. انهن جا لوپي پيٽ ائين جلدي ڪو نہ پربا جو ڪنهن غريب ٻُکايل جي مُنهن تائين ڪو ماني گرهہ رسي سگهي. غريب ماڻهن جي، ميوي جي ذائقي کان نا آشنا معصوم ٻچڙن جي سرين ۾ هاڻي

جيئڻ جي سگهه سورنهن آنا سمپُورڻ ٿيڻ واري آهي پر پوءِ بہ جنتا سان جاڙ ڪندڙ جيالن جا جاوا ۽ ڪرپٽ ڪامورن جي ڪرپشن جيئن جو تئين جاري آهي. انهي ٻائيتال کي الئہ ڪڏهن ٻُنجو ايندو...؟

آپي چڙهتي هوائي هوڪر منڊي ري،
اي تان هوائي جاٽان مانجي بيري رو،
اونچي نجر مين اوڙ کيوري،
مانرو هوائيڙو... ري هوائيڙو.

ٿر جي نياڻين جي نازڪ نڙين مان ڦوڳ ڦُلار جيئن ڦٽي نڪتل هي نرالي نوعيت وارو لاڪيٽو لوڪ گيت اڄڪلهه پاراٽي جي پدمڻين کان وٺي ڪنني جي ڪامڻين تائين سيني جي چپن تي ٻهڪي ۽ ٻُري رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر ٻئي يا ٽئين ڏينهن ٿاريليون هوائي جي هوڪر ٻُڌن ٿيون. هوڪر ٻُڌي نگاهون اُپ ڏي ڪندي ويري جي واڪاڻ ۾ هي ٻول ٻهڪائينديون آهن. ڪنڱو ورنيون ڪُنواريون مرگهہ تولن جيئن ڊُوڙ ا ڪري هوائي هوڪر تي هوائيڙو ڳائي ڪُجهہ پلن لئہ وجودن مان وياڪلتا جا پنڇي اُڏاري آتمائن کي آسيس ڏين ٿيون. اها آسيس ئي ٿاريلين لئہ غنيمت آهي باقي امداد تہ هوائي مان هيٺ ڪرندي ئي ڪرڪ واري جيئن وکري وڃي ٿي، شايد ڏُکارين ٿاريلين جي ڪرم ليک ۾ اهڙي ريک ئي رقم ٿيل ناهي جيڪا جياپي جو جواز بڻجي... باقي ڏک ۽ ڏهاڳ تہ هنن جي قسمت جو کيل بڻيل آهي.

غربت هٿان گهايل ۽ اُجايل ٿاريلين جي اُداس گيتن جي گونجار ۾ سُوز ڀريون صدائون ٻُڌي صرف مُنهنجو صحرا سُڏڪي ٿو. ڪاش! ڪنهن انسان کي احساس ٿئي ها....

ڏُکي دلين جو درد ۽ ديوالي

ڪنهن دراوڙي دل جهڙو دادلو سچ اهو آهي تہ ڏياري جو ڏڻ خوشين جو خزانو ڪٽي اُماس واري انڌاري ۾ سرهاين جو سوجهرو ٻڻجي ايندو آهي پر شامِ غريبان جهڙو ستم اهو بہ آهي تہ ديوالي بہ ڏنوانن جي اجرن اڱڻن تي پنهنجا گل لالا جهڙا پير ڏريندي آهي. نرڌنن جي نراس نجهرن ۾ ڏياري بہ اماوس جهڙا آثار ڇڏي ويندي آهي.

هيلوڪي ڏياري بہ ايئن ئي ايندي ۽ هلي ويندي، طرح طرح جا طعام تيار ٿيندا، ڦٿاڪا ڦوڙيا ويندا نوان رشتا بہ جوڙيا ويندا، ڪڙڪ نوٽن تي گلال جا تلڪ لڳندا، لڪشمي جي پوڄا ٿيندي پر ڏُکي دلين جو درمان وري

بہ نہ ٿيندو. غريبن جي معصوم ٻارڙن جا هٿ رانديڪن کان خالي رهجي ويندا. يتيم نياڻين جا ننگا سر شفقت ڀرين چُنين لاءِ واجهائيندا رهجي ويندا. غريبن جون جهڳيون ۽ جهوپڙيون فوتن جي خوشبوءَ کان ائين خالي رهجي وينديون جيئن روهيڙي جا گل...! ڪنوارا هٿ غريبي جي ڪري مهندي جي هڳاءُ کان هيل بہ محروم رهجي ويندا. پراڻن لٽن ۾ لڇندڙ غريبن جا گدلا ٻارڙا هيل بہ ڪپڙن جي دُڪانن اڳيان مقدر جا سڪا ڳڻيندي ديوالي جو ماتم ملهائيندا بقول شاعر:

کپڑوں کی دکان سے دور، چند سکوں کو گنتے گنتے،
ایک غریب کی آنکھوں میں، عید کو مرتے دیکھا ہے۔

انهن جي معصوم اکين ۾ مري ويل ڪنواري عيد جو لاش آٿت جي اگني سنسڪار ۽ دلاسي جي ڪفن دفن لاءِ واجهائيندو رهجي ويندو پر ڪير بہ انهن ٻارڙن جي اکين ۾ لڪيل درد جا ڳجلا اکر پروڙي نہ سگهندو. ڏياري ڏيئن ساڻ ايندي آهي ۽ انڌاري ڇڏي ويندي آهي. غمگين دلين جو درمان نہ ٿيندي آهي.

ستوادي شري رام چندر جي بنواس سماپت ٿيڻ تي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ويل ديوالي جو ڏڻ اڄ بہ انهي ساڳئي ريت ۽ روايت سان ملهايو وڃي ٿو. شري رام چندر جي بنواس سمپورڻ تي وڏ ۾ وڏ سرهائي تہ سيتا کي ٿي هئي. پر هن سان سماج ۽ هن جي مجازي خدا جيڪو سلوڪ ڪيو هو اهو اڄ بہ تاريخ جو تن تڙپائي ٿو. اگني امتحان کان وٺي پرٿوي پريڪشيا تائين سيتا جي سرڊ سڏڪن جو درد ڪنهن بہ نہ ڄاتو. هو اداس نگاهن سان هر هر ائين چوندي رهي تہ آئون جل جيئان پاڪ آهيان پر هن جي پاڪائي احساس کان انڌي سماج کي نظر نہ آئي. اها روايت اڄ بہ روان دوان آهي اڄ بہ الئہ ڪيترين نردوش نارين پويتر هوندي بہ سماج ڪاري جو ڪلنڪ هڻي بي رحمي سان رسواءِ ڪري ٿو! وري وڏي واڪي چوي ٿو تہ هتي عورت جو استحصال ٿئي ئي ڪو نہ ٿو.

هيلوڪي ڏياري تي منهنجو ڏيهہ ڏکايل آهي. هن ديش جا دادلا مور مري ويا ۽ هن ديش جا دلارا دراوڙ بہ ڏيهہ ۾ ڏڪار پوڻ کان پوءِ لاڙ لڏي ويا آهن. ڏياري جو ڏڻ ملهائڻ هر هندو جو حق آهي پر پنهنجي خوشين ۾ ٻين

ڪي شامل ڪرڻ ۽ ٻين جي ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ انسانيت جو اعليٰ گڻ آهي.

هيلوڪي ڏياري ملهائڻ کان اڳ پنهنجي پاڙي ۾ ڏسجو ته متان ڪنهن غريب جو گهر اهڙي سُپرين پرب تي روشني جي تمڪي کان محروم ته ناهي! طرح طرح جا طعام پلين رڌجو پر پهريون گراهه پرڻ کان اڳ سوچجو ڪٿي پاڙي ۾ ڪو ٻُکايل ته ناهي. ڏياري تي ڌماڪي دار ڦٽاڪو فوڙڻ کان اڳ خيال ڪجو ڪٿي ڳوٺ ۾ ڪا نئين نويلي وڌوا يا پُٽ جي جهوري ۾ جهريل ڪا ويڳاڻي جيجل ته ناهي. اوهان لئه اهو ٺڪاءَ صرف ٺڪاءَ هوندو پر انهن جي آتما کي ڏياري تي ڏڌ بدران وڌ ڏيندو...!!

هيلوڪي ڏياري تي انهن ڏنارن سان به همدردي جو اظهار ڪجو جن جا وڻاڻ ماتا جهڙي مرض ويران ڪري ڇڏيا آهن. ڏياري اهو ملهائي جيڪو غريبن، يتيمن، هيٺن ۽ ڏکايلن جو احساس ڪري، پنهنجي خوشي خاطر ٻين جي زخمن تي لوڻ نه ٻُرڪي. پر انسانيت لاءِ سوچي ۽ لوچي اهو ئي ديوالي جي اصلي خوشي جو صحيح حقدار آهي. باقي رڳو آتش بازي جو اجايو ڏيکاءُ ڪري نوٽن تي رنگ هڻڻ ۽ لڪشمي چترڻ ۾ حياتي جي اصل سرهائي نه آهي. اسان جي آتمائن کي اصلي سڪون تڏهن ملندو جڏهن اسين پنهنجين سمورين سرهاين ۾ دکي دلين جي درد کي فرض سمجهي شامل ڪنداسين. اجاڙ حياتين جو احساس ڪندڙ ئي ڏياري جو ڏڻ مڪمل سرهائي سان ملهائڻ جو حق رکن ٿا. باقي پنج هزار سال پراڻي تهذيب جي وارثن، موهن جي دڙي جي مٽيءَ جي خُمير مان جنم وٺندڙ ڌرتي ڌڻين دراوڙن تي ڇوت ڇات واري ڇاپ هڻي انهن کي سماج ۾ رسواءِ ڪري نفرت ڀرين نگاهن سان ڏسندڙ ڪنهن به معتبر کي ديوالي ملهائڻ جو ڪو به حق ناهي....!!

صحرا سوڳوار آهي....!!

راڻي ڪيت جي روڳ ۾ مري ويل مورن جي سوڳ ۾ سُڏڪندڙ اسان جو اُداس صحرا اڃان ان صدمي مان نڪتو ئي نہ هو تيسين سيتلا ماتا واري سونامي وٺاڻ ئي ويران ڪري ڇڏيا. رڍن ۾ پيل انهي روڳ ڪي بہ قسمت جو ڀوڳ سمجهي ماروئڙا مرڪندي ڪڙي ڏک جو ڍڪ ڏوڪي ويا. نواڻ کان ناواقف ۽ سدا سادگي ۾ جيون گهاريندڙ ٻاٻيهي جي ٻول جهڙا ڍاٽيئڙا ڍول ان ڏک کي دفن ڪري اڃا مس ٿانيڪا ٿيا تہ وري ڪالرا جهڙي موتمار بيماري

قضا جو قهر بڻجي ڪڙڪي پئي ۽ نتيجاً درجنون ٻارڙا اجل جو شڪار ٿي ويا..!!

ٿَرَ جي مند ۾ ڇٽي ويل انهن ذات جي معصوم گلابڙن جي درد جو درمان شايد صدين تائين ٿي نہ سگهي. انهن نردوش ٻارڙن جا مائٽ غربت جي لڪير هيٺ جيون گهارڻ جي ڪري پنهنجن پيارن جو صحيح علاج نہ ڪرائي سگهيا. اسان جي هن ڏڪايل ڏيهہ ۾ بُک، بدحالي، بروزگاري ۽ غربت جي حالت اهڙي آهي جو 50 سيڪڙو ماڻهن کي هڪ ويلو ماني مس ملي ٿي. هاڻي توهان اندازو لڳايو تہ اهڙي پسماندگي ۾ ماڻهو سنو علاج ڪٿان ڪرائيندا؟ پرائيويٽ اسپتالن ۾ تہ وات پٽيا واڳون ويٺا آهن اتي ڪير غريب ويندو؟ باقي سرڪاري اسپتالن ۾ وڃڻ کان سٺو آهي ڪنهن حڪيم وٽ وڃجي. ٿر جا معصومڙا سڀ سرڪاري اسپتالن ۾ اجل جو شڪار ٿيا آهن. ڪن لاتار ڪري ويٺل سرڪار تڏهن اک کولي آهي جڏهن پاڻي پار لنگهي چڪو آهي. هاڻي آءُ نہ آءُ اسان آ پليو آسرو وانگي نراس ماروئڙن سيئي آشائون پلي ڇڏيون آهن. بُک ۽ بيماري کي پنهنجو مقدر سمجهي هارايل جُواري وانگي مايوس مارو بي يارو مددگار بڻيل آهن.

ٻن سالن کان قحط جي لپيٽ ۾ لوڙهيندڙ صحرا ٿر جي سورن کي اوچتو هينئر سياسي پنڊتن ۽ اين جي اوز وارن ميڊيا جي آڏار هاءِ لائيٽ ڪيو آهي. اهو ان ڪري جو انهن کي مال ميڙڻو آهي. وارا نيارا ڪرڻا آهن. ريسٽ هائوسن ۾ راتيون گذاري جيون جيئڻو آهي باقي منيون اُهي مائرون جن جا اولاد بي دردي سان اجل جو شڪار ٿيا آهن. اُنهن معصومڙن جي حياتين جو مُلهہ حڪومت هڪ هڪ لک مقرر ڪيو آهي. احساس جي حس کان محروم انتظاميا کي ڪهڙي ڳل تہ انهن مُرجهائجي ويل گُلڙن جي هڪڙي ننڍاڪڙي مُرڪ جو ملهہ ناهي. توهان تہ حياتي جو ڳڻيو آهي؟ وڃي پڇو اُنهن اڀاڳين مائرن جي ممتا جي دکندڙ آڳ کان تہ اولاد جي جهوريءَ ڪيتري ڪنن آهي؟ منهنجي ٿر جي مري ويل مورن، ڍورن ۽ معصومڙن جي لاشن تي سياست ڪندڙو! وڃي پُڇو انهن پوڙهن پيئرن کان (جن جا سهاري پيريءَ ۾ پرواز ڪري ويا آهن). تہ قحط کي ڪيترا سال ٿيا آهن؟ توهان هينئر اک پٽي آهي! ڇا هاڻي اُنهن نماڻن سان نياءَ ٿي سگهندو جن جا لاڏلا رت جون الٽيون ڪري سرڪاري اسپتالن ۾ مغرور ڊاڪٽرن

جي لاپرواهي سبب مري ويا آهن؟ اُنهن معصومڙن جي ڪُليل اکين ۾ رهجي ويل هزارين حسرتن ۽ خوابن جو حساب هاڻي ڪير ڏيندو؟

مجون ٿا تہ سرڪار سوس ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. امداد بہ ملندي پر 50 سيڪڙو بہ شفاف نموني نہ ورهائجندي. جيئن اڳ ڊيلر ۽ وڏيرا پنهنجا پيٽ ڀريندا رهيا آهن هاڻ بہ ائين ئي ٿيندو. بنان سورس ۽ فورس جي ڪنهن بہ غريب جو چُلهہ نہ جلندو ڪنهن بہ ڪولهي يا ڀيل غريب کي ڪڻڪ جي ٻوري مفت نہ ملندي ۽ ائين غذائيت جي ڪمي جي ڪري غريبن جا ٻار ڪالرا ۾ تڙپندي مرندا ويندا. اُنهن جو واهر وسيلو نہ ڪڏهن ٿيو نہ ٿيندو.

ڏيهہ ۾ ڪاهي پيل لوڏي ڏُڪار جي ڪري مورن ۾ راڻي کيت پئي ۽ مور مري ويا. ڍڳين ۾ سمهاڙو پيو ۽ ڍور مري ويا. اُنن ۾ سيڙا پيئي ۽ وڳن جا وڳ چَٽ ٿي ويا. رڍن ۾ ماتا پئي ڌڻن جا ڌڻ اُجڙي ويا. ٻارڙن ۾ ڪالرا پئي ۽ ٿر جي مستقبل جا معمار مري ويا. انهن سمورن ڏکن، اهنجن، بيمارين، بُکن کي صرف فطرت محسوس ڪري ٿي. انهيءَ جهوريءَ ۾ جهُريل سمورو صحرا سوڳوار آهي. روهيڙن جا گُل ڪوماڻيل آهن. ڪارونجهر جو ڪنڌ جهڪيل آهي. مورن ۾ ماٺ آهي. منهنجو اُداس صحرا سوڳوار آهي!

ڏياري جو ڏيئو ڏٺو
ننڍو وڏو چيڙ مٺو

ٿر ٻاڀيهن جي پلر پياس جهڙي ٻاٻاڻي ٻوليءَ ۾ چيل هي لوڪ ڪهاوت ڏياري جو ڏيئو ڏٺو، ننڍو وڏو چيڙ مٺو الئہ تہ ڪهڙي مخمور گهڙيءَ ۾ ٺاهي ويئي آهي نہ ڄاڻ تہ ڪهڙي روح پرور رڌم ۾ رچيل آهي. پر آهي تہ ڏاڍي دل آويز! هن معصوم ڪهاوت جا ڀڪندڙ ٻول جڏهن ٻہ چپن جي چارن تي لُڇندا آهن تڏهن يڪدم خيالن جي خوبصورت واديءَ تي ٻاجهر جي ٻُري سان واسيل خوشبودار ڪيٽ تري ايندا آهن. اُهي ڪيٽ جن جا نہ رڳو چيڙ چاشنيدار هوندا آهن پر انهن جا هنداڻا بہ هانوَ ٺاريندڙ هوندا آهن. اُنهن ڪيٽن ۾ تتي ٿڌي ڪم ڪندڙ ڄُواڻ ٿاريلين جي پگهر جي خوشبوءَ ۾ ٻڏرتي جهڙي سُڳنڌ سمايل هوندي آهي. اُنهن ٿاريلين جي سوادي هٿن جو رڌيل ساڳ بہ ڪنهن ڪنهن خوشنصيب جو ڀاڳ بنجندو آهي. ڏٺي ڏياري ساموندين سڙهہ سنپايا

وارن هنن ڏينهن ۾ اُهي ڪيٽ پُور رس جوين جيئان پچي راس ٿيندا آهن. اُنهن ۾ بيٺل هر شيءَ نہ رڳو مٺي ٿيندي آهي پر قدرتي ڪمال جي ڪري وڏي ذائقيدار بہ ٿيندي آهي. اَسو مهيني جي آخر ۾ اُماوس رات جو ايندڙ ڏياري وارو ٿهوار جتي اونداهي جي خاتمي وارو ڪنياتو ۽ روشني جي نويد ڪٺي اچي ٿو اُتي ٿاريلين لئہ ڏُٽ گڏ ڪرڻ وارو سنديسو بہ ساڻ ڪٺي اچي ٿو. ڏياري ۽ ڏُٽ واري هن مُند ڪي شاهہ سائين بہ خُوب ڳايو آهي. ڏٺ چونڊبينديس ڏيهہ ۾ ساڻ سرتين ساڳ جهڙيون ساهہ سريڪيون سٿون پٽائي رحہ اُنهن پٽن پر پٽڪندڙ ڊِٽ ڏڄاڻين لئہ چيون آهن. جيڪي ڏُڪاريل ڏيهہ ۾ ڏُٽ ڪي وڏي وِٽ سمجهن ٿيون. جيڪي نِت روز نوان ۽ تلخ تجربا ڪري، جهنگل ۽ جبل لتاڙي پير پٿون ڪري، پاپي پيٽ خاطر پاڻ پتوڙين ٿيون. جيڪي آهورين ۾ ان بدران ڏُٽ جا ڏُونرا وجهن ٿيون. اُنهن لئہ ڏُٽ زندگي جو زيور آهي. اُهو ڏُٽ نہ رڳو انهن جي تن ڪي توانائي بخشي ٿو پر سٺيءَ جي ڦُل جهڙي اڇي اُجري ايمان ڪي بہ اٽل رکي ٿو. اُهي ٿاريليون لُلر ۽ لُنب مان

ڏاٽا ڪڍي چانور ڪري رڌن ٿيون. انهن جي آونگن ۾ ڪڏهن بہ پُلاءَ نہ ٿي پچي، پر پوءِ بہ هُو پنهنجي ڌرتي ۽ ديس تي فخر ڪن ٿيون. ڀِٽائي رحہ چوي ٿو تہ:

آٽين ۽ چاڙهين ڏٿ ڏهاڙي سومرا،
ستا ڪيو سيد چئي سانئون سُڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي چاور ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين عمر آراڙي سين.

”سر نسريا پاند اُتر لڳا آءُ پرين“ واري هي البيلي رُت جڏهن سنڌ پرڳٽي جي وسيع سيني تي پنهنجا پوهہ پارن جهڙا پير ڌريندي آهي، جڏهن وچايل وهين جا پيار پرواڻ چڙهندا آهن. جڏهن پرديسي پکيءَ سنڌ وطن ڏي سنپرندا آهن. جڏهن سامروٽيءَ جي سنن جي ساحلن تي اڇن ڪبوترن جا ڪارگو لنگر انداز ٿيندا آهن. جڏهن دُهلن ۽ شرناين جي گونج ۾ ڪونج جهڙيون ڪُنواريون ڳيرو گهوٽن سان لانئون لهي جيون سُندر هُئڻ جو ثبوت ڏينديون آهن. جڏهن ٿاريليون نِرت ڪِلا جو نئون ڪمال ڏيکاريندي مَٽڪو ۽ چروڙي ڪنديون آهن. جڏهن سنڌ جي ڳوٺن جا ڳيرو ڏانديي راند ڪري وطن جي ثقافت اُجاگر ڪرڻ جو سعيو ڪندا آهن. جڏهن لاڙ پٽن تي سُڳنڌاسي ساريون لهنديون آهن. جڏهن پشاوري حسينا جي ڳلن جهڙا ڳاڙها ٽماٽا بديڻا جي منڊي ۾ منڊ منڊيندا آهن جڏهن وڻجارا وٽج تي ويندا آهن. تڏهن ڏيئن وارو تهوار ڏياري ايندو آهي. تڏهن ٿاريلا ڏُٿ چُونڊيندا آهن. ڏُٿ جيڪو ٿرواسين جي حياتي جو حصو بڻجي چُڪو آهي. باقي سرڪاري ڪٽڪ جا ڪهڙا آسرا؟ وڏيرن جي واڳون واتن مان ٻچيو ڪوڪڻ ملي تہ واهہ نہ تہ مڻ جو اصل سوچجي ئي نہ! ڏُٿ تہ پوءِ بہ ڏاتار جي ڏيا آهي. اُن تي ڪنهن بہ راڄ جو حُڪم نہ ٿو هلي. ڏُٿ گهٽي ڀاڳي جهنگل جو منگل آهي. ڀٽائي صاحب چوي ٿو تہ:

نڪا جهل نڪا پل نڪو رائر ڏيهہ ۾،
آٽيو وجهن آهورين روڙيو رتا گُل،
مارُو پاڻ اَملهہ مليرون مَرڳٽون.

جهنگل ۾ ٿيندڙ ڏُٿ هن ريت آهي، ڀُرٽ، مُرٽ، هرڻ چيڙي، سانئون، پپون، ڪونڊير، ڪُنڀيون، تينڌسيون (مهيا)، پيرون، چيڙ، مريڙو، لُلر، لُنب،

لاٽي، سنگر، ٻير، پُسي، ڏونرا وغيره هي سڀ تقريبن جهنگلي ڏُٽ آهن. جنهن کي وٽي سو ڪري وجي. ڪنهن جي ٻہ جهل ڪانهي ڪا، ان ڪانسواءِ ٻيو ڏُٽ هوندو آهي ٻنين جو اُهو پوک جي حساب سان ٿيندو آهي. اُهو ڏُٽ انهن کي ئي هٿ ايندو اهي. جن جون ٻنيون هونديون يا ڪٿي هاريپو ڪندڙ هوندا. باقي عام جام اُهو ڏُٽ مُشڪل آهي. اُن ڏُٽ ۾ ڇيڙ، چانهيا، گدريون، گُوار، مُٽ، ڪوٽينبڙ، تينڏسيون(مهيا) وغيره هوندا آهن. ڇيڙ ۽ گدرين کي ڇيري، ننڍا ننڍا ڳترا (ٽُڪرا) ڪري پوءِ سڻ (ٻوٽي جو قسم) تي اُس ۾ سُڪائيندا آهن. جنهن کي لاچريون/ ڪاچريون چون. اُهي لاچريون سڄو سيارو ساڳ (ڀاڄي) ۾ ڪم ڏين. اُنهن سُڪل لاچرين جو ساڳ تمام ڀلو ٿيندو آهي. گُوار جون ڦريون ڇُونڊي پوءِ سُڪائي ڇڏيندا آهن. اُهي ٻہ سياري ۾ ساڳ طور استعمال ٿينديون آهن ۽ اُنهن کي گيهہ ۾ ڀُڳي لوڻ هٽي ٻہ کائيندا آهن.

چانهين کي ٻہ اڌ ڪري اُن مان ڪُريون/ ٻج ڪڍندا آهن. اُهي ڪريون اُس ۾ سُڪائيندا تہ اُنهن مان رس نڪري ويندو ۽ اُهي خشڪ ٿي وينديون. پوءِ اُنهن کي آهورين (اُکرين) ۾ وجهي ڳُڙ ملائي ڪُٽيندا آهن. ڪُٽڻ کان اڳ ۾ انهن کي چڱي طرح خالي برتن ۾ پڳندا آهن. اُهو ڪُرين جو ڪُٽو نہ رڳو جسم کي اُبيل ڏيندو آهي پر ڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. تينڏسين (مهيا) جون ٻہ لاچريون ٿينديون آهن. اُهي ٻہ سياري جو ڀاڄي طور استعمال ڪبيون آهن.

اُن ڪري ان سموري ڏُٽ ۽ ڏاڪڙي کي ٽَريا وڏي وٿ سمجهن. چوندا آهن تہ ڪٿيءَ جي ڏوڙ ٻہ ڀلي مطلب تہ هن مهيني ۾ جيڪو ڪُجهہ ٻہ هٿ ايندو اُهو تمام ڀلو. چو تہ سڄو سيارو ڳَتاءِ ٿيندو!

هيل نہ مينهن وٺا نہ ئي ڪو خاص گاهہ ٿيا، نہ ئي وري ڪٿي ٻنيون چڱيون ٿيون. جاڙن ڏُڪارن جي جاڙ مسڪين ماروئڙن جا لاهہ ئي ڪڍي ڇڏيا آهن. هيل ڏُوٽياٽين جا ڏُٽ کان خالي کارا ۽ ٽُبڪا ڏسي اندر اڌ ٿيو پوي ٿو. خبر ناهي تہ ايندڙ سيارو مارو ڪيئن ڪٽيندا...!!؟؟؟

وسڪارو

وسڪارو ورڻ سان نہ رڳو ٿر جي جَر پياسي ڌرتي جي اُڃ اجهامندي آهي پر ٿاريلن جي زندگي بہ سوءِ سينگار ڪري ريٽن تي مورن جيان رقص ڪندي آهي. وسڪاري ورڻ سان نہ رڳو ڪوهن تي ڪينچلون موتي ايندڙيون آهن پر ويران وٿاڻن جي پٽن ۽ ڏنارن جي پياسن چپن تي بانسري جا سُر ملهارين ۾ مارئي ڇيڙيندا آهن. ترائين جي تار ڪپن تي ڪانهوڙي ۽ ٽيج جا ڳيچ گورين جي نازڪ نڙين مان ائين ڦٽي نڪرندا آهن جئين ڌرتي جي سيني مان ڪُنڀيون ڦُٽنديون آهن وسڪاري ۾ ڪيت ڪڙندا آهن. مال مڙندا آهن. قصا ڇڙندا آهن. روح پرور رهاڻيون رچنديون آهن هرڙيون نچنديون آهن. ٻاجهريون پچنديون آهن. اُجايل تاڙي جي اُڃ سُواتي بوند سان سيراب ٿيندي آهي. پياسا هرڻ ڇلر جو پلر پي ڪنوڻ ڪجڪي جهڙا ڇال ڏيندا آهن وسڪاري ۾ ٿر جي اداس نجهرن ۾ اندلني حياتي جهڙي هڪڙي آس موتي ايندي آهي. ثقافتي ريتون ۽ رسمون نئين سر نروار ٿينديون آهن. ليڙون لٽن سان لڳ ڍڪيندڙ ٿر جا اٻولڙا ٻارڙا پنهنجن معصوم هٿن تي مينهن ماماٽا رکي وڏي سرهائي محسوس ڪندا آهن. ڪيتن ۾ ليڏاڻ ڪيندي ٿر جا هاريئڙا هڪ انداز ۾ همرچا هونگاري ٿر کي جنت جهڙي جاءِ ٻڻائيندا آهن. ڪيتن جي سيڙهن ۾ چڙن جي چينگار سان چرندڙ مال کي ديڪارا ڪندڙ ڏنارن جڏهن ڪير پٽي چانهہ ڪاڙهي اک جي پُڙي ۾ پيئدا ۽ پيارڻدا آهن تڏهن سندس ڪلهن تي پيل سانداريون بہ سرهيون ٿينديون آهن. اهڙي ئي محبوب وسڪاري ۾ اداس هونديون آهن اُهي ٿاريليون جن جا ڪانڌ پيار جا پانڌ وساري پاپي پيٽ خاطر ٻئراج ڏي ويل هوندا آهن. انهن جون وفادار ونيون وسڪاري ۾ تاربنيون ڏسي پنهنجين ڦٽڪندڙ دلين تي هٿ رکي هئين پڪاريندي‌يون آهن بقول يارو امراڻي جي تہ:

هاءِ پيارا جيءِ جيارا،
وسڪاري ۾ ورٽي وسري،
توکي پنهنجي پرٽي وسري،
کهڙي ڪرٽي کهڙي پرٽي،

مُنهنجي دلڙي زخمي هرڻي،
تڙپي تڙپي مرڻي وسري،
توکي پنهنجي پرڻي وسري.

پاپي پيٽ خاطر پنهنجيون پرڻيون وساري پرديس جي پٽن ڏانهن ويندڙ ٿاريلا وسڪاري ۾ پنهنجو وطن سنڀاري اڌ ڪُٺل تتر وانگي تڙپي پوندا آهن. تڙپي تہ اهي جيجلون بہ پونديون آهن جن جون ڏيئرون سماجي ريتن جو ٻارڻ ٻڻجي پرائي ڏيهہ ۾ پرڻائجي وينديون آهن. پنهنجي پيٽ ڄاين کي وسڪاري جي ”ورتولن“ عيد، ڪانهوڙي ۽ تيج ۾ سنڀاري اُهي اياڻيون مائرون اڪثر روئنديون ئي رهنديون آهن. وسڪاري ۾ وسندڙ ٻادلن سان گڏ انهن جي نيڻن جا نيسارا بہ ندين جئين وهندا آهن. اُنهن جو دادليون ڏيئرون پرائي ڏيهہ ۾ ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا مرنديون، پڄرنديون پنهنجي مائرن ڏي هوائن هٿ نياپا موڪلينديون آهن. ڪبوترن جي ڪنن ۾ هي ٻول ٻڌائي چونديون آهن تہ ”بيرا منان بيگو تيڙڻ آوي آئي سرامڻ ري تيج“ سرامڻ واري وڏي تيج تي وسڪاري ورڻ سان حياتي سموري سوُنهن سان ٿر جي ٿاڪن ۾ موتي ايندي آهي. سينڌ نموريل سرتيون، ويندلا ويڙهي، ڪُم ڪُم جا ٽيلا ڪيڊي، ڊگهين ڳچين ۾ هنسيون هار پائي جڏهن ڪنڊي جي وڻ ۾ ٻڌل پينگهہ ۾ لُڏنديون آهن تڏهن سندن لُڏندڙ سڳين سان گڏ ٿر بہ چڻ جهولي ۾ جهلندو آهي. پازيبن جا ڇمڪا، چوڙين جا ڪڄڪا ۽ ٻاجو بند ٻانهُن جون ادائون پسي حياتي هوشربا ٿي پوندي آهي. وسڪاري جي سرهاين ڀري ساوڪ ۾ اهڙا منظر ڏسي اکيون خمارن ۾ سرشار ٿي پونديون آهن. اکيون تڏهن بہ خمارجي وينديون آهن جڏهن کوهن مان پاڻي ڪيڊي اواڙا اميهري، ڪپوريا ناهي، ڀٽاري مال کي ڏنار پاڻي پيارينڊا آهن. چڙن ۽ چنگن جي مدم سازن سان سينگارجي ايندڙ ڀٽاريون پنهنجي ڏوجهارڻين کي ڏسي ڀري ڪان پسوئجي پونديون آهن. ڏوجهارڻيون جڏهن کير جا هانڊا، چروڙيون ۽ موريا ڀري کوهن تان موٽنديون آهن تڏهن وسڪارو بہ مُرڪي پوندو آهي. سيمون بہ سرهيون ٿي پونديون آهن.

وسڪاري جو ورڻ سان جڏهن ڌرتي ساوا ويس ڪندي آهي جڏهن مور جهينگور ٻوليندو آهي. ڪونڊير جي ڪمائتي ول سائي ٿي سرجندي آهي. ڳاڳيون گانگهيٽيا جهلينديون آهن. جڏهن ٿاريليون ڀتوارڻيون ڀتا

ڪٽي بڪين پيٽن سان ڪيتن ڏي ويندي ڪينچليون ڪنديون آهن. جڏهن هاري ٻنين ۾ ليڏاڻ ڪيندي همرچو هڪ آواز ۾ هڪ انداز سان ڳائيندا آهن تڏهن ٿر بلاول اوٺي جو ملڪ امر ٿي پوندو آهي. وسڪاري ۾ وريل ٿر جو جوڀن پسي سنڌ جي امر ڪوي شيخ اياز چيو هو تہ ”مون ڪي جي ٻيو جنم مليو تہ آئون ٿر ۾ جنم وٺندس“ راهومڪي بازار جي رُج ڪان وٺي چوڙيئي ۾ ڀُهراٽي جي ٻنين تائين سموري ٿر ۾ جڏهن سانوڻي جا سرمئي ڪڪر پنهنجا وشال شاور کوليندا آهن تڏهن پلر جي پاڪ پاڻي سان نہ رڳو وڻن جا وجود شنان ڪندا آهن پر ماروئڙن جا من بہ وهنجي پوندا آهن.

سال جا 8 مهينا قوت جي ڪمي ۾ لوڙهيندڙ ٿري ماروئڙا وسڪاري ۾ ڪير ۽ مکڻ کائي وٿامن جو پورائو ڪندا آهن. وسڪاري ۾ ڪير، مکڻ، جهڻ ۽ ”وشنان“ عام جام ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ نہ هوندو آهي تہ پاڙي مان بہ ملي پوندو آهي. وسڪاري ۾ ٿرين لئہ سائي ڀاڄي بہ ٿي پوندي آهي مريڙو، لُلر، گدريون ۽ چانهيان سائي ساڳ طور استعمال ڪيا ويندا آهن. جيڪي نہ رڳو پاڻ پچائي کائيندا آهن پر سيٽن ڏي سوکڙي طور بہ موڪليندا آهن. گدرين ۽ چيڙن مان ڪاچريون ٺاهي پڪل چانهين مان ڪُريون ڪيڍي ٿاريليون پنهنجن پيارن لئہ رکنديون آهن. انهن لئہ جيڪي وسڪاري تي ٿر ۾ نہ هوندا آهن. وسڪاري جو اگر ڪنهن ٿاريليءَ جو ور گهر نہ هوندو آهي تہ هُوءَ اڪثر اداس رهندي آهي ۽ وسندڙ مينهن سان گڏ انگوري بدن ۾ اٿليل برهہ جي باهہ ۾ پچرندي تسياري تاڙي جيان تنواريندي آهي بقول شاعر:

وسڪاري ورڻ سان سيني ور وريا،
پر توري ٿريا ڪئين ڪندي ٿاريلي.

سنئوڻ سڄڻ من ويري...!!

واريءَ مان بجلي پيدا ڪندڙ گولڊ ميڊلسٽ سائنسدان ولي محمد راهمون وارو رنگيلو ريگستان ٿر، جتي ايڪهين صدي واري هن جديد دور ۾ بہ قديم زماني واريون عجيب روايتون، ريتون، رسمون، سنئوڻ، ساٿ وهم، گمان اڄ بہ موجود آهن. انسان جو عقل دنگ ڪرڻ جهڙين روايتن تي اڄ ڏينهن تائين ڪا بہ خاص تحقيق ناهي ٿي، نت روز نين دريافتن سان دنيا پلي وڃي چنڊ تي پهتي آهي، پر ٿرين وٽ ورياسين پٽن تي جيئڻ جا جتن ۽ جواز بنھ پنهنجا آهن. بلڪ سڄي جڳ کان جدا آهن! نرالي نوعيت واري انهن نظرين جي آڌار ئي ٿاريلا پنهنجي هر سفر جو سانياهو ڪندا آهن. گهر ۾ مهمان اچڻ، برساتون پوڻ، موت، ڪم ۾ رنڊڪ پوڻ، ڪم نہ ٿيڻ جهڙيون اڻ ڏٺيون اڳڪٿيون سنئوڻ ويچاري ئي ڪيون وڃن ٿيون. ڪيئي پيرا سائنسدانن جون اڳڪٿيون بہ ڪوڙيون ٿي وينديون آهن. پر مجال آهي جو ڪنهن سمجهو (ڳٺواڻ) ٿاريلي سوهڻي جو ڪو سنئوڻ/ سُگن ڪوڙو نڪري! بندوق جي گولي گسي سگهي ٿي پر منڊي تي ٽڪ وانگي سنئوڻ سمجهڻ واري ڪنهن سوگني جو سنئوڻ نہ ٿو ٽري سگهي.

مڃون ٿا تہ پکين جون پوشيده ٻوليون پروڙڻ، وسيئرن جا وٽ سمجهڻ، ٻوپ جانورن جا ڳجها راز ڄاڻڻ وارا پريا مرد ۽ ساجاھ وند سياڻا گهٽي پاڳي ماضي جو قصو ٿي ويا آهن پر پوءِ بہ سنئوڻ سڄڻ من ويري واري سٽ کي سمجهي ملهالو جي مام ۽ ڪتي جي ڪروٽ ۾ لڪيل پيغام کي پرکڻ وارا آڙيڪاپ سوگني اڄ بہ موجود آهن ۽ اها سنئوٽن واري ثقافتي روايت راڄن مهاجن ۾ جيئن جو تيئن مروج آهي. اڄ بہ ڪنهن سني ڪارج جي شروعات ڪرڻ وقت سنئوڻ ٻولائڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

اهي سنئوڻ ساٿ پلي ڪٽي سئو فيصد سچا نہ بہ ثابت ٿين پر پوءِ بہ انهن جي پيغمبري کان منهن موڙڻ وقت جي وڏي چريائي ٿيندي. اڻ پڙهيلن جي هن اُملھ علم کي سائنس الئہ کهڙي سبق طور وٺندي پر عقل جو نڪتو انهن کان انڪار قطعي ڪو نہ ڪندو!

ڪنهن بہ نيڪ ڪم تي نڪرڻ مهل ٽاريلا ڏسا سول جا ڏک ساڻ کڻي ناهن نڪرندا، جنهن ڏس، جنهن ڏينهن ڏسا سول هوندو، ان ڏينهن ان ڏس/ طرف ڪم تي نہ ويندا آهن.

سٺا سنئوڻ:

ڪنهن بہ سُڌ ڪارج ڪرڻ لئہ ٽريا سُٺا سنئوڻ ٻولائڻ لازمي سمجهندا آهن. خاص ڪري گهر مان نڪرڻ مهل ۽ منزل تي پڄڻ وقت سٺا سنئوڻ ڪم ٿيڻ جي گارنٽي هوندا آهن.

انهن سنئوڻن ۾ ڪجهہ هن ريت آهن. گهر کان ٻاهر نڪرڻ يا ڪنهن سٺي ڪم جي شروعات ڪرڻ وقت پهريون ديدار پاڻي ڀريل مٽڪن سان ٻانهياري جو ٿئي تہ پنئون ٻارنهن يا تلڪ ڏنل برهمڻ، سهاڳڻ جي هنج ۾ ٻالڪ، ڏوتل ڪپڙا کڻي ويندڙ ڏوٻي جو درشن ٿئي تہ بہ سٺي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي.

تلڪيوڙو پنڊت ٻالڪ ٻائيڙي هنج،
مَٽڪا ڀريل پدمڻي، ٿونئر ٽانڪيل ڪنج،
اتنا سنئوڻ لي چلو جرا نہ آوي اهنج.

مذڪوره سنئوڻ ساڻ ڪري ڪنهن بہ ڪم تي ويندڙ کي ڪا بہ تڪليف نہ ايندي.

ڀرن تي ڪارن پٽن واري پياري سفيد پکي جا سنئوڻ بہ سماج جي ڪاريہ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. هن پکي کي وقت جي تقاضا طور مالهاري ۽ سانگوٽي چوندا آهن، ڪنهن بہ سڌ ڪم تي نڪرڻ وقت هي پکي ساڄي پاسي ٻولي تہ مالهاري چوندا آهن ۽ کاٻي پاسي ٻولي تہ سانگوٽي چوندا آهن. ياد رهي تہ سانگوٽي سٺي سنئوڻ ۾ سمايل آهي. مالهاري خراب ۾!

ڀريات ٻولي ڪانگڙي چونئري ري چوٽي،
ڪتو ڪروٽ بدلائي مجمان آوي اڪ ٻوٽي.

ڀريات/ ڀرهہ ڦٽي ويل گهر جي ڇت تي ڪانگ/ ڪانوَ ڪيئہ ڪيئہ جي آواز سان ٻولي، ڪتو اڱڻ تي پاسا بدلائي تہ سمجهو اڪ ڦڙڪڻ جيتري دير ۾ مهمان اچي ويندو اهو بہ سنو سنئوڻ آهي.

ساڄي اک ڦڙڪي يا ساڄو ڳل ڦڙڪي تہ وڏو فائدو حاصل ٿئي ۽ هر طرف واهہ واهہ ٿي وڃي.

ڏائو خر ڪڙوڪي جمڻو ڦوڪي وسيئر مڙهو اپڻو جائي،
اي سنئوڻ ساڻ لي چلي، او ڪڏهي نہ دوکو کائي.

خر معنيٰ گڏهہ. وسيئر معنيٰ زهريلي بلا/ نانگ. گڏهہ کابي پاسي هينگ ڪري، نانگ ساڄي پاسي نظر اچي، لاش پنيرو ڪٽي ويندا هجن، هلڻ وقت مذڪوره سنئوڻن مان ڪو بہ هڪ سنئوڻ ٿئي تہ اهو ماڻهو ڪڏهن بہ خطا ڪو نہ کائيندو، ڪو بہ نقصان وغيره ڪونہ ٿيندو.

سٺن ۾ خراب سنئوڻن ۾ ڇڪ/نڇ جو بہ وڏو ويچار ڪندا آهن. واٽ ۾ هلندو هڪ ڇڪ اچي تہ سٺي آهي. هڪ ئي وقت بہ يا ٽي ڇڪون بہ سٺائي آهن ۾ ڪانوَ ۾ ٻلي ڪانسواءِ ڇپڪلي (ڇڇي) ڪرڙي جو ماڻهو جي بدن تي ڪرڻ بہ سٺن سنئوڻن ۾ شامل آهي. مٿي تي، نرڙ تي، ڪنن تي، ساڄي ٻانهن تي ۾ ٽنگن تي ڪري تہ بہ شڀ سنئوڻ آهي.

ڪلهن تي هر ڪٽي ٻني ڏي پوک جي پهرين ڏينهن ويندڙ هاريءَ کي جيڪڏهن پريل دلن سان سهاڳڻ ناري يا ڪنواري ڪنيا سامهون اچي تہ ان جو سمجهہ گيهہ ۾ لولو ٻني بحرحال ٿيڻ جو سئو سيڪڙو سرٽيفڪيٽ! تاڙي جي تنوار ٿئي تہ سمجهن مينهن اجهو وٺو. ڊگيون هڪ ٻئي کي ڇٽين يا ٻڪريون رات جو وٿاڻ ۾ اُٿي اڱندي مهاڙ ڪري ويهن تہ بہ مينهن پوڻ جا پڪا پُختا سنئوڻ سمجهجن. اهڙي طرح جيڪڏهن ٻلي رات اڳيان جو مَٽي/ گذري يا نظر اچي تہ ان کي چوندا آهن سنو سنئوڻ ۾ ٻلي کي رات جو لڪشمي جو درجو ڏيندا آهن. ان ڪانسواءِ ٻيا بہ سٺا سنئوڻ آهن. مثلاً؛ گهوڙو، پالڪي، هاٿي، اڇو ڍڳو، ڳئون، مساڻ ڏي ويندڙ مڙدو، ڏائو گگهہ پکي، ڏائو تتر وغيره ڪانسواءِ بہ ٻيا انيڪ سٺا سنئوڻ آهن جن جو علم سُگنين جي سوچ ۾ آهي.

خراب يا بد سنئوڻ:

نڇ ڪنهن بہ پلي ڪم لاءِ گهر کان نڪرڻ وقت يا ڪم ۾ هٿ وجهڻ وقت جيڪڏهن ڇڪ ٿئي تہ بنهہ بيڪار سنئوڻ سمجهيو وڃي ٿو. ڪتو ڪن ڦڙڦڙائي، اٺ پڻي دنڊوٽي يا ڪير پويان سڏي تہ بہ خراب سنئوڻ آهن. ڪير سڏ ڪري پڇي تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين تہ ان کي اوڪار يا مت ڪار چوندا آهن ۾ ويندڙ ماڻهو سڏ ڪندڙ يا مت ڪار ڏيندڙ کي چوندو تہ وڃان ٿو ڪيڻ جا ڪن وڍڻ بعفي ايئن بہ چون تہ ڪتي جا ڪن وڍڻ. ڪانوَ

جيڪڏهن ڪرو ڪرو يا ڪٽ ڪٽ جي آواز سان ٻولي تہ بدسنئوڻ آهي. ڪم ۾ مشڪلاتون پونديون آهن!

سج اُڀرڻ مهل ڪتو دانهون ڪري سج ڏانهن نهاري، اگهاڙو مرد نظر اچي، سنڍ زال اڳيان اچي، بيواهہ جو درشن ٿئي يا نور اڳيان اچي آگ ٻوٽي وچي اهي سڀئي سنئوڻ بنهہ خراب آهن. اهي سنئوڻ ٿين ۽ پوءِ بہ ماڻهو ڪم تي وڃي يا ڪو ڪم شروع ڪري تہ سمجھو اِهو پڪو هرج پريندو يا ثابت واپس نہ ايندو. ٻليءَ جو پاسي ڪان لنگهڻ يا نظر اچڻ ڏينهن جو تمام خراب آهي.

ڪاٻي پاسي پيرب (چٻ) ٻولي ۽ ساڄي پاسي راجا (گگهہ) ٻولي، اهي سنئوڻ ٿين پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪم تي وڃي يا شروع ڪري تہ اهو وڏي خطا آهي ۽ واپس صحيح سلامت قطعي ڪو نہ اچي. زندگي ڪي لهر لوڏو اچي. ان ڪانسواءِ ٻيا بہ خراب يا اپسنئوڻ آهن. جيڪي هي آهن. ساڄي پاسي گڏهہ جي هينگ، ساڄو تتِر، انڌو ماڻهو، گرپوتي نار، باهہ، ٻلين جو وڙهڻ، التي ڪندڙ ماڻهو بيمار ماڻهو چمڙو، ڪٻڙي زال ۽ هڏي وغيره. اهڙي طرح ڪرڙي نڪ تي ڪري، ڪاٻي ٻانهن تي ڪري، پُٺي تي ڪري تہ بہ بد سنئوڻ آهن. هاريءَ پهرين ڏينهن پوک تي وڃي ۽ اڳيان خالي دلن سان ٻانهياري نظر اچي يا ڪانيون ڪٽي ايندڙ ماڻهو تہ بہ خراب ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي. ڪنهن بہ ڪم تي وڃڻ مهل سامهون ڇڄ اچي يا سنڍ ماڻهو گذري تہ بہ بدسنئوڻ چوندا آهن.

بدسنئوڻ ٽارڻ لاءِ اُپاءُ:

ڏرمي ٽپڻي موجب ڪنهن ڪي جيڪڏهن بدسنئوڻ ٿئي تہ ان ڪي ٽارڻ لاءِ بہ ڪجهہ طريقا آهن. يارنهن پيرا ڊگها ساهہ ڪٽي پوءِ وڃجي يا پگ موڙو ڪجي (ڪجهہ دير ترسي پوي). پاڻي جي لپ پيئي يا ڪجهہ ماني پور وات ۾ وجهي، چوندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان اپسنئوڻ جو گهٽي قدر دوش گهٽجي وڃي ٿو. وڏيڪ تہ هنن پراسرار پيغامن جي پروڙ انهن ساڃاهہ وند سوهڻين ڪي ئي آهي جيڪي هن ڳجهي علم جا عقابر سمجهيا وڃن ٿا. اڄ ڪلهہ جديد دنيا ۾ هنن روايتن ڪي وهم گمان چيو وڃي ٿو پر هنن ٽرين جي پنهنجي الڳ دُنيا آهن.

ٿر جا ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻن جو ڏينهن ملهائڻ واري تجويز...!!

ٿر جو اصلي حُسن ته ٿر جي ٻھراڙي ۾ جهلڪي ٿو ٿر جي ٻھراڙي جتي نه شهرن جهڙي دز، نه ڪارخانن جو دونهون، نه گاڏين جو گوڙ، نه ماڻهن جو شور، نه جديديت جو جنون، نه اجائي ناهه نوهه. اُتي بس سادن ماڻهن جي سادگي سان ڀريل شاندار تهذيب ۾ سادڙو پيار ساهه کڻي ٿو. ٿر جي ٻھراڙي ۾ آهن ته صرف سونهن ڀريا نظارا جن کي ڏسي اکين کي سڪون اچيو وڃي. ٻھراڙي ۾ آهن مورن جا مڌر ٽھوڪا، تترن جون تنوارون، سهن جو سرگوشيون، هرڻن جا چال، ٻتارا مال، مال ۾ چڙا، ڪنوارين ڪڇن ۾ ڪورا گهڙا، گورن انگن تي پياجي پڙا ۽ ريلن ۾ رمندڙ گُلن جهڙا ٻارڙا. ٻھراڙي ۾ گهر ڪکاوان ۽ ڪچا آهن پر ماڻھو دلين جا صاف، سچا ۽ ارادن جا پڪا آهن. انهن ۾ بي لوث محبت ۽ سُني صحبت آهي. اهي نه ڪنهن جي آئي ۾ نه ڪنهن جي وئي ۾. قاضي ڄاڻي قيام ڄاڻي. هر ڪو پنهنجي روزي روٽي ۾ هٿ پير هڻي حلال جو ڪائي ٿو. سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪندي سنجها ٽاڻي ٿڪل ٽُٽل جسم سان، مُڇ جي وڻيل منجي تي ويهي ستارن سان اندر جا آروگ اوريندي وڏو سڪون ماڻين ٿا. نه ڪُتڪو نه ڪيلي، اُلڪو هُجي ٿو ته بس اهو ئي ته صبح جو وري هٿ پير هڻنداسين تڏهن ئي ماني ملندي، نه ٿگي نه ناهه، پنهنجي حق جي سچي سون جهڙي ڪمائي ٻھراڙي جو اعليٰ گُڻ آهي.ٿر جنهن جي ٻھراڙي کي سڪون جي سرڳ چئجي ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. ٿر جا ڳوٺ ڀرم ۽ شرم جا گهوارا آهن. جتي وڏ ننڍائي جو ادب ۽ احترام وڏي شوق سان ڪيو وڃي ٿو. جتي وڏن جي روبرو ڪير به ڪٽ تي ناهي ويهندو. جتي پرائي گهر جي اوٽي تي پير رکڻ کان پھرين جُتي لاهي ويندي آهي ۽ مٿي تي ٽُوال يا ٽوپي پائبي آهي. جتي جون عورتون سس ۽ سُهري، ڏيور ۽ جيٺ کي ماٽن کان مٿي سمجهن. جتي جا ڳيرو ڳوٺ جي نياڻين کي پيٽڻ جئين پائن ٿا. جتي وڏن جي اڳيان سگريٽ نوشي ڪرڻ تي به سخت منع ٿيل آهي. جتي تاري اُڳي جو ڀرياتي پلن ۾ پکين سان گڏ

پدمڻيون اُٿي ولوڙا ولوڙين ٿيون. جتي سج ڪُني ڪيڻ ڪان اڳ ۾ گهرتين جي گهور نياڳن کي ننڊ مان اُٿاري ٿي. جتي اڄ بہ وڻن ۽ ڏڌن سان وڏو پيار ڪيو وڃي ٿو. جتي صبح شام مورن ۽ پاريھرن کي داڻو پاڻي دان ڪيو وڃي ٿو. جتي اڄ بہ هولي ڏياري ۽ عيد تي بنان ڪنھن متڀيد جي هندو مسلم گڏجي هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيندا ۽ وصول ڪندا آهن. ٿر جي ٻهراڙي جو اصلي حُسن تہ آهي ئي مذهبي رواداري. نہ رڳو مذهبي رواداري وارو رواج آهي پر مهمان نوازي بہ ٿر جي ڳوٺن جو مَرڪ آهي. پنھنجي يار، دوست ۽ عزيز کي تہ هر ڪو ماڻھو مجبوري ۾ کارائي ٿو پر ڪنھن اجنبي گهوري گهتي کي جيڪو مان مريادا ٿر جي ٻهراڙين ۾ ملي ٿو ان جو دنيا ۾ شايد ئي ڪو مثال هُجي. ٿر جي ڳوٺن ۾ هيڙي ڏُڪار باوجود جهڙ مکڻ ضرور ملي ويندو. وشنان بہ ڳوٺن ڪانسواءِ ڪٿي بہ نہ ملندو! مچ ڪچھريون بہ ٿر جي ڳوٺن جي وندر ۽ وروڻھن جو اهم ذريعو آهن. ڳوٺ جي هر ماڻھو وٽ پنھنجو ايرو سيرو اوتارو ضرور هوندو. جنھن ۾ بہ چار کٽولا ۽ ٿڌي پاڻي جو ڪورو دلو پريل هر ويل موجود هوندو. شادين جو شُغل بہ ٿر جي ٻهراڙي ۾ جيڪو ڏسڻ وٽان آهي اهڙو ڪٿي بہ ناهي. پُراڻيون ريتون رسمون سنئوڻ ساٿ، لوڪ ناچ، دهل دهماما، سِهرا، لاڏا سڀ ڪجھ ڳوٺن ۾ ئي تہ آهي. اهڙي سدا ملوڪ ٻهراڙي جي ماڻھن سان محبتون ونڊڻ ۽ ڳوناڻن جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ خاطر ”سال ۾ هڪ ڏينھن ڳوناڻن جي نالي ڪيو وڃي تہ تمام بهتر رهندو“. اها تجويز اسان جي دوست اڪبر درس جي آهي جيڪو خود ڳوناڻو آهي. ڳوٺ پوسرڪي ۾ پيدا ٿيو آهي. پوسرڪو جنھن جي پاڻي کي ٿر جي مشهور مالوند ساري سنگهار بہ ساراهيو آهي. تہ ڪونٽرل کهڙيا ڪريان واڪاڻ جي هجين پوسرڪي جي پاسي ۾ ريڊيو پاڪستان مٺي تي ڳوناڻن ۽ آبادگار ڀائرن لئہ اوطاق پروگرام ۾ ملھار جو ڪردار ادا ڪندڙ اڪبر درس جي هي تجويز واقعي سوچڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن نيڪ اُن وقت تجويز پيش ڪئي آهي جڏهن ٿر جي ٻهراڙي بلڪ سڄي دُنيا جي ٻهراڙين جا ماڻھو شھرن ڏانھن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. جيڪو ڳڻتي جوڳو عمل آهي. ڇاڪاڻ تہ شھر اڳي ئي مسئلن جي ڄار ۾ ڦاٿل آهن مٿان اُٿلندو ٻهراڙين جي لوڏ ايندي تہ آبادي وڌڻ سان گڏ مسئلا بہ وڌندا! اڄڪلھ ڏنو وڃي تہ ٻهراڙين جا ماڻھو شھرن ۾ رهڻ لئہ وڏو شوق رکن

ٿا. شايد اُنهن کي اها خبر ناهي تہ شهرن جا وڏا خرچ آهن. بجلي جا بل، گئس جا بل، پاڻي جا بل، فونن جا بل، انٽرنيٽ جا بل، وڏيون وڏيون مسواڙون ۽ پرائيويٽ اسڪولن جون ڳريون فيون. ڀلا ڀهراڙي وارو غريب ماڻهو ڪيئن برداشت ڪري سگهندو. ڏهاڙي بہ سئو روپيا ڪمائڻ وارو مزدور طبقو ڀلا شهرن جو خرچ ڪيئن برداشت ڪندو؟ جڏهن تہ اهو ساڳيو ماڻهو ڀهراڙي ۾ سڪون سان زندگي گُذاري ويندو. ٻيو نہ تہ بہ ڪنهن اجائي آزار ۾ نہ پوندو. ڇاڪاڻ تہ ڀهراڙي ۾ (آئون هتي ٿر جي ڳالهہ پيو ڪيا) 90 سيڪڙو بجلي ناهي. بجلي ناهي تہ بل نہ ڀرڻو پوندو. ڪاٺيون مُفت جون آهن. بس رڳو بدن ڪم ڪري ۽ ماڻهون ۾ ڪجهہ چُرڻ هُجي تہ جهنگل مان 05 منٽ ۾ ڀري ڪري ويندو. پاڻي بہ جر جو آهي. جنهن کي وٽي پيو پيئي. ڪارو منو هر ڪنهن جو مقدر آهي باقي پاڻي مفت جو آهي. ڪير بہ ناڻي جو ناهي وٺڻو هر ڪنهن وٽ اپرو سپرو پنهنجو ڏڻ آهي. اسڪول بہ سرڪاري آهن. ماستر بہ تقريبن هر ڳوٺ ۾ ڳوناڻا (مقامي) آهن. اُنهن کي صرف هدايت ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ ادا پنهنجي ڳوٺ جا ٻار سُڌاريو. پگهار حلال جو ڪري کائو حرام نہ کائو. ڀهراڙي ۾ مسواڙ جو تہ تصور ئي ناهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪي صدين کان پنهنجا ڳوٺ وسايو ويٺا آهن. اُنهن جا اباڻا پلاٽ آهن. اُنهن ۾ اڏيل ڪکاون جهوپڙن ۾ سادي زندگي شهري زندگي کان سئو ڀيرا سڪون واري آهي. نہ چوري چڪاري جو ڊپ نہ ڦُر مار جو خطرو. نہ پلاٽ جي سوڙهہ، هر ڪنهن جا وڏا وڏا ڪُشاده اڱڻ ۽ ويڙها جن جي احاطي ۾ نمن ۽ ڪنڊين جا وڏا وڏا وڻ ۽ اُنهن وڻن جي ڇانوَ ۾ مور ۽ ڍور تلورا ڏين پاسي ۾ گدلا ٻارڙا اِتي ڏکر ۽ ڳِدي راند ڪيڏين. ويڙهي وارن وڻن ۾ پدمڻيون پينگهون ٻڌي لُڏن، اهڙي اُملهہ ڳوناڻي زندگي ڇڏي شهر جو رُخ ڪرڻ وقت جي تقاضا نہ پر وڏي چريائي چئبي.

ميجون ٿا تہ جديديت جي جنون واري هِن وحشي دؤر ۾ ٿر جي ڳوٺن ۾ بہ گهڻو ڪجهہ بدلجي چُڪو آهي. مٿي ۾ ميٽ سان واسيل واسينگن جهڙا وار هاڻي جديد صابڻ جي عجيب خوشبوءَ سان سينگاريا وڃن ٿا. سانورين سينڌن کي نمورڻ بجاءِ اُنهن ۾ جديد ”جيليون“ لڳايون وڃن ٿيون. چانگن تي چڙهڻ بدران موٽرن جا مزا ورتا وڃن ٿا. ٿڌي لسي سان نيرڻ ڪرڻ بجاءِ صبح شام ڪچي نري جو ذهر ڏوڪيو وڃي ٿو. گاسليٽي فانوس بجاءِ چائنا

جون بتيون ٻاريون وڃن ٿيون. چمڙي جون چاڪڙيون پاڻ بدران ربڙ جون نُور وچائيندڙ جُتيون پايون وڃن ٿيون. وڙولن تي مال وارڻ بدران فونن تي ڳولا جا نوان تجربا ڪيا وڃن ٿا. ٿاريليون ٻاجهر جي ماني پچائڻ بہ وساري ويٺيون آهن. گهڻو ڪجهہ بدلجي چُڪو آهي. مڇ ڪڇهرين جا موضوع بدليا آهن. تهذيب جي تاريخ تبديلين جي ور چڙهي چُڪي آهي. پر پوءِ بہ اجان گهڻو ڪُجهہ ٿر جي ٻهراڙي ۾ ساڳي نموني ساهہ کڻي ٿو. ٿر جو ڳوناٽو ڪلچر ڪيڏو بہ نواڻ جي ناٺ ٿئي پر پوءِ بہ اجان تائين ”سيلفي“ ڪلچر جهڙو سينوريل ناهي، نہ ئي برگر ڪٽ جو ڪو حصو ٿيو آهي ٿر جي ڳوٺن ۾ اڄ بہ نياڻي کي رخصتي مهل ڏورو ڳايو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ٿر اڃان ”مُني بدنام“ جهڙي واهيات ڳاني تي ڊسڪو ڊانس نٿو ڪري. ٿر تہ اڄ بہ همرچي تي متڪو ڪري مور نچائي ٿو. ٿر جون ڳوناٽيون ناريون اڄ بہ اجنبي اڳيان گهونگهٽ ڪڍڻ ناهن وساريندڙيون. ڇاڪاڻ تہ اُهي ”جينس پينٽ“ واري اڌ اُگهاڙي پوشاڪ کان متاثر ناهن ٿيون. ۽ نہ ئي وري ”پينسِل هِل“ واري پاسي وڙڪن ٿيون. ٿر جي ڳوٺن جا ڳڀرو فحش فلمن تي قيمتي وقت وڃائڻ کان ونجهہ وٽي کيڏڻ وڌيڪ بهتر سمجهن ٿا. فيس بُڪ ۽ ٽوئيٽر واري ٽرڙائپ کان پري پڄندڙ ٿر جا ڳوناٽا سگهڙن جي ڪچهري اڄ بہ وڏي شوق سان ٻُڌن ٿا. ٻهراڙي جا ٻارڙا وڊيو گيم واري نئين وندر بدران آڪو پايو ۽ ڪارڙو ڪنپاڙو وڏي شوق سان کيڏين ٿا. ڳوٺن جون ڳڻوان ٿاريليون ”پتي“ کي پرميشور مڃي پرڻام ڪن ٿيون. وار پرب ۽ شادي مُرادي وارن موقعن تي ٿيندڙ رهاڻن ۾ پن جي بيڙي، سُلفي، ناس، جينور جي ٽڪي ۽ ڪاٿ سوپاري جو استعمال اڄ بہ عام ٿئي ٿو. اجهورن سان بي پناهہ پيار ڪندڙ ٿر جا ڳوناٽا ڏنار اڄ بہ ساندار/ڏيڙڪي ۾ پاڻي کڻي سيمن ڏي وڃن ٿا. اُنهن کان سيندن ۾ مارئي ڳائڻ اڄ بہ ناهي وسريو. وسريو تہ ”آنبليو“ ۽ ”لِڪ لِڪوتي“ بہ ناهي، لڪ لڪوتي واري سحر انگيز رومانس تي ٿر جي پلوڙ شاعر شنڪر ساگر جو شعر ياد اچي ٿو تہ:

لڪ لڪوتي ۾ هُن جي چوٽي ۾ منهنجو هٽ پئجي ويو.

ڳوناٽن بابت اڪبر واري اها تجويز اڄ پلي کڻي ننڍڙي لڳي ٿي. پر وقت ان جي اهميت جو فيصلو ضرور ڪندو. ان ڪري اچو تہ گڏجي سال ۾ هڪڙو ڏينهن ڳوناٽن جو ڏينهن Villagers Day ڪري ملهايون. ڳوناٽن سان

ڪچھريون ڪيون. ڳوٺاڻن جون ڳالھيون ٻُڌون پنھنجي ڳوٺن جي سونھن، ثقافت، تھذيب، مور، ڍور، مذھبي رواداري ۽ لوڪ ادب بچايون. ان ڪري اسان ٿرواسين اھو حتمي فيصلو ڪري ڇڏيو آھي تہ ڀيو ڪير وليجر ڏي ملھائي يا نہ پر اسين ٿر جا مارو ماڻھو پھرين اپريل تي ضرور ملھائينداسين. دُنيا ڪوڙ جي پوئيواري ڪندي ڪوڙ جو ڏينھن ملھائيندي، اسين پنھنجي ڳوٺن جي بقا لاءِ ڳوٺاڻن جو ڏينھن ملھائينداسين.

گڏيءَ ڪان گوڙدرو تائين...!!

13 آگسٽ خميس جي ڏينهن منهنجو ريڊيو پاڪستان مٺي تي شام 03 وڳي ڏاتڪي پروگرام ڏاتي مهانجا ڏول هو. آئون جيئن پروگرام ڪري ٻاهر نڪتس تيئن پنهنجو موبائل آن ڪيم. چاڪاڻ ته دوران پروگرام موبائل بند هوندو آهي. موبائل کوليم ته ڪال آئي، نمبر چيڪ ڪيم. مُنهنجي سالي گورڌن سنگهه جو هو جيڪو ٽنڊوڄام ۾ پرچونَ جو دُڪان هلائي ٿو. ڪال اٽينڊ ڪيم. رسمي حال احوال ڪانپوءِ گورڌن چيو ته اسان ٽنڊوڄام مان اچون ٿا ڪار ڪٽي، پنج ڄڻان آهيون. ننگر گهمڻ جو پروگرام آهي. توهان جيڪڏهن هلڻ چاهيو ته پوءِ تيار ٿي ويهجو گڏجي هلنداسين. اهو

ٻُڏي منهنجو پير پٽ تي ئي نہ لڳي، يڪدم وراڻيم ڍُهل وڄي ۽ دوسُو نہ نچي سو آئون بلڪل هلندس. ائين چئي ڪال ڪٽيم ۽ سڌو شهر جو رُخ ڪيم. پهرين ڪرشن نائي جي دُڪان تي ويس ڏاڙهي ٺهرائي، وهنجي سهنجي ڪپڙا مٽائي، تيل سرما ڪري صفا بالم ٿي ويهي رهيس. گورڌن وارن سان فون تي رابطو هُيو اُهي تقريبن رات جو 08 وڳي مٺي پهچي ويا. مٺي پهچندي اُنهن مونکي ٻڌايو تہ اسين ڍان هوٽل تي چانهہ پيئون ٿا، توهان بہ اچو آئون اُتي ويس، سيني سان ڀاڪر پائي مليس. گورڌن سنگهہ، جالم سنگهہ، اشرف خاصخيلي، رباني خاصخيلي ۽ سيٺ تُلسي داس لهاڻي کان سفر جا سماچار پُڇيم، اُنهن چيو سفر تمام سُٺو رهيو ڇاڪاڻ تہ رمجهم بارش بہ وسي رهي هُئي. چانهہ پي مون سگريٽ دُکايو ٻين کي بہ ٿوريم پر اشرف ڪانسواڻ ٻين نہ پيتو. ڪنهن سوپاري ڪاڏي تہ ڪنهن گُٽڪو تہ ڪنهن رُٻڙو مکين تي خار ڪاڏا ڇاڪاڻ تہ مکيون ائين گهُمي رهيون هيون جيئن ڪنهن جنگ جي ميدان تي جنگي جهاز. ٿوري گپ شپ ڪري اُٿياسين، چانهہ جو بل مون ڏنو. سنگت چيو هاڻ مٺي ۾ ڪهڙي جاءِ گهمنداسين. مون چيو مٺي ۾ گڊي ڀٽ تي هلنداسين جتي زندگي رقص ڪري ٿي، جتي سُونهن سانوڻ جهڙا ساٽ ڪري نچي ٿي. جتي صدين جي سفر جا ٿڪ لمحن ۾ لهي وڃن ٿا. جتي ڇتن جا بادل ڪنڌرون ڪري من موهي وجهن ٿا. مُنهنجي فيصلي کي سيني سوبڪار ڪيو ۽ گڊي ڀٽ تي وياسين. گڊي ڀٽ جنهن کي پيپلز پارٽي وارن منظرِ بينظير جو نالو ڏنو آهي. جيڪا سوين فوٽ اوچي ڀڳاٽ سان مٺي جو نالو مٿاهون ڪري ٿي. وقت جا جهوناراوي روايت ڪن ٿا تہ هن ڀٽ تي نبڻ سوڍڻ جو ننڍڙو گڊ هو جيڪو نرن سوڍڻ چندو ڪرائي ٺهرائي ڏنو هو. جنهن کي ”نبڪي گڊي“ چوندا هُئا. ان ڪري ان ڀٽ تي گڊي ڀٽ جو نالو پيو. نبڪي گڊي جا فتل آثار اڄ بہ موجود آهن پر چوڻ وارا ائين بہ چون ٿا تہ ڀٽ تي موجود قلعي جا آثار مير فتح علي خان جي ننڍڙي گڊ جا آهن. هاڻوڪي حڪومت هن ڀٽ کي ٽوئرسٽ اسپاٽ بڻائڻ جي لئہ چڱو موچارو ڪم ڪيو آهي جيڪو ساراهڻ جوڳو آهي. ٻارڙن جي تفريح لئہ بهترين پارڪ جوڙايو آهي ۽ شهر کان وٺي ڀٽ جي چوٽي تائين بهترين روڊ ٺهرايو آهي. ڀٽ جي چوٽي تي هڪ ريسٽورينٽ آهي ۽ ان ڪانسواڻ ٿر جي دلير سياستدان امر جڳديش ڪمار

ملاڻي جي نالي سان هڪ يادگار ٽاور ٺهيل آهي جيڪو هاڻي هن پٽ جي سُڃاڻپ بڻجي ويو آهي. جنهن تي چڙهڻ لئه سيڙهي ٺهيل آهي. اسين به ان ٽاور تي چڙهياسين، ته منزل اوچي ٽاور تان مٺي جو شهر ائين لڳي رهيو هو ڄڻ پڪاسو جي ڪا حسين پڪچر هُجي. رات جي وقت ڀرندڙ بلبن جي روشني ۾ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڌرتي تي آڪاش لهي آيو هُجي. ڏاڍو مزو آيو. 14 آگسٽ جي ڪري رش به ڏاڍي هُئي، 14 آگسٽ واري جشن جو اصل مزو ته مٺي ۾ هوندو آهي سڄو شهر سبز حلالي جهنڊن سان سائو هو. شهر کان گڊي ڏانهن ويندڙ گاڏين ۾ وڏا وڏا اسپيڪر لڳل هئا جن ۾ آزادي جا گيت گونجي رهيا هئا. مٺي جا ماڻهو وطن سان وڏي محبت ڪن ٿا. گڊي تي پهچي اسان فليش ڪئمرا سان فوٽو به ڪڍيا. ٽاور تان هيٺ لهي ڪجهه پيٽ پوڄا خاطر جوس به پيتاسين. خوشگوار موسم ۽ آزادي جي عيد جي ڪري گڊي تي ماحول مهڪندڙ هو.سوين ماڻهو خُمارن ۾ ڪِرڙي ۽ ٽِڙڻي رهيا هُئا. ڪي وڏي آواز سان گانا ڳائي رهيا هُئا. رات جا 09 ٿيا اسان جي دل به "سوم رس" لئه سٽ ڪاڏي، اسين به گڊي تان هيٺ لٿاسين. شهر مان مال پاڻي وٺي، رات جو گورڌن سنگهه جي ڳوٺ يعني منهنجي ساهورين عالمسر وياسين. عالمسر مٺي کان 26 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. عالم لنجي جو آباد ڪيل هي ڳوٺ اُهو آهي جنهن جي بهادر ۽ باوقار نياڻي حاجياڻي لنجو اين اي 229 تان اليڪشن وڙهي، ٿر جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب رقم ڪيو هو. هن ڳوٺ ۾ بجلي، اسپتال، پرائمري اسڪول، مڊل اسڪول ۽ روڊ جي سهوليت موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ لنجا، راجپوت، ميگهواڙ ۽ ڀيل رهن ٿا. اسين ڏهين وڳي رات جو عالمسر پهتاسين. جتي امل ڪسونبا ڪرڻ کانپوءِ چانهه پيتي سين. سوم رس جي سرورن ۾ شعر و شاعري واري خوب ڏي وٺ ٿي. تنهن کان پوءِ ماني کاڌي سين ماني کائيندي اسان سالو پيڙهويو هڪٻئي کي گراهه ڏيڻ واري رسم ادا ڪئي. روايت آهي ته آڳاٽي زماني ۾ راجپوت جنهن کي سنگ ڏيندا هئا ان سان ڪنهن ڳالهه تي ڪا اٽوٽٽ/ رنجش ٿي پوندي هُئي ته پوءِ پرڻجڻ نه ڏيندا هئا بلڪ ماري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪو زورآور هوندو هو ته اهو جڏهن ڄڃ وٺي گهوٽ ٿي ايندو هو تڏهن کاڌي ۾ زهر ملائي ڏيندا هئا. ان ڪري زهر جي پرک خاطر هي رسم اختيار ڪئي وئي ته پيڙهويو پهرين سالي کي گراهه ڏيندو آهي ظاهر آهي جيڪڏهن زهر

هوندو تہ هو بہ ماني نہ کائيندو.ساهورن ۾ ڄمائي ماني کائي برتنن ۾ پئسہ وجهندو آهي جنهن کي ايٺ چوندا آهن اهي پئسہ وياج سميت واپس ملندا آهن. مطلب ساهورا ڏهہ ويهہ روپيا مٿان وجهي واپس ڏيندا آهن مون جڏهن ايٺ واري رسم ادا ڪئي تڏهن مون کي ڏسي دوست تلسيداس ۽ ٻيا ڪجهہ حيران ۽ پريشان ٿيا تہ يار هي ڪهڙي مهمانوازي آهي هتي بہ بل ڏيٽو پوي ٿو انهن پئسا وجهڻ لاءِ کيسن ۾ هٿ وڌا تہ مون کي کل آئي ۽ پوءِ مون انهن کي سمجهايو تڏهن سيئي کليا. ٻڪر ٻوڙ کائي رات جو دير تائين رهاڻ ڪندا رهياسين. صبح جو سوير اُٿي وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلائي، نيرن پاڻي ڪيوسين پوءِ عالمسر واري ترائي گهُمڻ وياسين. جتي مورن جا ڪيڙا ڏسي، ٿهوڪا ٻُڌي دل خوش ٿي ويئي. هلڪو هلڪو جهڙ وسي رهيو هو ۽ اسين عالمسر کان پڪوئو وارو روڊ ڏيئي ننگر لئہ نڪتاسين. وچ رستي ۾ ڪڇهري ڪندي ٿر جي سيمن جو جائزو وٺندا رهياسين، ٻنيون ڪٿي پوکجي رهيون هيون تہ ڪٿي پوکيل هيون پر فصل ۾ ڪو بہ چاڙهو نہ هو. گاهہ بہ ڪٿي ڪٿي وڻن جي اوٽ ۾ نظر آيو ٿي نہ تہ سارو خير لڳو پيو هو. هر هند ساوڪ نہ هُئي. مال پٽارو ڏاڍو ڏٻرو هو. مال جا ٿڻ بہ سُڪل هئا. باقي وڻن ۾ ڪونيٽن ساوا ويس ڪيا هئا. ڄار تہ هونئن ساوي هوندي آهي. ڳوٺ ويءَ هنگورجا وٽ پريل ترائي ڏسي اسان ڪار بيهاري، ترائي مان پلر پاڻي پيتوسين پوءِ ترائي پرسان پپون ۽ ڪونديير ڳولڻ لڳاسين پر نہ مليا. اُتي هڪ ڏراڙ ٻڪرين ۾ بيٺو هو ٻڪرين ۾ "وارڙيا" (واري تي آواز ڪيندڙ) مٿر ٻڌل هئا جن جا آواز دل کي ڇهي رهيا هئا. ڇيوسين تہ ادا ڪير پيارينديي، "ڇيائين پائرو هي مال اوهانجو پنهنجو آهي، پر مينهن 04 سالن کان پوءِ وُٺو آهي،سو بہ ڄڻ لوڙ وٺو آهي گاهہ جو حال اوهين اکين ڏسو پيا، گاهہ ٻنان کير ڪٿان ٿيندو، مال پٽاري جي ٿڻن جا نارائي سُڪي ويا آهن." اهو ٻُڌي اسان کي ڏاڍو ڏُک ٿيو ۽ دل تي پٽائي جي هي سٽ چڙهي آئي تہ:

ڏُکي توءِ ڏُڪار توڙي وسن مينهڙا.

ويءَ کان وٺي اسلام ڪوٽ تائين، ڪٿي بہ ڪا خاص ساوڪ نظر نہ آئي. سوا ڏهين وڳي اسلام ڪوٽ پهتاسين. جتي چانهہ پي فريش ٿياسين. اسلام ڪوٽ جنهن کي نمن جو شهر سڏيو وڃي ٿو. هن شهر ۾ بيٺل نمن ۾ 90 سيڪڙو سيٺ مُکي نهالچند جا پوکايل آهن. جڪو وقت جو وڏو مهمان

نواز ٿي گذريو آهي. اهو نمن جو شهر ڪنهن وقت نہن سوڍن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو. جنهن جو نالو مَٺُو هو. جنهن کي نہن سوڍن تڏهن وسايو هو جڏهن سوڍا ساڙهي يا ٻنڊياڻ ۾ جالنگ وٺندا هُئا. ساڙهي يا ٻنڊياڻ اُن کي چوندا هئا جيڪا غريب رِعيت پنهنجي ڌيءَ يا پُٽ جي شادي وقت پنهنجي راجا کي آنو يا ٻہ آنا ڏيندي هُئي. اُن ۾ سوڍا پنهنجو شان سمجهندا هُئا. ان ساڙهي ۾ ٻنڊياڻ جي ڪري عمرڪوٽ جو راٺو رتنسگهہ انگريزن سان مهاڏو اٽڪائي شهيد ٿي ويو هو. جنهن جي وفادار گهوڙي جي سنبن جا نشان اڃان تائين عمرڪوٽ جي قلعي ۾ نمايان نظر اچي رهيا آهن. راٺي رتن کي موجوده قلعي ۾ ڦاهي ڏني ويئي هُئي. جالنگ اُن کي چوندا آهن جڏهن بہ ڪنهنجو کرو ٻٽائي ٿيندو هو تہ هُو پنهنجي تر جي پٽيل کي ٻنان چوڻ جي گهر ويٺي فصل جو ڪجهہ حصو ڏيئي ويندو هو. اسلام ڪوٽ جي پسگردائي ۾ نبي سوڍي جو جالنگ هلندو هو. تنهنڪري هن شهر جو پُراڻو نالو نبڪي بہ هو. انگريزن کان اڳ ۾ سوڍن ميرن سان مُهاڏو اٽڪايو هو. نبڪي جي نہن کي سنڌ جي حاڪم ميرن چيو تہ اسين اوهان کي ڪڏهن بہ سلام نہ ڪنداسين. اُن ڪري سوڍن پنهنجي سموري ڳوٺ کي وڏو ڪوٽ ڏيرائي هڪ دروازو اهڙي ريت ٺهرايو جو ماڻهو اندر داخل ٿيڻ لئہ جهڪندو هو. پوءِ سوڍن ميرن سان ٺاهہ ڪري دعوت ڏني تہ اسانجو شهر گهمي وڃو. مير جڏهن گيٽ مان جهُڪي داخل ٿيا تڏهن سوڍن چيو تہ اسانجو مقصد پورو ٿيو اوهين سلام ڪري اندر آيا آهيو. اُن کانپوءِ شهر جو نالو سلام ڳڍ رکيو ويو. ڪي چون ٿا تہ اسلام ڪوٽ وارو قلعو ميرپورخاص واري مير سلام خان ٺهرايو هو تنهنڪري شهر جونالو اسلام ڪوٽ پيو. بحرحال جئين بہ نالو پيو پر شهر تہ محبوب جي ادا جهڙو وٽندڙ آهي. 1947ع ۾ پاڪستان جي وجود کانپوءِ سلام ڳڍ مان فري ٿيو اسلام ڪوٽ. اسلام ڪوٽ اڄڪلهہ ڪوئلي جي ڪري اوج تي آهي. ڪاروباري لحاظ سان ٿر جي دُبئي آهي. هن شهر ۾ موجود درويش سنت نيٺورام جي آشرم جو درشن ڪرڻو هو. پر ويندي نہ ڪري سگهياسين چو تہ وقت گهٽ هو اسانکي اول ننگر جا نظارا پسڻا هُئا.

اسلام ڪوٽ مان اسان پاڻي لئہ ڪولر ورتو. ڪولر ۾ پاڻي وجهي برف لڳائي ڪار ۾ رکيوسين. اڄ چوڏهين آگسٽ هئي پاڪستان جي آزادي جو

ڏينهن ان ڪري جهنڊا ورتاسين. ڪار ۾ جهنڊو جهولايو. آزادي جا بيج سينن تي هنياسين ۽ اڳتي ننگر لاءِ روانا ٿي وياسين. رستي ۾ اسين خاص ڪري گاهه جو جائزو وٺندا وياسين پر ڪٿي به خاص گاهه نظر نه آيو ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ٿر جي ڌرتي سنڌ ٿي ويئي آهي. رستي ۾ موجود گوڙي جو جين ڌرم وارو تاريخي مندر به ڏسڻ وياسين. تمام پراڻو قديمي ڳوٺ گوڙي جنهن جو اصل نالو گوڙيچو هو. جنهن مان ڦري ٿيو گوڙي. هن ڳوٺ ۾ اڄڪلهه ڀيل رهن ٿا. گوڙي جو مندر تمام قديمي مندر آهي جيڪو جين ڌرم وارن جو آهي. سڄو وزني پٿرن جو ٺهيل آهي. هن مندر ۾ هيٺئر هزارن جي تعداد ۾ چميڙ رهن ٿا انهي ڪري وڏي بدبوءِ آهي اندر ماڻهو پنج منٽ به بيهي نه سگهندو باقي ٻاهر جيڪو ورانڊي ۾ گنبذ ٺهيل آهي ان ۾ ڀيل ٻچن به ڳائي رهيا هُئا. ٻچن ٻڌي وڏو روحاني سڪون آيو. ان مندر جي اوپر ۾ هڪ اهڙي سُرنگهه ٺهيل آهي جيڪا وڃي پوٺي ڍهري پوڏيسر سان ملي ٿي. پر اڄڪلهه سڄي بند آهي. مندر گهمي اسان اڳتي سفر جاري رکيو ۽ وڃي بريڪ پالوا تي ڪيوسين. هن ڳوٺ جو اصل نالو ڀيل واءَ هو. جنهن جو مطلب ڀيلن جو کوهه. اڳي هتي ڀيل رهندا هئا هاڻي هن ڳوٺ ۾ خاصخيلي رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ مارئي جو کوهه ڏسڻ جي وڏي سڪ هُئي. مارئي جو اباڻو ڳوٺ پالوا جيڪو ننگرواري روڊ جي اوپر پاسي آهي، سريڪي سرزمين تي آباد هن پلوڙ بستي ۾ ڪڏهن مارئي جا ٺهڪ ٽڙندا هئا. مارئي جيڪا حب الوطني جو عظيم ڪردار ٿي گُذري آهي. ڀٽائي جي سورمي مارئي عمر جي ڪنهن به آڇ کي قبول نه ڪيو. هُن ڦوڳن، ڦرن ۽ ڪچن گهرن سان قرب رکي ريٽن جي ديس جي ريت قائم رکي. مارئي جهڙي مريادا شايد ڪنهن ۾ هُجي. سون تي سيڻ نه مٽائڻ واري مارئي جي کوهه تي اسين 12 وڳي پهتاسين، چا ڏسون ميلو متل هو. سنجن سان سينگاريل گهوڙا، پاکڙن سان پلاڻيل، ڪتاب ڪوريل جُهلن سان گاسيا ڪيل، ڪنڌ ۾ جنهوبن وارا اُٺ، ڍُهل جا ڌمڪا، ڳائڻ جون دردوندي جو ديس وسي پيو بوند برهه جي بهار لڳي ويئي واريون روح پرور صدائون، خوبصورت پُڙين سان سينگاريل مانڊڻيون، ٿر جون ديسي گيهه واريون مناڻيون، پرديسي ماڻهن جي پيهه، جينز ۽ پينٽ ۾ گهُمندڙ پرديسي حسينائن جو حُسن، دودهه پتي چانهه جا دور، ارجنٽ فوٽو لاءِ جنريٽر جو شور مطلب ته مارئي جي کوهه تي زندگي جون

هڙئي حُسناڪيون پنهنجي پُور جوڀن تي هُيون. ڪيئي شوقين جوڙا اُنن ۾ گهوڙن تي چڙهي فوٽو ڪڍرائي رهيا هئا تہ ڪي چانهہ پي رهيا هئا تہ ڪي برياني کائي رهيا هئا تہ ڪي پن جون ٻيڙيون چڪي ڪنگهي رهيا هئا تہ ڪي مقامي ڳوناٽن کان مارئي جي تاريخ معلوم ڪري رهيا هئا. اسين ڪار مان لهي سڌو مارئي جي کوهہ واري گرائونڊ ۾ داخل ٿياسين. جتيون گيٽ تي لاٿيوسين ڇو تہ مارئي اسان لئہ ستي هُئي ۽ ستين جي ٿانَ ۾ جُتي پائي وڃڻ اسان جو ڌرم ناهي ڇو تہ اسين مقيم ڪنيار جي پويتر پورهئي جا وارث وِيڙهيچا آهيون.

مارئي جي کوهہ جو منو پاٽي پيتوسين جيڪو سنڌو جي پاٽي جهڙو هو. مارئي جو کوهہ اڃان تائين ائين صحيح سلامت آهي جڻ ڪالهہ نهيو هُجي! سڄو پٿرن سان ٻڌل آهي پاسي ۾ مال ڪي پاٽي پيارڻ لئہ ڪونڊي ٺهيل آهي جنهن کي ٿر ۾ "نِڪ" چوندا آهن. اُها ٿوري ٽُٽل هُئي، جنهن کي سيمينٽ لڳل نظر اچي رهيو هو. مارئي جي کوهہ جي پاسي ۾ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ جي طرفان پڪا چونئرا آر سي سي سان ٺهيل آهن. جن ۾ ايئرڪنڊيشنر بہ لڳل آهن، پر سيئي چونئرا بند پيل هُئا. ڪو بہ سرڪاري نمائندو نظر نہ پئي آيو. هونئڻ تہ ائين ڪپي ها تہ هتي هڪ بهترين ريسٽورينٽ ۽ ميوزم ٺهيل هجي ها ۽ اُن ۾ ٿر جون ثقافتي ۽ تهذيبي شيون رکيل هُجن. ٻڌو آهي تہ هينئر اُتي ميوزم جو بندوبست ڪيو ويو آهي پر اڃان تائين ان جو افتتحاح ناهي ٿيو. بحرحال مارئي جي کوهہ تي گُهمندي هڪ احساس ۾ ونجي وياسين تہ ويچاري ٿر جي نياڻي کي وقت جي حاڪم هتان زبرزور سان کنئي هوندي تڏهن اُن ڪيترا ورلاپ ڪيا هوندا، ڪيتريون دانهون ڪيون هونديون، ڪن پل لئہ ائين لڳو جڻ مارئي جون رڙيون ڪنن جا پڙدا ٺوڙي ٿيون ڇڏين. وري ويتر درد ۾ دل تڏهن ٻڏي جڏهن کوهہ تي موجود هڪ فقير پاون تي "پينر مُنهنجا هجن حياتي مارن لايا ڏينهن" واري ڏُن تمام پياري انداز ۾ ٻُڌائي. ڏُن ٻڌندي دل چيو تہ ها پيڻ مارئي اسين واقعي تنهنجا مياري آهيون اسان تنهنجي پر گهور نہ لڏي هُئي. مارئي جي کوهہ تي جڏهن دوستن فوٽو ڪڍرايا تڏهن آئون ڪِسڪي ويس مونکي پوريلي جو پلوڙ دوست الماس نهڙيو ياد آيو. جيڪو ٻاراڄ جي شوڪت نهال راڄڙ سان گڏ جڏهن مارئي جو کوهہ گهمڻ آيو تڏهن اُن کي دوستن چيو تہ

هاڻي فوٽو ڪيرايو تڏهن الماس چيو ته ايترا بي لڄا اسين به ناهيون جو جتان اسان جي پيڻ کي جابر عمر زوري اغوا ڪري اسان جي لڄ ۾ لوئي کي للڪاريو اُتي بيهه فوٽو ڪيرايون. الماس واري ڳالهه منهنجي چت تي چڙهي آئي آئون کوهه واري ميدان مان ٻاهر نڪري آيس ۾ مونسان گڏ آيل دوستن فوٽو ڪيرايا. دوستن اُنن ۾ گهوڙن تي چڙهي به فوٽو ڪيرايا پر پاڻ اهڙو شوق رکون ئي ڪونه. ڪجهه دير هِن متل ميڙي ۾ رهياسين چانهه چُڪو پي تازا توانا ٿي اُتان نڪتاسين. هاڻ اسان جي منزل ويراواهه پوسٽ هُئي. جتي رينجرس گاڏيون چيڪ ڪندي آهي، تلسي ڪار کي آهستي آهستي هلائي رهيو هو. چاڪاڻ ته هِن روڊ جو واقف نه هو. ڀالوا کان پوءِ ڏانو ڏانڌل، ڪاريتل پوءِ ويئل آئي ڪاريتل جي اسٽاپ تي ننڍڙا ڇوڪرا وينجهڻا/ وينجڻا وڪڻي رهيا هئا جيڪي مور جي پرن مان ٺهيل هئا ڏاڍا خوبصورت هئا ۽ ايترا مهانگا به نه هئا 100 کان 200 تائين ملهه هو. مور جي رنگ برنگي پرن مان ٺهيل وينجهڻا ڏسي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته جن حسين هٿن هي وينجهڻا ناهيا آهن انهن تائين انهن جو مڪمل اجورو پُڄندو يا الائي نه، دل چيو ته مور جي پاڪ کنڀن مان خوبصورت وينجهڻا ناهيندڙ انهن مقدس پورهيت هٿن کي هزار بار چُمجي ته به گهٽ ٿيندو. ڳوٺ ويئل کانپوءِ اسان کي بهترين گاهه ۾ ساوڪ نظر آئي جنهن کي ڏسي اکين جا ٽڪ لهي ويا. اکين جا ٽڪ ته تڏهن به لٿا جڏهن ڏاني دانڌل کان اڳيان موڪئي جو سن تارون تار نظر آيو. هي اهو سَن آهي جنهن جي ست رنگي لوڻ تي انگريزن ان ڪري بندش وڌي ته ان لوڻ کائڻ سان سوڍن ۾ سوراتڻ وڌي ٿي. اُنهن بيوقوف انگريزن کي شايد اها خبر نه هُئي ته سوراتڻ ته سوڍن جي رت ۾ شامل آهي. سوڍن جون مائرون سُتي ۾ دليري جي املتاس اوتينديون هُيون. اُهي لوري ۾ لاڏا نه پر رڻ پومي جا دوها ڳائينديون هُيون. اسانجي گاڏي جيئن ٿوري ويئل کان اڳتي وڌي تيئن ٽريفڪ جئم ٿي ويئي. سنگل روڊ هُئڻ ڪري سوين گاڏين جي هڪ ئي وقت آمدرفت سبب ايڏي رش ٿي جو ماڪوڙي جي پير رکڻ جيتري جاءِ به مُشڪل ٿي ملي سگهي. اهڙي حالت ۾ گاڏي اڳيان ڪيئن وڌي، ان رش جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ هو ويراواهه پوسٽ واري چيڪنگ، اسان ڇا ڪيو جو گاڏي مان لهي پيادل وياسين، گاڏي رباني کي ڏني ته هُو آهستي آهستي هلائيندو اچي. اسين پيادل به ٽي ڪلوميٽر

پنڌ ڪري ويراهہ واهہ چيڪ پوسٽ پهتاسين. ويرا واهہ تي بہ ڏاڍي رش هُئي. ميلو متل هو. موسم گرم ۽ خشڪ هئڻ ڪري اُڃ ڏاڍي لڳي هُئي. اُتي هڪ هينڊ پمپ لڳل هو جنهن تي وڏي پيڙ متل هُئي. اسان بہ سوچيو تہ پهرين نلڪي مان پاڻي پيئون تڏا ٿيون. تيسين گاڏي بہ پهچندي. وياسين نلڪي تي پاڻي مُنهن ۾ ڇا وجهون جهڙو لوڻ. نڙي مان هيٺ نہ لهي. گُرڙا ڪري، هٿ منهن ڌوتاسين. پر اُڃ وري بہ وڌندي رهي. وڏين گاڏين ۾ وينل پرديسين کان پاڻي گهُريوسين پر ڪنهن بہ نہ پياريو. ڏُک ٿيو دل مان آنهن نڪتي واهہ اجنبيو اوهان جي سخاوت! اسان پاڻ وٽ پاڻي جو بندوبست هو پر پاڻي گاڏي ۾ رهجي ويو جيڪا اجان پوئتي هُئي. بہ ڪلاڪ اُڃ ۾ سڙندا رهياسين. نيٺ گاڏي پُهتي تڏو پاڻي پيتوسين. بہ منٽ ساهي پٽي. گاڏي ۾ چڙهي روانا ٿياسين ڇاڪاڻ تہ گاڏي ۾ ماڻهن جي تعداد جي انٽري رينجرس وٽ تُلسي اڳ ۾ ڪرائي ڇڏي هُئي. رينجرس وارا ماڻهن سان تمام سُٺو سُلوڪ ڪري رهيا هُئا. فقط گاڏي جو نمبر ۽ ماڻهن جو تعداد لکي رهيا هُئا. ٻيءَ ڪا بہ خاص چيڪنگ نہ هُئي. چيڪ پوسٽ ڪراس ڪئيسين هاڻ بلڪل پارڪري سرزمين تان گاڏي هلي رهي هُئي. پٿريلي زمين هُئي. ساوڪ بہ واهہ جي هُئي.. وري سون مٿان سهاڳو هُئي، سانگا ڊيم جيڪا برساتي پاڻي ۾ تار ڀري پيئي هُئي. شاعر دوست ساگر خاصخيلي جي ڳوٺ ڄام خان وانڊيئي جي اوپر ۾ ڇوليون هڻندڙ سانگا ڊيم جو پُور جوڀن ڏسي ڪن پل لئہ ڪينجهر جا ڪنارا بہ وسري ويا. اک ڪُٽي وڃي پر پاڻي نہ ڪُٽي. ياد رهي تہ هيءَ اُها ئي فرسٽ ڪلاس جاگير آهي جيڪا انگريزن سوڍن کي خاموش ڪرڻ خاطر انعام طور عطا ڪئي هُئي. جاگير اُتي ئي پيئي آهي پر سوڍا ناهن. انهن کي ساري سانگا اڄ بہ سڏڪي ٿي. هن ۾ پاڻي سُڪي وڃڻ ڪانپوءِ ڪٽڪ جي پوک ٿيندي آهي. هن ڊيم ۾ هڪ خاص قسم جو گاهہ ٿيندو آهي جنهن کي ڪلورو چوندا آهن. جنهن مان مقامي ماڻهو ڪتن جو واڻ ٺاهيندا آهن. اڳي سموري سانگا پوکبي هُئي پر هاڻ گهٽ پوکجي ٿي. هن ڊيم وٽ بہ ڪا تختي، ڪو بہ بورڊ وغيره لڳل نہ هو تہ جيئن پري کان آيل ماڻهن کي خبرپئي تہ هي ڪهڙي ڊيم آهي. اها حڪومت جي بي ڌياني چئبي. جيڪا پوري ننگر ۾ نظر آئي. بهرحال آئون تہ اُن ڊيم جو واقف هئس سو اسين لٿاسين ۽ ڊيم جي ڪناري تي فوٽو بہ ڪيرايا سين. پاڻي ۾ ترنگ

سان ترنڊڙ پرديسي پکين کي ڏسي اکين ۾ سرهائي جو سُرمو اوتجي ويو. ٿڌڙي هوا ۽ ڇولين جو منڙو آواز روح کي راحت ڏيئي رهيو هو. سانگها ڍنڍ جي ڪناري تي پسار ڪنڌي مونکي سوڍي ستوجي جي ظلمن جو باب ياد اچي ويو. ويرا واهه جو ظالم سوڍو ستوجي هڪ سفاڪ قسم جو انسان نہ پر حيوان هو. پُراڻي پارڪر جي مصنف منگهارام اوجها مطابق سوڍو ستوجي اهو ظالم هو جنهن هن ڍنڍ جي ڪناري تي ديرو ڪنڌڙ برهمڻ جي ڄڃ ڪان لڱان وصول ڪرڻ خاطر وڏو ويڙهن ڪيو هو. ناري جا سڱنداسي ڇانور نہ ڏيڻ تان هن ظالم درندهہ صفت انسان گهوٽ سميت سموري ڄڃ کي ماري مساڻ ڪيو هو. ميندي رتن هٿن سان ڪنوار جا ورلاپ ٻڌي سانگا بہ ڪيئي سال سُڪي ويئي هُئي. مونکي کن پل لئہ ائين لڳو ڄڻ برهمڻ ديوي پنهنجي ٻنان ڏوهہ ماريل گهوٽ لاءِ ورلاپ ڪندي مونکي ميارون ڏيئي رهي آهي. ياد رهي تہ سوڍو ستو جي اهو بي رحم ماڻهو هو جيڪو ماڻهن کي ڏينهن جو چوندو هو تارا ڏسو ٿا ماڻهن خوف ۾ چوندا هُئا ”ها“...!!

ڪجهہ دير سانگا جو سير ڪرڻ ڪانپوءِ سفر کي اڳتي جاري رکيوسين. هاڻي اسانجي منزل هُئي پوڏيسر جو تلاءُ. جنهن کي پوتن جو تلاءُ بہ چوندا آهن. چند لمحن ۾ ڪجهہ ڪلوميٽرن جو فاصلو طئہ ڪري پوڏيسر ڳوٺ پهتاسين. ڪچو رستو ڏيئي ڳوٺ وچان سڌا پوڏيسر مسجد تي ڪار بيهاريسين. پاڻي پيتوسين سگريٽ دُکائي سهائي پٽي تازا توانا ٿي جُتيون ٻاهر لاهي مسجد جي احاطي ۾ داخل ٿياسين. جتي سائي رنگ جو بورڊ لڳل هو جنهن تي مسجد شريف جي باري ۾ تاريخ لکيل هُئي. تہ ڪنهن ٺهرائي؟ ڪڏهن ٺهرائي؟ اسان سڀني بورڊ کي غور سان پڙهيو. هن مسجد جو بُنياد محمود غزنوي رکيو هو جنهن کي مسجد جي شڪل 1505ع ۾ محمود بن ظفر بن غياث ڏني. گجرات جي هن حاڪم کي محمود بيگڙو بہ چوندا هئا. بہ گڊ فتح ڪيا هئا. گرنارگڊ ۽ پاوا گڊ. هن کي تنهنڪري بيگڙو چوندا هئا. هي مسجد شريف سڄي سنگ مرمر جي پٿرن جي ٺهيل آهي. ٻنان سمينٽ ۽ مٽي جي صرف پٿرن جي ٺهيل آهي. پٿر هڪ ٻئي مٿان اهڙي طريقي رکيل آهن جو صدين جي سفر پُڄاڻان بہ ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ اجهو ٺهي تيار ٿي آهي. هن مسجد جا محراب نما تي خانا ٺهيل آهن. هن مسجد شريف جي باري ۾ پيرائتي ڄاڻ پُراڻي پارڪر ۾ محترم منگهارام

اوجها واضع نمونو ڏني آهي. هن مسجد جي احاطي ۾ موجود قبرن جي باري ۾ مسٽر منگهارام اوجها لکي ٿو تہ ”مسجد جي پڊ ۾ موجود قبرون انهن سپاهين جون آهن جيڪي محمود شاهہ بيگڙي جي فوج ۾ شامل هئا جن کي ننگر جي سوڍن ۽ کوسن ماري مساڻ ڪيا هُئا. هن مسجد جو ديدار ڪرڻ کانپوءِ مسجد جي اولهہ طرف گهاٽين ديوين مان سوڙهي گهٽي اندر داخل ٿياسين تہ ڇا ڏسون!!؟ واهہ قدرت رب ڪريم! هڪ وڏو تلاءُ تارون تار ڇوليون هڻي رهيو هو جنهن جي ڪناري تي هزارين ماڻهن جو هجوم هو. ڪي تري رهيا هئا، ڪي ڪُندريون هڻي رهيا هئا. ها هي ئي تہ هو پوڏيسر تلاءُ جنهن کي ڏسڻ جي وڏي تمنا هُئي. اسان بہ نہ ڪئي هم نہ تم، گوڏون پائي ڪري پياسين تلاءُ ۾، پاڻي تمام اونهون هو. اوني ٻوڙ پاڻي ۾ آئون اڳتي نہ ويس، رباني، تُلسي ۽ گورڌن اڳتي ويا. ڪلاڪ اڌ شنان ڪري پوءِ ٻاهر نڪتاسين. پاڻي تمام شفاف هو. هن تُلاءُ جي باري ۾ راوي روايت ڪن ٿا تہ هي تلاءُ ديوين، پرين ڪوٽرايو هو. هن تلاءُ ۾ ڀوت رهندا هئا. اُن ڪري هن کي ڀوتن جو تلاءُ بہ چوندا هُئا. ڪيراڪوٽ جي ڪچي جاڙيجي ڄام اوڍي جي محبوبہ هوٿل پري بہ هن تلاءَ ۾ شنان ڪندي اوڍي جي اکين جو ڪاجل بڻي هُئي.

ڇڙهي ڇڪاسر پار، اوڍي ڪئي نهار،
وڃائي وڃي وار، پاڻي مٿي پدمڻي.

هن دُوهي ۾ ڇڪاسر شايد تلاءَ کي چيو ويو آهي ڇو تہ پوڏيسر جو نالو تاريخ ۾ ڪٿي بہ ڇڪاسر نہ لکيل آهي.

پُراڻي پارڪر ۾ منگهارام اوجها لکي ٿو تہ ”هي تلاءُ پوڏي پرمار ڇهين صدي عيسوي ۾ ٺهرايو هو. پوڏي جو پورو نالو پڏريشر هو ان ڪري پوڏيسر جو اصل نالو ”پڏريسر“ نگري هو“. هن تلاءَ بابت ڪوڙ سارين روايتن مان هڪ روايت هي بہ آهي تہ هن تلاءَ کي جوڙائيندڙ سوڍي پوڏي تلاءَ جو ترو ٺامي جو ٺهرايو هو. پر پوءِ بہ پاڻي نہ بيٺو تڏهن هن ڪنهن جوتشي کان پُڇيو تڏهن جوتشي چيو تہ ست پيلن جون سسيون هن جي تر ۾ هڻائي ڇڏ. تڏهن پوڏي سوڍي پوڏيسر جي پيلن جون ست سسيون هن تلاءَ جي تري ۾ هڻايون. اُن ڏينهن کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين ننگرپارڪر جي اڏائي ديهن ۾ ڪو بہ پيل نہ رهيو. احتجاجن طور سڀ لڏي ويا. سسي کي ڏاتڪي ۽ مارواڙي ۾ پوڍي بہ

چوندا آهن شايد ان ڪري هن تلاءَ جو نالو پوڏيسر پيو. پُراڻي پارڪر ۾ منگھارام اوجھا لکي ٿو تہ ”تلاءَ ۾ پاڻي نہ بيھڻ ڪري جوتشين جي چوڻ تي هن پنھنجي پياري پُٽ نورچشم نارائڻ سنگھہ جي سسي تلاءَ جي تري ۾ هڻائي هُئي“. هاڻي مالڪ ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪھڙي روايت سچي آهي. هن تلاءَ جي ويڪر بہ سو فُٽ آهي ۽ ڊيگھہ ان کان بہ ٻيڻي آهي. پراڻي زماني ۾ هن تُلاءَ جي ڪپ تي هڪ پپر جو وڏو وڻ هو جنھن هيٺ هڪ ئي وقت هزار ڍڳيون ۽ مينھون ويھي سگھنديون هُيون. اُن وڻ جي هاڻي ڪا بہ نشاني باقي ناهي رهي. البتہ هڪ سُڪل نم جو وڻ پاڻي اندر موجود آهي جنھن تي چڙهي ماڻھو ڪُنڍريون لڳائين ٿا. هي وڻ شايد وڄ ڪرڻ جي ڪري سُڪو آهي. ياد رهي تہ هي اهو ئي تلاءُ آهي جنھن جي ڪناري تي پوتن کي بيوقوف بڻائي ويري گوهيل راڻي چندن لاءِ اَلک واءُ جو پاڻي پريو هو. جنھن ۾ وهنجڻ سان راڻي چندن ڪوڙهہ جھڙي موذي مرض مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو هو. هن تلاءُ جو دل سان ديدار ڪرڻ کانپوءِ اسين تلاءُ جو ڪنارو وٺي ڏکڻ طرف موجود پراڻو مندر نمان ڏهرو ڏسڻ وياسين، جنھن کي پوٺي ڏهرو چوندا آهن. هڪ جيني مائي جو وياج جي پئسن مان ٺھرايل هي ڏهرو تمام خوبصورت آهي. جنھن جي گنبذ ۾ جيني مائي اڻ مئي دولت چُڻائي هُئي ۽ مثان لکي ڇڏيو هو تہ ماٿا واڏو مال ڪاڍو معنيٰ مٿو وڍي ڏن ڪيو. چوڻ وارا چون ٿا تہ گھڻي وقت کانپوءِ ڪو واڻيو ان گنبذ جو مٿو وڍي ڏن ڪڍي ويو. روايت آهي تہ ڏن مائي وڏي اٽڪل سان لڪايو هو. گنبذ جو مٿو تہ گھڻن وڍيو هو پر مال ڪنھن کي بہ نہ مليو. واڻيو هوشيار هو تنھن گنبذ جي جتي ڇانو پئي ٿي اُتي کڏ کوٽي پوريل ڏن ڪڍيو هو. تلاءُ واري چبڊڻ پار ڪئي سين تہ هڪ خوبصورت پارڪ ٺھيل هو. جيڪو ٽڪري تي هئڻ ڪري تمام ٿڌو محسوس ٿي رهيو هو. جنھن ۾ ماڻھن جي تمام وڏي رش هُئي اسين بہ ڪن پل لئہ ترسياسين دم پٽي وري اڳتي وڌياسين جتي هڪ پُراڻو مندر تمام نازڪ حالت ۾ موجود هو. جيڪو 90 سيڪڙو تباهہ ٿي چُڪو هو. هن ڏهري کي شايد 2001ع واري زلزلي زبون حالي جي ور چاڙهيو هو. مندر نمان ڏهري جي اڏاوت، اُن ۾ ڪُتب آندل وزني پٿر ۽ اُنھن جي جوڙجڪ ڏسي پُراڻي زماني وارن ڪاريگرن کي دل سلام ڪرڻ تي مجبور ٿي ويئي. اُنھن ڪمال جي ڪاريگري سان پٿرن کي تراشي هڪ مندر نمان ڏهري کي

وجود ۾ آندو هو. ڍهري جي اڳيان تمام وڏو هڪ ٿلهو ٿهيل آهي هن اندر ٻه ٽي شو جو مورتيون پيل هُيون جيڪي ڪاغذن واريون هيون. لڳي ٿو ته هينئر ڪنهن رکيون آهن ته جئين هندو ڌرم وارا سياح ڪجهه نه ڪجهه دان طور رکي وڃن. مونکي رانگ نمبر لڳي رهيو هو. مون ٽڪو ٻه نه رکيو. باقي نمسڪار دل سان ڪيم. هن جي ٻاهران هڪ لوهي بورڊ لڳل هو جنهن تي ٻه ڪو اکر لکيل نظر نه پي آيو. شايد پُراڻي دور جو هو. اکر ڪاڙهن ۾ ڪاراڻجي ويا هُئا. بهرحال حُڪومت کي گُهرجي ته هن جي باري ۾ ڪا تختي ضرور لڳرائي وڃي ته جيئن سياحن کي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي. اسان ڍهري جي اڳيان فوٽو ڪڍرايا ۽ پوءِ واپس وريا سين. هاڻ سنگت جي اِها صلاح هُئي ته اول ننگر ۾ هلي پيٽ پوجا ڪجي پوءِ ٻي ڳالهه. واپس ڪار وٽ آياسين جيڪا مسجد شريف جي ٻاهريان ميدان تي اسڪول جي پر ۾ بيني هُئي، ڪار ۾ رکيل ڪولر مان سيني ٿڌو پاڻي پيتوسين ڇو ته گرمي تمام گهڻي هُئي اِن ڪري اُڃ ذر ذر ستايو ٿي. پاڻي پيئندي تُلسي جي نظر ڏکڻ طرف چار هيٺ قبر تي پيئي ڇپائين هي وڏي قبر ڪنهن جي آهي جيڪا مساڻ کان بلڪل الڳ ۽ اڪيلي آهي! تُلسي جي واتان اهي لفظ ٻُڌي منهنجو اندر اڌ ٿي ويو. قبر ڏانهن نگاهه ڪيم اکيون پرجي آيون، جهيڻي جهيڻي آواز ۾ وراڻيم ادا هي قبر منهنجي آهي! هي قبر ڪارونجهر جي آهي! هي قبر حب الوطني جي عظيم ڪردار ڪيسوٻاءِ سوڍي جي آهي. ننگر جي نزديڪ ڳوٺ پورڻ واهه جي پٽيل ڪارو ٻاءُ سوڍي جي ڪنور ڪيسوٻاءِ جي هي قبر اڄ ٻي ڏياني جي نظر چڙهيل آهي جنهن تي ڪنهن ڪُتبو ٻه ناهي لڳرايو. پوڙيسر جاڳير جو مالڪ ڪيسوٻاءِ سوڍو پهريون گهر هندستان جي هڪ ڳوٺ مان پرڻيو هو. ڪيسوٻاءِ جي قسمت ۾ اُن راجپوتي ساهوواڙي جو ساٿ بس چند سالن تائين لکيل هو. ڪيسوٻاءِ تمام رومانتيڪ سوڍو هو. ننگر جي هڪ ناريءَ جي نيرين اکين جي عشق ۽ ڪارونجهر جي قُرب هُن کي تاريخ ۾ امرتا بخشي ڇڏي. ڪيسوٻاءِ جي عشق جو قصو جڏهن سندس راجپوتي استري جي ڪنن تائين پهتو تڏهن هُو ناراضگي مان نٽ لاهي ڪوپ پُون ۾ ڇتا ڇوڙي، اُلٽي ڪٽ تي آرامي ٿي پيئي! سندس گهرواري جي هي حالت ڏسي ڪيسوٻاءِ کين گهڻو ئي سمجهايو ته عشق نه پڇي ذات پر هُو ترياهٺ تان نه لٿي ۽ پنهنجي پريوار

وارن کي اهو سنديشو ڏنو تہ ويرا همين واهر ڪر. انهن ڪيسوٻاءِ کي ڪونڻ لاءِ وقت جي وڏي ڏاڙيل ٻلونتسنگهہ کي موڪليو. ٻلونتسنگهہ ڪيسوٻاءِ کي ڪونڻ لئہ پورڻ واهہ آيو ۽ حڪم ڪيائين تہ هَل هندستان، هي ڌرتي ۽ سرتي وارا عشق ڇڏي ڏي. ڪيسوٻاءِ جي خون ۾ موڪئي جو لوڻ سمايل هو تنهن مُنهن تي ست سُريون ٻُڌائيندي چيو تہ ابا پنهنجي سيڻ وٽي وڃ باقي منهنجي جند تہ سنڌ سان ڳنڍيل آهي، مونکي وٽي هلين ٿو تہ ڪارونجهر کي ڪوري ڪٽي هل، آئون هلندس تہ ڪارونجهر جو ڪنڌ جهڪي ويندو ڪيسوٻاءِ جي واتان ڪڙو سچ ٻُڌي ٻلونت سنگهہ پنهنجي سيڻ وٽي ٻاڪاسر هندستان هليو ويو ۽ پويان ڪيسوٻاءَ اڪيلو رهجي ويو. جنهن سان گڏ هئي ڪارونجهر جي ڌرتي ۽ نيرين اکين واري سرتي! پنهنجي ڪُٽنب جي جُدائي جي ڳاراٽي ۾ ڳرندڙ ڪيسوٻاءِ نيٺ پنهنجي سرتي سان شادي ڪئي جنهن مان هڪ پُٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون. پُٽ جو نالو بابو هو. جنهن کي پاڻ ڪيسوٻاءِ پنهنجي حياتي ۾ مسلمان ڪري ويو تہ جيئن هُن کي سڱاوتي طور سياڻي مسئلا نہ پيش اچن. ڪيسوٻاءِ کي پوري ريت پروڙ هُئي تہ سوڍا ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندا. ان ڪري هن پنهنجيون ست ئي نياڻيون مسلمانن ۾ پرڻايون جن مان ڪي اڃان جيئريون بہ آهن تہ ڪي سندس پُٽ بابو شيخ وانگي مٽي جون مهمان بڻجي چُڪيون آهن. بابو جي هڪڙي پُٽ کي آئون بہ سڃاڻان ٿو جنهن جو نالو بادشاهہ آهي. ان بادشاهہ وٽ اسين رات رهياسين، اسانجي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪيائين. ڪيسوٻاءِ جي جهوني اوطاق ڏسي دل خوش ٿي پيئي هُئي. پنهنجي سرتي ۽ ڌرتي سان وچن نڀائيندڙ هي البيلو عاشق پهرين اپريل 1978ع ۾ سرڳواسي ٿي ويو. جنهن کي پوڏيسر جي پير ۾ اڳني سنسڪار ڪيو ويو. ڪيسوٻاءِ ڌرتي خاطر پنهنجي ڪٽنب مان جدا ٿي ويو. ڪارونجهر جو ڪنڌ اڄ بہ فخر ۾ اوچو آهي جنهن کي ڏسي ڪيسوٻاءِ جو روح پوڏيسر جي پير ۾ مور جيان رقص ڪري ٿو.

ڪسوٻاءِ وارو قصو ٻُڌائيندي آئون دوستن کي ڪيسوٻاءِ جي قبر تي وٺي ويس. جيڪا قبر پرائمري اسڪول پوڏيسر جي ڏکڻ ۾ هڪ ڄار جي هيٺ نهيل آهي. جنهن تي هندي ۽ سنڌي ٻنهي ۾ ڪيسوٻاءِ جو نالو لکيل آهي. ڪيسرسنگهہ ولد ڪاروپاءَ سوڍو پوڏيسر ۽ جوڙائيندڙ جو نالو لکيل

آهي بابو ولد ڪيسرسنگھ سوڍو ديهانت جي تاريخ بہ لکيل آهي. قبر جي حاضري پيري فوٽو ڪيڊي وري واپس ڪار وٽ آياسين. هاڻي اسانجي منزل ننگرپارڪر شهر هو. اسان پوڊيسر واري ڳوٺ وچان وري بہ ڪچي رستي ذريعي مين روڊ تي آياسين. ڳوٺ وچان گذرندي اسان ڏٺو تہ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو ٻاڙي مان ٻاجي (رڏل) وٺي پليٽ ۾ کڻي وڃي رهيو هو. اسان کي ڏسي تڪڙو تڪڙو لوڙهي ۾ داخل ٿي ويو. ٿر ۾ اڄ بہ رواج آهي تہ هڪ ٽاٽو ٻاڙي مان ساڳ وٺي بہ گُذارو ڪندا آهن. اها محبت صدين جي آهي جنهن کي شل ڪنهن جي نظر نہ لڳي. اسين تقريباً 05 وڳي ننگر پهتاسين، ڏاڍي رش هئي. ننگر جو ننڍڙو شهر، ڪارونجهر جي هنج ۾ هڪ حسين جزيري جهڙو ڏيک ڏيئي رهيو هو. سوڙهيون سوڙهيون گهٽيون، ننڍيون ننڍيون عمارتون، نمن جا وڻ، پولن مارڪيٽ وارا لانڊي نما ڏهيلا جن جي ڇتين تي ديسي نڙيا ڏنل آهن. اُهي ائين ترتيب سان رکيل آهن جو انهن مان پاڻي تري ويندو آهي. جيڪي ائين لڳي رهيا هُئا ڄڻ مٽي جي دِلن جا گُنا هُجن. ننگر ۾ سياحن جي رش هئڻ سبب هر شيءَ مهانگي ملي رهي هُئي، ماني کائڻ لئہ دل چيو پر هوٽلن تي اهڙي حالت هُئي جو ماني لئہ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو ٿي پيو. سو اسان ماني لئہ وقت وڃائڻ نٿي چاهيو. ڇو تہ اسان کي اڃا گهڻو ڪجھ گهمڻو هو. تنهنڪري اسان گرم گرم برياني تي گُذارو ڪيو. برياني جي 50 روپين ۾ پليٽ ملي رهي هُئي، جنهن ۾ مصالحو ۽ مرچ تہ ڳوليا بہ نٿي مليا. زوري نڙي مان هيٺ لاهي پاڻي پيتوسين. پڪوڙا وٺڻ لئہ وياسين، پر پڪوڙا مزي وارا نہ هئا. برياني کائي اسين لکڻ پارتي مندر گهمڻ لئہ وياسين. جيڪو تمام خوبصورت نهيل آهي. پٿر جون وڏيون وڏيون مورتيون رکيل آهن. سڄو مندر وٽن جي اوٽ ۾ هئڻ سبب تمام ٿڌو رهي ٿو. هتي مٺي پاڻي جو بہ بندوبست ڪيل هو. پوڄاري هڪ راجپوت هو جنهن اسان کي چانھ ماني جي دل سان صلاح ڪئي پر اسان وٽ وقت ٿورو هو. هٿ ٻڌي اجازت ورتيسين. هن مندر وٽ پٽياٽي ندي ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي جنهن جي باري ۾ پُراڻي پارڪر ۾ منگهارام اوجها لکي ٿو. ”جتي هينئر مندر نهيل آهي، اُتي اڳي هڪ الله لوڪ ٻاوو رهندو هو. هڪ دفعو ڏُڪار پوڻ ڪري ماڻهن وڃي هن وٽ عرض ڪيو تہ ٻاوا ڪا ديا ڪيو پوءِ اُن ٻاوي بہ ڏينهن بنان اَن پاڻي جي اُس ۾ ويهي تپسيا ڪئي جنهن تي راضي

ٿي رب ٻنان ٻوڙ برسات وسائي، جڏهن ڀٽياڻي ندي ڀرپور وهي آئي تڏهن ماڻهن چيو تہ ٻاوا هاڻ اُٿو ٻُڏي ويندا. پر هُو نہ اُٿيو ۽ جڏهن ندي لڪڻ ڀارتي ٻاوي وٽ پهتي تہ ٻن حصن ۾ ٿي ويئي ۽ ٻاوو بچي ويو. پوءِ ان جاءِ تي ماڻهن مندر ٺهرايو جنهن کي لڪڻ ڀارتي مندر چيو وڃي ٿو. مندر جي ٻاهريان هڪ ڪُراڙو سياح مليو جنهن اُردو ۾ چيو تہ اسان ڪراچي کان آيا آهيون، پُٽ هتي ڪهڙي جاءِ گهمڻ لائق آهي؟ مون وراڻيو چاچا هي سمورو جبل، هُو نہ سمجهيو وري ڇيائين ڪهڙو جبل؟ ڪٿي آهي؟ مون چيو ”چاچا هُو ڏس ساماهون هزار فُٽ اوچي ڳاٽ سان بيٺل ڪارونجهر جو جبل“ جنهن جو پٿر پٿر تاريخ جو تراشيل آهي، جنهن جي اوٽ ۾ انيڪ اهڙا آستان آهن جن کي ڏسي اکيون آسيس ماڻينديون آهن. هن جبل جي هنج مان وهندڙ نديون تہ ڏس. هُو ڏس جبل تان پاڻي ڪئين لهي رهيو آهي؟ مون وڌيڪ چيو تہ چاچا گهمڻو هجي تہ ”ساڙڏرو، انچليشور، گئومُکي، چندن گڊ، ناني گوڙا ۽ گوڙدرو ندي جا نرالا رنگ گهمي ڏسو پڪ سان اوهان کي پارڪر پسند ايندو. منهنجي وضاحت ٻُڌي هن جي اکين ۾ خوشي جا رنگ نکري پيا، ائين لڳو ڄڻ سفر جي ٿڪ ۾ مايوس مسافر کي منزل ملي ويئي هُجي.
ڪراڙي کي ڏس ڏيڻ کانپوءِ اسين اڳتي وڌياسين. هاڻي اسان کي اول انچليشور وڃڻو هو. رستو وروڪڙ وارو هو ۽ ٽتل بہ جام هو. رش هئڻ ڪري ٿوري مفاصلي لاءِ بہ وڏو وقت وڃائڻو پيو ٿي. انچليشور مهاديو ننگر جي اُتر اولهہ ڪُنڊ تي جبل جي هڪ خوبصورت ٽڪري تي واقع آهي. جتي هڪ ننڍڙو چشمو بہ آهي جيڪو هميشہ هيٺ طرف وهي ٿو ڇو تہ ٽڪري مٿان ٽيڙي آهي، هن چشمي جو پاڻي هندو ڌرم وارا گنگا جل سمجهي پيئندا آهن. هن چشمي ۾ سدائين پاڻي هوندو آهي. هتي هڪ ننڍڙو مندر ٺهيل آهي جنهن کي شو جو مندر چوندا آهن. هتي هڪ مسافر خانو بہ ٺهيل آهي.
انچليشور مهاديو جي آستان تائين پهچڻ لئہ 99 سيڙهيون ٺهيل آهن. جيڪي تمام ويڪريون آهن جن تي چڙهڻ تمام آسان آهي، سيڙهين جي اوپر طرف وڏي ڪاهي آهي، جنهن ۾ ڪري هڪ مختيارڪار مري ويو هو. جنهن جي باري ۾ روايت آهي تہ هُن جُتين سميت چڙهي مندر جو احترام نہ ڪيو هو. اُن مختيارڪار جي قبر بہ اُتي ئي ٺهيل آهي، انچليشور وٽ پهتاسين. مٿي چڙهي درشن بہ ڪيوسين، هتي بہ جبل جي خوبصورتي ڏسڻ

وٺان آهي. انچليشورجو پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ اسين اتان نڪتاسين. وري ننگر آياسين ڇو ته هتان سڌو ساڙڌرو جو رستو نه آهي، ننگر اچي وري رش ۾ ڦاسي پياسين، ٽريئفڪ جي نظام لئہ ڪو بہ بندوبست نه هو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هن شهر ۾ ڪا بہ سرڪاري ٽرئفڪ پوليس مقرر ٿيل نه هُئي ڇو ته اُتي جا دُڪاندار ڊرائيورن کي سمجهائي رهيا هئا. حڪومت جي وڏي بي ڌياني ننگر ۾ نظر آئي. بحرحال نيٺ شهر مان نڪتاسين. هاڻي اسين ساڙڌرو جي رستي تي هُئاسين جيڪو نانگ جي ور جيان وروڪڙ وارو هو ڇو ته هي سمورو رستو هڪ جابلو ندي جي وهڪري ۾ هو. تمام ٿڌي هوا لڳي رهي هُئي، ندي ۾ هلڪو پاڻي هلي رهيو هو ڇو ته تازو مينهن وٺل هو. جبل جي اوچين ٽڪرين مٿان پاڻي هيٺ تمام پياري نموني وهي رهيو هو جنهن کي ڏسي هزارين سياح حيرت ۾ پئجي رهيا هئا. چند منٽن ۾ اسين ساڙڌرو واري وڏي پٽ جي اوريان ٺهيل ٿلهي تي پهتاسين. جتي گاڏي بيهارڻي هُئي. اڳ ۾ بہ سوين گاڏيون بيٺل هيون، وڏا وڏا اسٽال لڳل هئا. چانهہ جون عارضي هوٽلون، مانڊيٽيون، ريڙها وغيره. اُتي جَڙِي ٻوٽين وارن جا بہ اسٽال نظر آيا. جيڪي ڪارونجهر مان پيدا ٿيندڙ جڙي ٻوٽين جو وڪرو ڪري رهيا هئا. جبل جي هڪ ڪاني ۾ ٻي هڪڙي ساوي ول هُئي جنهن کي پاڻي ۾ وجهڻ سان پاڻي ماکي جهڙو چڪنو ٿي پوندو آهي اُن جي باري ۾ اُهي ٻڌائي رهيا هئا ته اها ٻوٽي پاڻي ۾ ملائي پيئڻ سان معدو ڪڏهن بہ خراب نه ٿيندو. اسٽال تي جبل جي بصر بہ موجود هُئي جيڪا تمام زهريلي ٿيندي آهي جنهن جي باري ۾ وڪڻندڙ ٻڌائي رهيا هئا ته اگر ڪنهن کي وڇون ڪائي وڃي ته هي بصر وڇون جي ڏنگ تي رکڻ سان وڇون جو زهر ختم ٿي ويندو. ٻوٽين واري اسٽال ڪانپوءِ اسين لڪ تي پهتاسين هيٺ ڇا نگاهہ ڪيون. هزارين فوٽ هيٺ وهڻو هو جتان روڊ وارو ڪم هلي رهيو هو. سي سي بلاڪ روڊ ٺهي رهيو هو. هي پٽ بہ قدرت جو عجيب ڪرشمو آهي. سموري جبل جي وچ ۾ هزارين فوٽ اوچي واريءَ جي پٽ ڄڻ سمنڊ ۾ ڪو ٻيٽ هجي، پٽ کي روڊ وارن سوين فوٽ بلڊوز ڪيو آهي پر اجان بہ جام چڙهائي آهي. لڪ کان ساڙڌرو وارو مندر تمام ويجهو نظر اچي رهيو هو. پر جڏهن پيادل سفر ڪري اُتي پهتاسين تڏهن خبر پئي ته پنڌ ته اڙانگوءِ اوکو آهي پر جبل جي خوبصورتي ڏسي سمورو ٿڪ لهي ويو. هتي جيڪا جابلو

سونهن جلوا پيش ڪري ٿي. اهڙي شايد ئي ڪٿي هجي شام جو پهر هو ايڏو تہ سڪون هو جو دل چيو زعفراني پوشاڪ پائي ساڌو ٿي هميشہ لاءِ هتي رهي پئجي. شايد پاراشر رُشي بہ ان سڪون ۽ سونهن جي ڪري رڻ ڪڇ وارو سمنڊ پار ڪري هتي اچي ڏهہ هزار ورهيہ تپسيا ڪئي هُئي. پٽ تان هيٺ لهي جڏهن جابلو پٽ تي پهتاسين تڏهن اسانجي هڪ ندي آجيان ڪئي جيڪا ڏڪڻ مان اچي رهي هُئي. هلڪو هلڪو پاڻي هلي رهيو هو. تمام شفاف پاڻي هو. پلر جهڙي پاڪ پاڻي ۾ پير پُسائيندي، جبل جي ساوڪ کي اکين ۾ سمائي ساڙدرو مندر تي پهچي وياسين. اسان کي هڪ ڳالهہ تمام ناگوارا لڳي تہ ڪارونجهر جهڙي شاندار جبل جي تاريخي پٿرن تي ماڻهن پنهنجا نالا لکي ڇڏيا آهن. تہ ڪٿي پان جون پڪون اُڇلائي ڇڏيون آهن. پهرين مرگهي ڪُن وياسين، مرگهي ڪُن پاڻي سان ڀريل هُئي. اسان هندو عقيدي موجب اُن ۾ شنان ڪيو. اشرف ۽ رباني جبل گهمندا رهيا. روايت آهي تہ پاراسر نالي هڪ رُشي هندستان مان اچي هتي ڏهہ هزار ورهيہ تپسيا ڪئي هُئي، تپسيا جي دوران هن جي گهرواري جي سرير ۾ يوڳ ولاس(Sex) جي جُوارياتا اُٿلي پئي تڏهن هُن هڪ ڪبوتر هٿان سنديشو اماڻيو تہ يوڳيشور پاراسر کي چئجان، هاڻ ورڻ جي ڪر، رُت پياري آهي مور پپيها ٻولي رهيا آهن مونکي تنهنجي ڏاڍي سار اچي ٿي، ڪبوتر جڏهن پاراسر کي اهو نياپو ڏنو تڏهن يوڳي چيو تہ منهنجي تپسيا اجان پوري ناهي ٿي. ائين چئي هُن پنهنجي هٿ سان پنهنجو پارو (Semen Fluid) اُتاري ڪبوتر کي ڏنو تہ هي وڃي منهنجي گهرواري کي ڏئي، اُن مان هن جو سنتوش ٿي ويندو. ڪبوتر واپس جڏهن رڻ ڪڇ واري سنڌي وڏي سمنڊ مٿان اُڏامڻ لڳو تڏهن هڪ عقاب مٿان حملو ڪري وڌو عقاب جي حملي ۾ پاڻ کي بچائيندي ڪبوتر وٽان رشي وارو پارو سمنڊ ۾ ڪري پيو. جنهن کي هڪ مڇي ڳڙڪايو اُن مان مڇندار نالي هڪ خوبصورت ڇوڪري ڄائي جنهن کي مهاڻن پالي وڏي ڪئي. ڪبوتر جڏهن هٿين خالي وڃي پاراسر جي گهر پهتو ۽ سڄي ڳالهہ ٻُڌائي تڏهن پاراسر جي زال پنهنجي يوڳيشور پتي کي اهو سراپ ڏنو تہ تو مونکي تڙپايو آهي تون منهنجي سراپ (بددعا) مطابق پنهنجي پيٽ ڄائي ڌيءَ سان يوڳ ولاس (Sex) ڪندين. اُن پتي ورتا ناريءَ جو سراپ تڏهن سچ ٿيو جڏهن تپيسوي پاراسر جو تپ (عبادت) پورو

ٿيو. هڪ هڪ آڱر تي بيهي هڪ هڪ هزار ورهيہ تپسيا ڪندڙ پاراسر جڏهن واپس پنهنجي وطن موٽڻ لئہ سمنڊ جي ڪناري تي پهتو تڏهن مهاڻا ڪنهن ڪم ۾ رُڌل هئا ۽ هنن ڇيو تہ هي ڇوڪري ۽ توکي پار اُڪاريندي. ياد رهي تہ هي ڇوڪري مڇندرا هُئي، جيڪا ان يوڳيشور جي ئي سُٽ مان پيدا ٿيل هُئي. ڇوڪري جڏهن وچ سمنڊ تي پهتي تڏهن اُن جي سورج جهڙي سونهن جا شعاع تپيسوي جو تن برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ هُو هوشويا حُسن تي موهجي پنهنجي سموري ڪئن تپسيا وساري ويهي رهيو. مڇندرا جي ڇيلهہ تي هٿ گهمائيندي چوڻ لڳو اي مها سندري ٻاليڪا! مون سان وَر! اهڙو عجيب اصرار ٻُڌي مڇندرا حيرت ۾ پئجي ويئي ۽ سمجهائڻ لڳي تہ اي يوڳيسور ڏونئري ڏينهن جو ايڏو اڌرم؟

مگر پاراسر مُور نہ مڙيو. جڏهن هيڏو مهاپاپ ڪرڻ ڪانپوءِ هوش ۾ آيو تڏهن ڏاڍو مايوس ٿيو پر سواءِ پڇتاءُ جي ڪجهہ بہ نہ مليو. هو پنهنجي مُلڪ پهچي ڪنهن جوتشي وٽ ويو تہ هن گناهہ کان پاڪ ٿيڻ جو ڪو وسيلو آهي تڏهن جوتشي ڇيو تہ هندو ڌرم جا 68 تيرٿ (زيارتون) آهن اُنهن جو پاڻي گڏ ڪري اُن مان شنان ڪر. پوءِ هيءَ هڪ هڪ تيرٿ تي ويو ۽ اُن جو پويتر پاڻي ڪٽي ڪارونجهر ۾ هڪ ڪُن (ڪڏ) ۾ گڏ ڪندو ويو. جڏهن ايتري تڪليف ڪانپوءِ پاڻي گڏ ٿيو تڏهن اُن ۾ شنان ڪري پلر جهڙو پاڪ ٿجي واپس پنهنجي وطن ويو. ويندي ويندي ڪارونجهر کي اهو سراپ ڏيئي ويو تہ اڄ ڪانپوءِ تو ۾ ڪو بہ رُشي پيدا نہ ٿيندو. ياد رهي تہ هي مرگهي ڪُن اُها ئي آهي جنهن ۾ يوڳي 68 تيرٿ جو اُتم پاڻي پنهنجي هٿن سان اوتيو هو. ان ڪري هي تيرٿ ساڙڌرو ڌام تمام اُتم (اعليٰ) آهي. هن ڪُن تان مرگهي ڪُن نالو ان ڪري پيو جو هڪ هرڻي هن ڪن جي پاڻي وٽ موجوده وڻ ۾ اٽڪي مري ويئي هُئي جنهن جا هڏا هن ۾ ڪرڻ ڪري ڳري ويا هُئا ۽ اُن جي مُڪتي (ڇوٽڪارو) ٿي ويئي هُئي جنهن جو ٻيو جنم پاٽڻ ۾ هڪ سيٺ جي گهر ڇوڪريءَ جي روپ ۾ ٿيو. اُتي هن جو مٿو سدائين ڏکندو هو. هڪ ڏينهن ننگر جا ڪي واپاري منگ ڪٽي پاٽڻ پڏاريا. سيٺ منگ ورتا جڏهن سندس ڌي جيڪا پورب جنم ۾ هرڻي هُئي. اُن منگ ڪائيندي سُڃاڻي ورتا ۽ چوڻ لڳي تہ هي مُنگ تہ پارڪر جي ڦلاٽي ٻنيءَ جا آهن تڏهن سندس پيءُ حيرت ۾ پئجي ويو تہ هن کي ڪيئن خبر پئي؟ نيٺ

هڪ جوتشي وٽ ويو. اُن پنهنجي فلڪياتي مهارت مطابق ٻڌايو تہ هن جو اڳيون جنم پارڪر ۾ ٿيل هو ۽ هڪ هرڻي هُئي. جيڪا هڪ وڻ ۾ اٽڪي مري ويئي هُئي جنهن جو دڙ تہ ڪِري هڪ پاڪ پاڻي ۾ ڪريو پر مٿو اجان تائين وڻ ۾ اٽڪيل آهي ان ڪري مٿو ڏُکي ٿو ۽ هن مُنڱ ان ڪري سُڄاتا آهن. سيٺ جوتشي جي ڏنل ڏس مطابق ڪارونجهر جا پهاڙ لتاڙي نيٺ ان ڪُنڊ وٽ پهتو. ڏسي تہ مارا! واقعي هرڻي جي سسي ٽنگيل آهي هُن سسي پاڻي ۾ ڪيرائي تہ ڪِري ويئي، ان ڏينهن کان وٺي هن ڪُن جو نالو مرگهي ڪُن آهي ۽ هن پاڻي ۾ اهڙي غيبي طاقت آهي جو هڏا پل ۾ ڳريو وڃن. هندو عقيدي موجب مئل ماڻهن جا هڏا هن ۾ اچي ڳاريندا آهن تہ جئين مئل ماڻهو جي روح کي سڪون ملي. هر سال شوراتري جي مارچ مهيني ۾ لڳندڙ ميلي ۾ هن ڪُن ۾ تقريباً 10 مڻ انساني هڏيون (استيون) ڳاريندا آهن.. هن پاڻي جي سائنسي تحقيق ڪرڻ لازمي آهي.

اسين شنان پاڻي ڪري ڪُن مان ٻاهر نڪتاسين، پوءِ سيئي گڏجي ڪُن جي ڏکڻ طرف ننڍڙي ٽڪري تي موجود مندر گهماسين. جتي عورتون ۽ مرد گڏوگڏ شيوا ڪري رهيا هُئا. ڪُن جي اوپر مان بہ هڪ ندي وهي ٿي، جيڪا اُتر وڃي اڌ وچ پٽياڻي جو روپ اختيار ڪري ٿي. اسين ڪن وارو مندر گهمي پوءِ ساڙڏرو مندر تي آياسين جتي اسان ٻاوي هنس پُري جي مندر جو بہ درشن ڪيوسين. اُتي هڪ راجپوت ٻاوو بہ گڏيو جيڪو ڳوٺ ڪاروڙي پارڪر جو مالديو سوڍو هو. جنهن سان ڪچهري ڪئي سون. هُن چيو تہ رام جي نام سان لوري لڳڻ ڪانپوءِ پڳوئي پائي هتي اچي ويٺو آهيان. هاڻي منهنجو نالو هيرا پُري آهي. ساڙڏرو واري مندر جي حال ۾ ڪيسوٻاءِ سوڍي جي تصوير ڏسي اکيون پرجي آيون.

ساڙڏرو مندر جي اولهہ ۾ ٽڪرين تي ننڍا ننڍا مندر ٺهيل آهن. ساڙڏرو مندر ۾ چيٽن جي رک جو وڏو ڍير نظر آيو جنهن کي ڏونپ (هوَن) چوندا آهن. اُتي شايد روزانو ڏونپ ٿيندو آهي. ساڙڏرو جي ڏکڻ ۾ 02 ميل جي مفاصلي تي گئومکي آهي. جتي هڪ پٿر ڍڳي جي شڪل ۾ موجود آهي. جنهن مان سدائين پاڻي هيٺ هلي رهيو آهي. اسان بہ اوڏانهن وڃڻ چاهيو پر سج لهڻ ڪري ۽ پنڌ اڙانگو هئڻ ڪري نہ وڃي سگهياسين. آئون تہ اڳ بہ ڏسي آيو هئس پر دوستن هي ماڳ (گئو مُکي) نہ ڏٺو هو. گئو مُکي ۽ ناني گوڙا

جا پٿر ڏسي مون کي لڳو تہ هي سنگتراشي آهي. گذريل وقت جا سنگتراش وڏا ماهر هُئا. ساڙڏرو جي زيارت ڪانپوءِ هاڻي اسان کي واپس ورڻو هو. واپسي مهل جيڪا پٽ چڙهڻ ۾ تڪليف ٿي ايتري پوري سفر ۾ نہ ٿي. واري ۾ پير اڳتي وجهڻ بدران پوئتي ويا ٿي، 05 منٽ جو پنڌ اسان ڪلاڪ ۾ ڪيو. پٽ تي پهچي واپس نگاهہ ڪئي ساڙڏري واري سُونهن مان اکيون ڍاپيون نہ ڍاپن، پر وقت وڏو بي رحم آهي. سج جبل جي اوٽ ۾ اولهہ طرف اُلهڻ وارو هو. اسين ڪار ۾ ويهي واپس ورياسين. ڪجهہ مفاصلي ڪانپوءِ رستي جي وچ ۾ ننگر جي نزديڪ چندن گڊ تي موجود راڻا هميرسنگهہ جي ڪوٺڙي (اوطاق) تي بريڪ ڪيوسين. ڪوٺڙي جو دروازو بند هو. ليڪن اندر ماڻهو موجود هئا. دروازو کڙڪايو پر نہ کوليائون. سامهون ويهي ڏسي رهيا هئا. نيٺ مون چيو ادا پنهنجا آهيون دروازو کوليو، ڪوٺڙي جو ديدار ڪرڻو آهي. تڏهن کوليائون. ڪوٺڙي ۾ ڪجهہ دير ويناسين پاڻي ڏُڪ پيتو سين بحرحال اسان ڪوٺڙي وارن جو ”قرب“ ڏسي اُٿياسين ۽ اُن سخي راڻي جو گڊ گهمياسين جنهن هِن ساڳي جاءِ تي 24 سال سواسير سون خيرات ڪيو هو. جي ها گووندراءِ جو سپوت ڪنور راڻو چندن.

ڪري سگهيو نہ ڪو ريس ڪُلان جُهڪايا سيس،
ڏن اڳي ڏان ڪريو سوا سير سون، چندن برس چوويس.

راڻو چندن ڪوڙهہ جهڙي موذي مرض ۾ مُبتلا هئڻ سبب پنهنجو راج ڀاڳ ڇڏي سندس ناناڻن (ڪيرٿي) ۾ وڃي رهيو. ڪيرٿي جنهن کي ڪڙلي ننگر يا ڪيرنٿي گڊ بہ چوندا هئا. جنهن تي اُن وقت ڪيسر مڪواڻو راج ڪندو هو. جنهن جي جنگ عمرڪوٽ جي حاڪم همير سومري سان ٿي هُئي. عمرڪوٽ جي عياش حاڪم همير سومري سان جنگ ڪندڙ ڪيسر مڪواڻي جي راج ڪيرٿي جي هينئر ”ٻڏي چوڙي“ مگجياڻي پريوار جي هٿ هيٺ آهي. راڻي چندن جي شادي ڪرائيندڙ ۽ ڪوڙهہ جهڙي مرض مان نجات ڏياريندڙ سندس ساٿي ويري گوهيل بابت روايت آهي تہ هُو اصل ۾ هندستان جو هو. هڪ ڏينهن بارش پوڻ سبب اُن جي پاپي اُن کي طعنو ڏنو تہ ”وڃي ٻني جو بند ٻڌي اچ سڄو ڏينهن واندو وينو آهين حرام جا ٽُڪر کائي“ پاڇائي جي واتان کڙا ويڻ ٻُڌي، ويرو اُن ئي وقت ڪُلهي تي ڪوڏر

رکي ٻني جو ٻنڌ ٻڌڻ لئہ روانو ٿيو ٻني تي پهچي ڏسي تہ ٻنڌ اڳي ڪوئي ٻڌي رهيا هئا. تڏهن اُنهن کان پُڇيائين تہ اوهين ڪير آهيو؟ اُنهن وراڻيو تہ اسين تنهنجي ڀاڱ جو ڪرم (نصيب) آهيون. ڪهاوت آهي تہ ڪرمين جا پوٽ ڪمائين تڏهن ويري گوهيل پُڇيو تہ منهنجو ڪرم ڪٿي آهي؟ اُنهن وراڻيو تہ تنهنجو ڪرم پارڪر ۾ راڻو چندن آهي. پوءِ ويرو گوهيل سڌو ننگر آيو. ننگر اچي راڻي چندن جي پُڇا ڪئي، پُڇا ڪندي ڪندي نيٺ ڪيرتي پهتو. راڻو چندن ڪوڙهہ ۾ مُبتلا هو. ويري چيو آئون پنهنجي فقير دوست کان ان جو ڏس پُڇي تنهنجي ڪوڙهہ ختم ڪندس. ائين چئي ويرو پنهنجي درويش دوست وٽ ويو اُن چيو تہ پوڏيسر ۾ الک واوَ نالي کوهہ آهي اُن جو پاڻي ڀري اُن ۾ شنان ڪرايو پر پوڏيسر جا پُوت (جِن) اهو فعل ڪرڻ نہ ڏيندا. تون جنهن اُٺ تي چڙهي ويندين. اُتي اُن جهڙا هزارين اُٺ تي ويندا ۽ تنهنجو بُڻ بنياد ڪيدي ڇڏيندا. ويري چيو اهو مون تي ڇڏيو. ويري ڇا ڪيو جو پنهنجي اُٺ جي وات ۾ ڪٿوري وجهي وات ٻڌي ڇڏيو. رات جو ويو کوهہ مان پاڻي ڀري پوڏيسر ڪپ تي پهتو تہ ڏسي اُن اُٺ جهڙا هزارين اُٺ بيٺا آهن. مگر هُن ڪٿوري جي خوشبوءَ تي پنهنجو اُٺ سڃاڻي ورتو. پاڻي ڪاميابي سان ڀري وچڻ ڪانپوءِ ويري جي دوستي پوٽن سان وڌي وئي. الک واوَ جي شفا بخش پاڻي ۾ شنان ڪرڻ سان راڻي چندن کي ڪوڙهہ ڇڏي ويئي ۽ هُو موٽي پنهنجي راڄ ڀاڳ ۾ واپس آيو ۽ سانڌهہ چوويهہ ورهيہ سج اُڀرڻ مهل سواءِ سير سون دان ڪري پوءِ ڏندڻ پاڻي ڪندو هو.

ڇوڻ وارا چون ٿا تہ راڻي کي ڪوڙهہ ڇڏڻ ڪانپوءِ هُن ويري گوهيل کي پنهنجي سموري زمين ڏيئي ڇڏي تہ وڃي آباد ڪر. ويري گوهيل زمين آباد ڪئي ۽ پنهنجي ساٿي پوٽن سان صلاح ڪري جيسلمير جي ڀاٽي راجا جي وڏڪنور ڏيءَ کي رات وچ ۾ اغوا ڪري ڪٽي آيو ۽ راڻي چندن سان شادي ڪرايائين. شادي ڪرڻ ڪانپوءِ اها ڀٽياڻي راجپوتڻي اهڙي تہ وفادار هُئي جو نيٺ ستي ٿي ويئي. راوي روايت ڪن ٿا تہ ڀٽياڻي ايستائين ماني نہ کائيندي هُئي جيستائين راڻو نہ کائي. راجپوتن ۾ اڄ بہ اڪثر ڪري اهو رواج هلندو اچي تہ مُڙس کان اڳ ۾ زال ماني نہ کائيندي آهي. راڻو چندن ڪڏهن ڪمن ڪارن ٻاهر هوندو هو تہ هڪ جوتش وڏيا (علم فلڪيات) جو ماهر برهمڻ هن کي ٻڌائيندو هو تہ راڻي هاڻ ماني کاڌي آهي پوءِ راڻي

پٽياڻي ماني ڪائيندي هُئي. هڪ ڏينهن اُهو برهمڻ بيمار ٿي پيو ۽ هُن پنهنجي پُٽ کي موڪليو ته وڃ راڻي کي ٻڌائي ته راڻي ماني ڪاڏي آهي يا نه ان برهمڻ پٽياڻي جي پرک خاطر وڏو ڪوڙ ڳالهايو. هن امتحان ورتو ته راڻي واقعي پتي ورتا آهي يا نه. مڙوئي پئي ڊونگ ڪري, ڏسون ته ڪيترو ست اٿس, ائين سوچي هُن چيو ته اي پٽياڻي! راٺو رڻ ڀومي ۾ شهيد ٿي چُڪو آهي! راڻي دانهن ڪري ڪانيون گڏ ڪرائي, جيئري ستي چڙهڻ لڳي, جڏهن پوري ريت باهه وڪوڙي وئي تڏهن راٺو چندن به پهتو پر تيستائين پاڻي پار لنگهي چُڪو هو. ستي راڻي جو سون جهڙو جسم سمورو جلي خاڪ ٿي چڪو هو اهو لقاءُ ڏسي راڻي چندن رنج ٿي اُنهن برهمڻن کي پنهنجي ڪُل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جنهن جاءِ تي راڻي پٽياڻي ستي چڙهي هُئي, اُن جاءِ تان جيڪا ندي لنگهي ٿي اُن کي پٽياڻي ندي چوندا آهن.

اسان چندن گڍ گهمياسين, جيڪو هاڻي بلڪل تباهه ٿيل نظر اچي رهيو هو ڇو ته 1859ع ۾ ڪرنل ايونس جي ڪمانڊ ۾ ڊيسا فوج هن کي توپن سان تباهه ڪيو هو. ان ڪري جو ننگر جا سوڍا سڀئي گڏ ٿي هن ئي مورچي تان گورن سان مهاڏو اٽڪائيندا هُئا.

چــندن گــڍ چاوو ڪــريو جوڌي مــچــائي جنگ,
لــڙيو ســاٽ ڪلياڻ رو اوئان راجــپوتان نان رنگ,
رنگ ڪلا رنگ مهاسينگ رنگ, رنگ سگڙي رهاڻ.

چندن گڍ ۾ گڏ ٿي جيڪي سوڍا لڙيا هُئا, انهن جي بهادري جا قصا اڄ به ننگر ۾ ڳائجن پيا. چندن گڍ گهُمڻ کانپوءِ اسان راڻا هميرسنگهه واري ڪوٽڙي جي ڏکڻ طرف وياسين جتي جبل جي وچ تي هڪ ماتاجي جو مندر ٺهيل آهي, اُن مندر جي ٻاهران هڪ ٿلهو ٺهيل آهي جنهن جي باري ۾ چون ٿا ته ان مندر جي اڳيان ان ٿلهي تي ويهي راٺو چندن انصاف ڀريا فيصلا ڪندو هو.

هتي اسان ڪي سج لهي ويو. هاڻي ننگر وڃڻو هو. ننگر ۾ ڪُجهه دير ترسي پوءِ پورڻ واهه پارڪر ۾ ڪيسوڀاءِ جي پوٽي بادشاهه جي اوطاق تي وياسين. جنهن اسانجو دلي آڌرڀاءُ ڪيو, تمام گهڻي عزت ڏني. اسان جو آڌر ڀاءُ ته انهن ساون وٽن به ڪيو جن کي ڪيسوڀاءِ پنهنجي هٿن سان پوکي ويو

هو. جيڪي هاڻي جهونا ٿي ڏهلا ڏار پڪيڙي ڇانودار درخت ٿي چُڪا آهن. اوطاق وڏي ڪُشادي ٿهيل هُئي پر ان کان بہ وڏي ڪُشادي بادشاهہ جي دل هُئي جنهن اسان کي بي پناهہ پيار ڏنو. اوطاق جي اڱڻ ۾ تمام گهڻا خوبصورت وڻ پوکيل آهن. هن اوطاق ۾ ايڏي ٿڌي هوا لڳندي آهي جو جون جولاءِ ۾ بہ ماڻهو رلي بنان سُمهي ناهي سگهندو. اسان بہ ماني کائي پوءِ ڪچهري ڪندا رهياسين، ٿڌي هوا جي هندوري ۾ روح کي روليندي ننڊ جي آغوش ۾ لهي وياسين. واهہ جي ننڊ ڪئيسين. صبح جو 09 وڳي اُٿياسين. شنان پاڻي ڪري پوءِ ننگر آياسين، ننگر ۾ اول روپلهي ڪولهي جي مزار جي حاضري ڀرڻ وياسين، امر روپلو ڪولهي سوڍن جو اُهو دلير سپاهي هو جنهن وفاداري جو عظيم مثال قائم ڪيو هو. هُن گورن کي پنهنجي راڻن جو قطعي ڏس نہ ڏنو ۽ پنهنجو ساهہ ڏيئي ويساهہ قائم رکيو. هُن کي طرحين طرحين جا ايذاءُ ڏيئي انگريزن 23 آگسٽ 1859ع ۾ ڪارونجهر جي هنج ۾ ٻبر جي وڻ ۾ ڦاهي ڏني. اڄ ڏينهن تائين ڪولهي ٻبر جو ڏندڻ ناهن ڪندا. اسان روپلي کي سلام ڪيوسين ۽ پوءِ وياسين تروٽ واري ٽلهي تي، جنهن کي سر ڪرڻ ۾ اسان کي تقريبن مُنو ڪلاڪ لڳي ويو. ڪارونجهر جي وڏي ۾ وڏي ٽڪري تي موجود هي 50 فُٽ ويڪرو ٽلهو انگريز تروٽ ٺهرايو هو. جيڪو گرمين جي موسم ۾ هتي ويهي ٿڌيون هوائون کائي هندستان جو ديدار ڪندو هو. جنهن کي ويراواهہ جي حاڪم لڌوسنگهہ نڪر جي پُٽ اُڌيسنگهہ ڏينهن جا تارا ڏيکاري پنهنجي راجپوتاڻي روايت برقرار رکندي پومي جو ڀرم رکيو هو. هن تي چڙهڻ کانپوءِ رڻ ڪڇ کان وٺي الائہ ڪيترن ڳوٺن جو ديدار ڪري سگهجي ٿو. ڪجهہ دير ديدار ڪرڻ کانپوءِ اسان هيٺ لٿاسين. هاڻي اسانجي منزل هُئي ڪاسبو ڪاسبو جنهن جو حُسن ڏسڻ لئہ هزارين ماڻهو هر سال پنڌ ڪن ٿا. هن نگري جي نرالي سُونهن ۽ سُڳنڌ ۾ الائہ تہ ڪهڙي ڪشش سمايل آهي جو هر سال من جو بي لغام گهوڙو ايڏانهن وڃڻ تي انگل ڪريو بيهہ رهي. ننگر کان ڏکڻ طرف ويندڙ رستو ڏيئي وياسين. ڪاسبي جي ويجهو تي ڪلوميٽر تائين رستو بلڪل ڪچو آهي. پٿر جهڙي واريءَ آهي جنهن تي موٽرسائيڪل ۽ ڪار هلائڻ تمام مشڪل ڪم آهي پر اسان وٽ مهراڻ ڪار هُئي جيڪا واري مان صحيح نڪري ويئي. اسان جوڪاسبي جي

سُونهن ڏسڻ لئہ من تڙپيو ٿي ۽ سُونهن واقعي اسانجي آجيان ڪئي، نمن جا گهاٽا وڻ، ڪوئيل جي ڪُوڪُو، ساوين ساوين ٻنيون، مورن جي ملهاري، پلر جهڙو منو پاڻي، ليمن جا وڻ، زيتون جا وڻ، انبن جا وڻ، ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ ڪونج ڳچين واريون ڪامڻيون، هيڏو سارو حُسن ڏسي اکيون خوش ٿي ويون. دل چوڻ لڳي تہ ڪاسٻا شل ڪارونجهر جيڏي ڄمار ماڻين. اسين ڳوٺ جي وچان ڪچو رستو ڏيئي مندر لئہ هلندا رهياسين. رستي جي ٻنهي پاسي گهر هئا. گهرن کي ٻير جي ڏنگهرن جا وڏا وڏا لوڙها ڏنل هُئا. لوڙهن مان ليئا ائين لڳي رهيا هئا ڄڻ ڪارونجهر تي ڏيئا! دل خوشيءَ ۾ جهومندي پُراڻي مندر پُڄي ويئي. هي اُهو مندر هو جنهن ۾ هڪ نابين درويش يوسف فقير رهندو آهي. هُو صبح جو سوير پنهنجن ساٿين سميت باجا ۽ طبلا کڻي هن مندر جي اڱڻ ۾ رلي وڇائي الک ٻيڙو تار منهنجو واري صدا هڻي سنڌ جي صدين پُراڻي صوفيازم واري روايت کي برقرار رکندي پنهنجي فن جي شروعات ڪندو آهي. اسان مندر پُڄي اول نمسڪار ڪيو. اشرف ۽ رباني مندر جي اڏاوت ۽ اُن ۾ موجوده مورتيون ڏسي رهيا هُئا.. مندر جي اڱڻ ۾ چار جا وڏا وڻ ٻيٺل هُئا ۽ مورن جا بہ ميلا هُئا. اسان مندر جو ديدار ڪري فقير يوسف وٽ آياسين جنهن اسانکي ڍاٽڪي ۾ ڏورو اهڙو تہ ٻڌايو جو دليون پرجي آيون. فقير کي داد ڏيئي اسان واپس ورياسين، ڪاسٻي جي سموري سونهن اکين جي ڪيمرائن ۾ قيد ڪري، ساروڻيون دل جي ڪتاب تي لکي واپسي لئہ نڪري پياسين. ننگر مان واپس ورندي اسان ڏٺو تہ رستي جي ٻنهي پاسي وڻن جي ڇانو ۾ سوين سياح اڄان بہ موجود هئا جيڪي ننگر جي سائي ڌرتي جي سُڳند ماڻڻ خاطر ڪچي ۾ وڻن هيٺ ويٺا هُئا. ننڍڙا ٻارڙا بہ گڏ هُئا جن جون سِڀُو سان خراب ڪيل شلوارون سندس مائرون ڌوئي رهيون هيون. وڏو ميڙ متل هو. سوين سياح برياني رڌي ۽ کائي رهيا هُئا، ننگر گهمڻ پري کان آيل سياح کاڌي پيتي کان وٺي سمهڻ تائين سموري سامان جو بندوبست ڪري آيا هُئا، انهن کي شايد بہ ٽي ڏينهن ترسڻو هو. سفر ۾ پنهنجي هٿ جي رڌل شيءَ کائڻ جو واقعي پنهنجو مزو آهي. هنن ڏينهن ۾ ننگر جي سيمن ۾ ماڻهن جا ميلا ڏسي ائين لڳو ڄڻ جهنگل ۾ منگل هجي. دل چيو تہ سدائين شل ائين ئي ننگر جي ڌرتي ماڻهن جي مُرڪن سان آباد هجي. ننگر پهچي چانهہ چُڪو پي، وري بہ سفر جاري

رڪيوسين. واپسي ۾ ويري ريٻاري جو آباد ڪيل شهر ويراواهہ بہ ڏسڻو هو سو سانگا جو ڪنارو وٺي اوپر ويندڙ رستي تان ويراواهہ ڏانهن وياسين. رستي ۾ ڪجلاسر تلاءِ ڏسڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي سين پر ناڪامي سواءِ ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيو. ڪجلاسر جا فقط نشان رهيا آهن. هي تلاءِ هڪ جيني سيٺ ڪاجل شاهہ ٺهرايو هو. هن تلاءِ ۾ پاري ننگر جون پدمڻيون صبح جو سوير پنهنجا گُلابي مُک ۽ ڪجلا نيڻ ڌوئڻ اينديون هيون. جيني جوان وينگسون پن پاتلين اکين ۾ ايڏو ڪجل اوتينديون هيون جو ڪجلاسر جي پاڻي تي ڪجل جا ڇمر ڇائينجي ويندا هُئا. هڪ ڏينهن ويراواهہ جو هڪ مغرور سوڍو پنهنجو گهوڙو پيارڻ هن تلاءِ تي آيو پر سهڻين اکين تان اُتاريل ڪجلين جي ڪجل سبب گهوڙي پاڻي نہ پيتو تڏهن سُونهن جي ويري سوڍي انهن پاري ننگر جي پدمڻين کي اوچا ويڻ آچيندي اهو چيو تہ پيپي پاڻي بگاڙيو پرو (وڏن پيٽن وارين پاڻي ڦٽائي ڇڏيو). اهڙن ڪڙن ويڻن جا تير اُنهن پدمڻين جي پاڪ سينن ۾ پروندجي ويا ۽ اُهي هميشہ جي لاءِ ڪجلاسر کان رُسي ويون. چوڻ وارا چون ٿا تہ ان ڏينهن کان وٺي اج ڏينهن تائين ڪجلاسر ڪڏهن بہ موج ۾ نہ آيو. لڳي ٿو تہ تلاءِ بہ انهن ساحر اکين جو عاشق هو جيڪي روز هن ۾ اچي ڪجل سان آرتي اُتارينديون هيون. انهن اکين جو رسامو تلاءِ کي بہ راس نہ آيو ۽ هو هميشہ لاءِ پٽرن ۾ پرويش ڪري ويو. ڪجلاسر جي قتل آثارن جا درد ڪٺي اسين پاري ننگر جي پُراڻن پٽن تي پهتاسين. لوياڻي گڊ جا اُجڙي ويل آثار ڏسي اهي جيني اوسواڙا ياد آيا جيڪي راجپوتن کان رُسي هميشہ لاءِ هند هليا ويا. روايت آهي تہ هڪ ڏياري جي رات دارون جي نشي ۾ ڌُت راجپوتن جيني اوسواڙن کي اوچا ويڻ چئي ستايو ۽ هُو سڀ ڪجهہ منيءَ ماٽ ۾ سموئي ڏياري رات ٻرندڙ ڏيئا ڇڏي ڏُکندڙ اندر سان لوياڻي گڊ کي هميشہ لاءِ الوداع چئي هليا ويا. ويندي ويندي پنهنجي وطن کي الئہ کهڙو سراپ ڏئي ويا جو هي هيرن ۽ موتين جي واپار جو مرڪز شاهوڪار شهر پڙپانگ ٿي ويو ۽ هاڻي رڳو پٽر بچيا آهن. پاري ننگر جي پٽن تي گهمندي اُن ستي سارنگا جي سار بہ سينو سيڪيندي رهي جيڪا سڏونت جي ساهُن ۾ هرڻي جيان هلندي هُئي. سڏونت سارنگا جي عشق ۾ وڏي سچائي هُئي جيڪي وڇڙي جڏهن مليا تڏهن هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويا. سارنگا جي سهڻي وطن کي ڏسي اڳتي

وڏياسين ۽ ويراواهه ۾ بريڪ ڪيوسين. ويرواهه جي ننڍڙي شهر ۾ چانهه ڍُڪو پي هتي جو مشهور مائو ورتوسين ۽ ڪجهه پلن ۾ واپس ورياسين. واپسي ۾ ويراواهه چيڪ پوسٽ وارن صرف گاڏي جو نمبر لکيو ته جيئن تصديق ٿي سگهي ته جيڪا گاڏي ننگر وئي سا واپس وئي يا نه.. ويراواهه پوسٽ ڪراس ڪرڻ ڪانپوءِ ڏاني دانڏل ڪان ٿي سڌا اسلام ڪوٽ آياسين. جتي رٽائرڊ ماستر ڪيتسنگهه ڏانڏل وٽ ماني ڪاڌيسين. ماني ڪانپوءِ وياسين سنت نيٽورام آشرم جيڪو تمام وڏو نهيل آهي. هتي هر سال ٻڏي ۾ ميلو لڳندو آهي. هن آشرم ۾ لنگر نياز هلي رهيو هو. پکين لئه پاڻي جون ڪونڊيون ۽ داڻن جا ٿلها نهيل هئا. جن ۾ ڪيئي پکي چُوڻ چُڳي رهيا هُئا هتي وڏا ڪانگ به موجود هُئا جن کي ڍاٽڪي ۾ ڊوڏ چوندا آهن. آشرم جي ٻاهران گارڊ بيٺل هو. آشرم ۾ تمام وڏو ستسنگ هال نهيل هو. نيٽورام جون وڏيون وڏيون مورتيون لڳل هُيون، اُتي هڪ ٻُڍڙو مُراد فقير وينل هو جنهن اسان کي تمام پيارا ڪلام ٻُڌايا. اُن سان به ڪچهري ٿي. آشرم گهُمڻ ڪانپوءِ مٺي لئه نڪري پياسين، رستي ۾ ڳوٺ مالٺهور ويٺا وٽ موجود درويش ڇتو فقير جي درگاهه تي اسان گاڏي بيهاري، سج اولهه طرف اُلهي رهيو هو اسين درگاهه اندر داخل ٿياسين، درويش جي سلامي ڀري فوٽو ڪڍياسين، درگاهه تمام سهڻي نموني سنگ مر مر جي پٿرن جي نهيل آهي. هن ڳوٺ جو اصل نالو مالٺهور پوتاريو هو. چوڻ وارا چون ٿا ته هن ڳوٺ ۾ ايترا ڀوت "جن" هوندا هُئا جو ڪير رهي نه سگهندو هو. پوءِ هن ڇتو فقير نالي درويش ڀوتن کي ڀڄائي ڪڍيو. درگاهه جو ديدار ڪري روانا ٿياسين چند منٽن ۾ مٺي پُهتاسين شام ٿي ويئي....

هاڻي اسانجي دعوت ڳوٺ لکميار ۾ جالم سنگهه وٽ هُئي، لکميار ۾ ماتا جي جو وڏو مندر نهيل آهي جنهن ۾ هر سال مانگهه مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي. جالم سنگهه جي دعوت ڪائي لکميار مان ٻئي ڏينهن شام جو نڪتاسين. وچ تي ڳوٺ هوٿيئر جي ترائي جو درشن ڪيوسين، جتي ٽر جي سادڙي سُونهن ٻلهڙن سان ٻهه ٻهه ٻري ۽ تري رهي هُئي. اسان ڪن پل ترائي جي ڪپ تي پنڊ پهڻ ٿي سونهن کي اکين ۾ سمائيندا رهياسين ۽ پوءِ اُتان نڪتاسين. هاڻي سنگت منهنجي ڳوٺ هلڻ جو اسرار ڪيو. مٺي کان شام جو نڪتاسين ڏيپلو کان سڌا منهنجي ڳوٺ، رات جو ڪچهري

ڪئيسين. جهڙو حال حبيبان تحت مون بہ ماني ڪارائي. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير شنان پاڻي ڪري، ناشتو ڪيوسين. پوءِ منهنجي ڳوٺ کان اڳيان 03 ڪلو ميٽر تي آباد ڳوٺ ڊونڊڙي وارو لوڻ جو سن گهماسين، جيڪو تازين برساتن سبب سمنڊ جهڙو ڏيک ڏيئي رهيو هو. سن گهمڻ کانپوءِ هُو پنهنجي ماڳ ڏي واپس ويا ٿي، سو مون پنهنجي ٻني ٻنداريو وٽ اُنهن کان موڪلايو. سنگت ٻاڪر پائي ملي، ڪلي گاڏي ۾ ويئي گاڏي رواني ٿي منهنجي دل تي سائينداد ساند جون هي سٽون تري آيون تہ:

هٿ اکين تان ڪٽان هُو تنهن کان اڳي!
موڙ اُڪري وڃن تہ ڏاڍو سُٺو.



منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو
امر رائيسنگھ راجپوت
سامروٽي پبليڪيشن مٺي
امر ٿر جو اهو مور آهي جنهن برسات لاءِ سڪندڙ مور جيان پنهنجي لڪٽين وارا ٺهوڪا ٿر جي پٽن تان ڏنا آهن. جن ٺهوڪن ۾ سڪ آهي سوز آهي، فراق آهي تہ فرياد بہ آهي. ٿر جي ڪڻ ڪڻ ۾ وڻ وڻ جي درد ڪٿا آهي. جنهن ۾ ملڪ جي مور ماڻهن ڪي مختلف ڪردارن ۾ ڏسي پسي سگهجي ٿو. اهي مور ڪٿي خوشيءَ مان ڪيڙا ڪري رهيا آهن تہ ڪٿي پنهنجي پيرن سامهون ڏسي روئي رهيا آهن.
ڪلاڌر مُتوا
(ٻني- ڪڇ)